REG NO. 3833
ABC Certified
روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سکر
www.dailysindhyar.com
sindhyarskr@gmail.com
(جلد 02) ڇنڇر23 مارچ 2024 ع بمطابق12 رمضان المبارڪ1445ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو:298

ريڪوڊڪ منصوبي سان بلوچستان جي ترقي جي نئين دور جي شروعات ٿيندي: شهباز شريف

ريڪوڊڪ منصوبي جي فزيبلٽي هن سال جي آخر تائين مڪمل ڪئي ويندي، ريڪوڊڪ منصوبي تي ڪم ڪرڻ جي لاءِ مقامي ۽ بلوچستان ڊوميسائيل جي ماڻهن کي ترجيح ڏني پئي وڃي: وفد

بيرڪ گولڊ ڪارپوريٽ سماجي ذميواري تحت ريڪوڊڪ جي ويجهو ٽي اسڪولز قائم ڪيا آهن، بيرڪ گولڊ پاران هيستائين سئو ماڻهن کي فني تربيت فراهم ڪئي وئي آهي جن ۾ عورتون به شامل آهن

حڪومت سيڙپڪارن جي سهولت لاءِ هر ممڪن قدم کڻي رهي آهي، ريڪوڊڪ منصوبي سان صوبي جي ترقي ۽ ماڻهن جي خوشحالي جي لاءِ نئين دور جي شروعات ٿيندي: وزيراعظم

بلوچستان ۾ مواصلات ۾ انفراسٽرڪچر خاص طور ريلوي لائين جي حوالي سان رٿابندي ڪئي وڃي، چاغي ضلعي ۾ ٽيڪنيڪل يونيورسٽي جي قيام جي حوالي سان حڪومت ۽ بيرڪ گولڊ گڏجي ڪم ڪري سگهن ٿا

ريڪوڊڪ منصوبو بلوچستان ۽ علائقي جي ترقي جي لاءِ گيم چينجر ثابت ٿيندو، ان منصوبي سان صوبي جي ترقي ۽ ماڻهن جي خوشحالي جي نئين دور جي شروعات ٿيندي: اجلاس ۾ ڳالهيون

اسلام آباد (م ڊ) وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو آهي ته حڪومت سيڙپڪارن جي سهولت لاءِ هر ممڪن قدم کڻي رهي آهي. ريڪوڊڪ منصوبو بلوچستان ۽ علائقي جي ترقي لاءِ گيم چينجر ثابت ٿيندو، ان منصوبي سان صوبي جي ترقي ۽ ماڻهن جي خوشحالي جي لاءِ نئين دور جي شروعات ٿيندي. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب اهڙن خيالن جو اظهار هن بيرڪ گولڊ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف سان بيرڪ گولڊ جو وفد ملاقات ڪندي

ناڻي واري وزارت ايندڙ مالي سال جي وفاقي بجيٽ جي تياري شروع ڪري ڏني

اسلام آباد (م ڊ) ناڻي واري وزارت ايندڙ مالي سال جي وفاقي بجيٽ جي تياري شروع ڪري ڏني، ذريعي مطابق ترجيحاتي ڪميٽي جا اجلاس ناڻي وزارت جي اسپيشل سيڪريٽري جي صدارت هيٺ 30 مارچ تائين جاري رهندا. ڪميٽي ايندڙ مالي سال جي وفاقي ڪرنٽ ۽ ترقياتي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

يو ايس ايڊ ٻوڏ سبب متاثر اسڪولي عمارتن جي تعمير ۾ سهڪار ڪري: سيد مراد علي شاهه

اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو ته يو ايس ايڊ ۽ پي اينڊ ڊي ڊپارٽمينٽ وچ ۾ الڳ الڳ اجلاس ٿيندو، جنهن ۾ ٻوڏ متاثر اسڪولن جي تعمير ۽ غذائي ڪوٽ جي منصوبن تي ڳالهه ٻولهه ڪئي ويندي

گوگل ڪراچي ۾ ٽريفڪ مينيجمينٽ پروگرام شروع ڪرڻ چاهي ٿو (آمريڪي قونصل جنرل) سنڌ حڪومت ان سلسلي ۾ گوگل سان مڪمل تعاون ڪندي: وڏو وزير

ٻوڏ سبب سنڌ ۾ 21 لک گهر متاثر ٿيا آهن، پنج هزار گهرن جي تعمير لاءِ فنڊز جاري ٿي چڪا آهن، هڪ هزار گهرن جي تعمير مڪمل ٿي چڪي آهي: سيد مراد علي شاهه

ماءُ جي ٻارن جي غذائيت تي سنڌ ۾ ڪم ڪرڻ چاهيون ٿا (يو ايس ايڊ) حڪومت سماجي تحفظ جو ڪاتو قائم ڪيو آهي، سوشل ويلفيئر کاتي پاران غذائي ڪوٽ بابت منصوبي تي ڪم شروع ڪري ڇڏيو آهي: وڏو وزير

يو ايس ايڊ سنڌ ۾ تعليم جي شعبي ۾ ڪجهه نوان منصوبا کڻي آيو آهي (وڏو وزير) يو ايس ايڊ موسمياتي تبديلي جي منصوبي کي تعليم ۾ آڻڻ چاهي: يو ايس ايڊ جو مشن ڊائريڪٽر

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير مراد علي شاهه چيو آهي ته سنڌ حڪومت ڪراچي ۾ ٽريفڪ مئنيجمينٽ پروگرام ۾ گوگل سان مڪمل تعاون ڪندي. سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سان آمريڪي قونصل جنرل ڪانراڊ ٽربل ملاقات ڪئي. ڪراچي ۾ ٿيل اجلاس ۾ ڊائريڪٽر يو ايس ايڊ مشن، چيئرمين پي اينڊ ڊي ۽ ٻين شرڪت ڪئي. ان موقعي تي سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

ڪراچي: وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سان آمريڪي قونصل جنرل ملاقات ڪري رهيو آهي

ڪيش بئلنس بهتر آهي، حڪومت سمورو قرض وقت سر ادا ڪندي: ناڻي وزير

پاڪستان هلندڙ سال 3 سئو ملين ڊالرز پانڊا بانڊز جاري ڪندو ۽ اهي بانڊز چيني مارڪيٽ ۾ جاري ڪيا ويندا

شروعاتي طور 250 کان 300 ملين ڊالرز جا بانڊز جاري ڪيا ويندا، ادائيگين سبب پاڪستاني ڪرنسي تي دٻاءُ نه پوندو

اميد آهي ته ريٽي جو ملهه مستحڪم رهندو ۽ ايندڙ مالي سال دوران ترقي جي شرح بهتر رهندي

اسلام آباد (م ڊ) ناڻي واري وزير محمد اورنگزيب چيو آهي ته ڪيش بئلنس بهتر آهي، حڪومت سمورو قرض وقت سر ادا ڪندي ۽ ادائيگين سبب پاڪستاني ڪرنسي تي دٻاءُ نه پوندو. بلوم برگ رپورٽ موجب، ناڻي واري وزير جو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03



علي امين گنڊاپور ٻاهر ڊائلاگ هلندو آهي ۽ اندر وڃي منٿون ڪندو آهي: فيصل ڪريم ڪنڊي

سينيٽ چونڊن کان پوءِ حڪومت سازي جو عمل مڪمل ٿي ويندو، حڪومت جي ڪوشش آهي ته عوام کي وڌ کان وڌ رليف ڏنو وڃي

مخصوص سيٽن تي حلف برداري لاءِ ڪي پي اسيمبلي جو اجلاس نه پيو گهرايو وڃي، عدالتن سان رابطو ڪيون پيا

اسلام آباد (م ڊ) پ پ اڳواڻ فيصل ڪريم ڪنڊي چيو آهي ته سينيٽ چونڊن کان پوءِ حڪومت سازي جو عمل مڪمل ٿي ويندو، حڪومت جي ڪوشش آهي ته عوام کي وڌ کان وڌ رليف ڏنو وڃي. اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

صوبائي وزير عذرا فضل پيچوهو پاران جناح اسپتال ۾ پوليو هيرو هما اشرف جي عيادت

هما اشرف پوليو پروگرام ۾ ڊيوٽي جو فرض ادا ڪندي ٽرين حادثي ۾ ٽنگن کان المناڪ طور تي محروم ٿي وئي هئي

ڊاڪٽر عذرا فضل پيچوهو پاران پوليو ورڪر هما اشرف کي سنڌ حڪومت جي طرفان 10 ملين روپيا ڏنا

هما جو علاج بغير ڪنهن رڪاوٽ جي جاري رهندو ۽ هو پوليو پروگرام ۾ پنهنجي ملازمت برقرار رهندي: ڊاڪٽر عذرا

ڪراچي (رپورٽر) صحت واري صوبائي وزير ڊاڪٽر عذرا فضل پيچوهو پاران جناح اسپتال ڪراچي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

ڪراچي: صوبائي وزير عذرا فضل پيچوهو زخمي هيلٿ ورڪر کي چيڪ ڏئي رهي آهي

هلندڙ مالي سال جا پهريان 8 مهينا، پاڪستان 6 ارب 67 ڪروڙ 80 لک ڊالر ٻاهرين قرض ورتو

ڪراچي (رپورٽر) هلندڙ مالي سال جي پهرين 8 مهينن ۾ پاڪستان 6 ارب 67 ڪروڙ 80 لک ڊالر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

وزيراعظم محمد شهباز شريف سان نيشنل پارٽي جي وفد جي ملاقات

بلوچستان ۾ قانون ۽ انصاف جي صورتحال ۽ نوجوانن جي مسئلن جي حوالي سان ڳالهه ٻولهه

وزيراعظم پاران بلوچستان جي نوجوانن کي سمورين سهولتون فراهم ڪرڻ جي عزم جو ورجاءُ

اسلام آباد (م ڊ) وزيراعظم محمد شهباز شريف سان نيشنل پارٽي جي وفد ملاقات ڪئي. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

پي آئي اي جي نجڪاري جون تائين ٿي ويندي، قانوسازي ٿي چڪي آهي، مصدق ملڪ

اسلام آباد (م ڊ) پيٽروليم بابت وفاقي وزير ڊاڪٽر مصدق ملڪ چيو آهي ته پاڪستان انٽرنيشنل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

پ پ چيئرمين پاران ڊي آءِ خان ۾ سيڪيورٽي فورسز تي حملي جي مذمت

تشدد جي بزدلاڻي حرڪت ذريعي اسان جي سيڪيورٽي فورسز کي نشانو بڻايو ويو: بلاول ڀٽو زرداري

قوم جي دفاع ۾ شهيد جوانن جي بهادري کي هميشه احترام سان ياد رکيو ويندو

ڪراچي (رپورٽر) پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ڊي آءِ خان ۾ سيڪيورٽي فورسز جي قافلي تي آپگهاتي حملي جي مذمت ڪئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

جيل سپرنٽينڊنٽ جو عمران جي سندس وڪيلن سان آن لائين ملاقات ڪرائڻ کان انڪار

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ عمران خان سان وڪيلن جي ملاقات لاءِ داخل درخواست تي ٻڌڻي، ايس ايس پي اڊيالا جيل عدالت ۾ پيش ٿيو

رولز ۾ آن لائين ملاقات جي اجازت ناهي، ٽريٽ الرٽس سبب 12 مارچ کان ملاقاتن تي بندش آهي: سپرنٽينڊنٽ جيل

پنجاب جي وزيراعليٰ ڪوٽ لکپت جيل ۾ آن لائين ملاقاتن جو اعلان ڪيو، رولز ۾ اجازت ناهي ته اتي غيرقانوني ڪم ڪيئن شروع ٿي ويو؟

اسلام آباد (م ڊ) اڊيالا جيل جي سپرنٽينڊنٽ عمران خان جي سندس وڪيلن سان آن لائين ملاقات ڪرائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي جسٽس سردار اعجاز اسحاق خان عمران خان سان وڪيلن جي ملاقات لاءِ داخل درخواست /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

اڳوڻي جج شوڪت عزيز صديقي جي برطرفي جو فيصلو ڪالعدم قرار

سپريم جوڊيشل ڪائونسل طرفان شوڪت عزيز صديقي جي برطرفي کي غيرقانوني قرار ڏنو وڃي ٿو: تفصيلي فيصلو

11 آڪٽوبر 2018 تي وزيراعظم جي سفارش تي صدر جي برطرفي جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ان کي به ڪالعدم قرار ڏنو وڃي ٿو

شوڪت صديقي رٽائرڊ جج اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۽ سمورين مراعتن ۽ پينشن جو حقدار هوندو، پينشن سميت سمورين مراعتون ملنديون

اسلام آباد (م ڊ) سپريم ڪورٽ جسٽس شوڪت عزيز صديقي جو سپريم جوڊيشل ڪائونسل جو برطرفي وارو فيصلو ڪالعدم قرار ڏئي ڇڏيو. سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس جي سربراهي ۾ جسٽس امين الدين، جسٽس جمال مندو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

پاڪستان ڏهاڙي ۽ عيد تي قيدين لاءِ رعايت، سزائن ۾ گهٽتائي

صدر آصف زرداري آئين تي سزائن ۾ گهٽتائي جي منظوري ڏني

قتل، جاسوسي ۽ رياست مخالف سرگرمين وارن قيدين کي سزا ۾ رعايت نه ملندي

اسلام آباد (م ڊ) صدر آصف علي زرداري پاڪستان ڏهاڙي ۽ عيد الفطر جي موقعي تي منظوري ڏئي ڇڏي. صدر سزائن ۾ گهٽتائي جي منظوري آئين جي آرٽيڪل 45 ۽ رولز آف بزنس جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

آءِ ايم ايف جي شرطن موجب معيشت کي دستاويز شڪل ڏيڻ جو فيصلو

ٽئڪس نيٽ وڌائڻ لاءِ ڊيٽا ويئرهائوس جي تياري تي ڪم جاري آهي: ذريعا

لاڳاپيل ڊيٽا کي استعمال ڪرڻ جو اختيار ڪرڻ جو ايف بي آر وٽ هوندو

اسلام آباد (م ڊ) عالمي مالياتي اداري (آءِ ايم ايف) جي شرطن موجب معيشت کي دستاويزي شڪل ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. ذريعن موجب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ڊي آءِ خان ۾ سيڪيورٽي فورسز جي قافلي تي آپگهاتي حملو، ٻه جوان شهيد

21 مارچ تي آپگهاتي بمبار گاڏي فورسز جي قافلي سان ٽڪرائي: آءِ ايس پي آر

حادثي ۾ 38 سالن جو نائب صوبيدار ياسر شڪيل ۽ 34 سالن جو سپاهي طاهر نويد شهيد ٿي ويا

بزدلاڻي حملي جي ذميوارن کي انجام تائين پهچايو ويندو، دهشتگردي جي لعنت کي ختم ڪرڻ لاءِ پرعزم آهيون

راولپنڊي (م ڊ) ڊيرا اسماعيل خان ۾ سيڪيورٽي فورسز جي قافلي تي آپگهاتي ڌماڪو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

اسلام آباد: وفاقي وزير خواجا آصف اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

ڪراچي ۾ ڦورن جي فائرنگ سان 8 ورهين جي اسرار جي قتل جو ڪيس داخل

ڪراچي (رپورٽر) سهراب ڳوٺ جي علائقي جي 8 ورهين جي اسرار جي قتل ۽ 20 ورهين جي عباس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

هوائي اڏن جي آئوٽ سورسنگ ۽ پي آءِ اي جي نجڪاري بابت ڪميٽي قائم

دفاع ۽ هوابازي واري وزير جي سربراهي ۾ ڪميٽي قائم ڪئي وئي، نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو

ڪميٽي ايئرپورٽ مئنيجمينٽ جي آئوٽ سورسنگ جو جائزو وٺندي ۽ پي آءِ اي جي نجڪاري بابت معاملن جي نگراني ڪندي

پرڏيهي وزير، نجڪاري وارو وزير، نجڪاري بابت سيڪريٽري، ڊپٽي چيئرمين پلاننگ ڪميشن ۽ سيڪريٽري هوابازي به ڪميٽي جو حصو

اسلام آباد (م ڊ) وفاقي ڪابينا جي منظوري ڪانپوءِ ايئرپورٽ آئوٽ سورسنگ ۽ پاڪستان انٽرنيشنل ايئر لائنز (پي آءِ اي) جي خانگيڪرڻ لاءِ ڪميٽي جوڙي وئي آهي. دفاع ۽ هوابازي واري وزير جي سربراهي ۾ ڪميٽي قائم ڪئي وئي جنهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12



سائفر ڪوڙ هو ته پوءِ عمران خان کي سزا ڇو ڏني وئي: علي امين گنڊاپور

وزيراعظم شهباز شريف پاڻ فارم 47 وارو آهي هن سان چونڊ نتيجن واري معاملي تي ڳالهايان

اسد مجيد کي گهرائي پڇا ڪئي وڃي ته ڳالهيون ناهن ٿيون ته سائفر ڪنهن آماڻيو، ڊونلڊ لو جيڪڏهن سچ ڳالهائي رهيو آهي ته سائفر ڇا هو؟

اسلام آباد (م ڊ) خيبرپختونخوا جي وڏي وزير علي امين گنڊاپور چيو آهي ته وزيراعظم شهباز شريف پاڻ فارم 47 وارو آهي هن سان چونڊ نتيجن واري معاملي تي ڇا ڳالهايان. اسلام آباد جي عدالت ۾ ضمانت لاءِ پيشي جي موقعي تي ميڊيا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

پاڪستان ڏهاڙي ۽ عيد تي قيدين لاءِ رعايت، سزائن ۾ گهٽتائي

صدر آصف زرداري آئين تي سزائن ۾ گهٽتائي جي منظوري ڏني

قتل، جاسوسي ۽ رياست مخالف سرگرمين وارن قيدين کي سزا ۾ رعايت نه ملندي

اسلام آباد (م ڊ) صدر آصف علي زرداري پاڪستان ڏهاڙي ۽ عيد الفطر جي موقعي تي قيدين جون سزائون نوي، نوي ڏينهن گهٽائڻ جي منظوري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

فوجي عدالتن خلاف انٽرا ڪورٽ اپيلون ٻڌڻي لاءِ مقرر

جسٽس امين الدين خان جي سربراهي ۾ 6 رڪني بئنچ معاملي تي ٻڌڻي ڪندي

جسٽس محمد علي مظهر، حسن اظهر رضوي، شاهد وحيد، مسرت هلالي ۽ عرفان سعادت بئنچ ۾ شامل

اسلام آباد (م ڊ) سپريم ڪورٽ فوجي عدالتن خلاف انٽرا ڪورٽ اپيلون ٻڌڻي لاءِ مقرر ڪري ڇڏيون. سپريم ڪورٽ ۾ 25 مارچ تي اپيلن تي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

عمران خان ۽ شاهه محمود جي پروڊڪشن جي درخواست منظور، 20 اپريل تي پيش ڪرڻ جو حڪم

ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ جي جوڊيشل مئجسٽريٽ مريد عباس پاران عمران خان ۽ ٻين خلاف پارليامينٽ حملي ڪيس جي ٻڌڻي

اڊيالا جيل جي سپرنٽينڊنٽ ڪنهن به عدالت جو حڪم نٿو مڃي، سپرنٽينڊنٽ کان حڪم تي عمل ڪرايو وڃي: وڪيل

اڊيالا جيل ۾ انٽرنيٽ هلي ٿي، جيل سپرنٽينڊنٽ پي ٽي آءِ باني کي وڊيو لنڪ تي آڻڻ کان ڪيٻائي رهيو آهي

اسلام آباد (م ڊ) اسلام آباد جي مقامي عدالت عمران خان ۽ شاهه محمود قريشي جي پروڊڪشن درخواست منظور ڪندي ڪيس ويهه اپريل تي پيش ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو اسلام آباد جي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ جي جوڊيشل مئجسٽريٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

پاڪستان ۽ چين وچ ۾ سي پيڪ فيز ٽو کي تيز ڪرڻ تي اتفاق

احسن اقبال سان پاڪستان ۾ مقرر چين جي سفير جيانگ زي ڊونگ وفد سان ملاقات ڪئي

پنج نين اقتصادي راهدارين تي هڪ ورڪنگ گروپ قائم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو

اسلام آباد (م ڊ) رٿابندي واري وفاقي وزير احسن اقبال سان پاڪستان ۾ مقرر چين جي سفير جيانگ زي ڊونگ وفد سان گڏ ملاقات ڪئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ پاران ڊيره اسماعيل خان ۾ خودڪش حملي جي مذمت

اسلام آباد (م ڊ) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ ڊيره اسماعيل خان ۾ سيڪيورٽي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

اسلام آباد: اسپيڪر اياز صادق سان گڏيل عرب امارتن جو سفير ملاقات ڪندي

ملو پورو ٿيڻ کان اڳ ڪراچي ۾ 300 ايم جي ڊي پاڻي جي اضافي کي يقيني بڻائينداسين: مرتضيٰ وهاب

ڪراچي ۾ پاڻي جي طلب ۽ رسد ۾ وڏو فرق آهي، واٽر ڪارپوريشن نجي شعبي ۾ تعاون سان ڪري سگهجي ٿو

پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ ڪراچي جي اڳتي وڌڻ جو رستو آهي، اسين واٽر ڪارپوريشن جي سڌارڻ تي يقين رکون ٿا

اسان جي حڪومت گندي پاڻي کي ٻيهر استعمال ڪرڻ ۽ ريسائڪلنگ مڪمل ڪرڻ ۾ برتري حاصل ڪئي آهي

ڪراچي (رپورٽر) ميئر ڪراچي ۽ چيئرمين واٽر ڪارپوريشن بئرسٽر مرتضيٰ وهاب چيو آهي ته هو ميئر طور پنهنجو مدو پورو ٿيڻ کان اڳ ڪراچي ۾ 300 ايم جي ڊي پاڻي جي اضافي کي يقيني بڻائيندو، ميئرشپ جو مدو 19 جون 2027 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

ڪراچي: ميئر ڪراچي پاڻي بابت تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

روس ۽ چين سلامتي ڪائونسل ۾ حماس جي مذمت تي ٻڌل آمريڪي قرارداد ويٽو ڪري ڇڏي

ڪراچي (م ڊ) روس ۽ چين گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي ولاريل فلسطين جي مزاحمتي تنظيم حماس جي مذمت واري مطالبي تي ٻڌل آمريڪي قرار داد ويٽو ڪري ڇڏي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ڪي پي حڪومت ايشيائي ترقياتي بئنڪ جي 282 ارب رپين جي قرضي

بي آر ٽي سميت 10 منصوبن لاءِ 138 ارب 388 ملين ارب رپيا ورتا ويا

آبپاشي منصوبن لاءِ 21 ارب 67 ڪروڙ 70 لک رپيا قرض ورتو ويو

پشاور (م ڊ) خيبرپختونخواهه حڪومت ايشيائي ترقياتي بئنڪ جا 282 ارب رپين کان وڌيڪ جي قرضي آهي، دستاويزن موجب صوبائي حڪومت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 33

پاڻي ۽ جو عالمي ڏينهن جي موقعي تي واٽر ڪارپوريشن پاران واڪ ڪيو ويو

واڪ ۾ اسڪول جي استادن ۽ شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري قومي جهنڊا ڦڙڪائي پاڪستان زنده باد جا زوردار نعرا هنيا

واٽر ڪارپوريشن پاڻي جو عالمي ڏينهن ڪراچي واٽر سمت "امن لاءِ پاڻي" جي عنوان تحت وڏي جوش ۽ جذبي سان ملهائي رهي آهي: سي اي او

ڪراچي (رپورٽر) پاڻي جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي واٽر ڪارپوريشن پاران ڪارساز جي مين آفيس کان شاهراهه فيصل جي سروس روڊ تائين 'واڪ' جو اهتمام ڪيو ويو، واڪ جي اڳواڻي سي اي او واٽر ڪارپوريشن انجنيئر سيد صلاح /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

ڪراچي: واٽر ڪميشن پاران پاڻي واري ڏينهن تي نڪتل واڪ جو ڏيک

ٻاهرين ملڪ ويندڙن مسافرن کان ڪروڙين روپين جي منشيات هٿ

ڪراچي (رپورٽر) ايئرپورٽ سيڪيورٽي فورس ملتان، ڪراچي، سيالڪوٽ ۽ اسلام آباد ۾ ڪارروايون ڪري ملڪ کان ٻاهر ويندڙ مسافرن کان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

تاحيات نااهلي جو مدو 5 سال ڪرڻ جي خلاف درخواست خارج

ٻڌڻي دوران وفاقي حڪومت جي وڪيل درخواستن جي مخالفت ڪئي

لاهور (م ڊ) لاهور هاءِ ڪورٽ پارليامينٽ ۾ سچي چمار لاءِ نااهلي جو مدو 5 سال ڪرڻ جي خلاف درخواست خارج ڪري ڇڏي. لاهور هاءِ ڪورٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 34

آءِ ايم ايف جو پيٽرول تي ليوي 60 رپيا ۽ جي ايس ٽي به بحال ڪرڻ جو مطالبو

مقامي طور تي تيار ڪيل سگريٽن تي ايڪسائيز ڊيوٽي جي هڪ ئي شرح لاڳو ڪئي وڃي

ماحول ۾ گدلاڻ پکيڙيندڙ مشينري تي پيٽروليم ڊولپمينٽ ليوي لڳائڻ جي تجويز ڏني آهي

اسلام آباد (م ڊ) آءِ ايم ايف حڪومت کي تجويز ڏني آهي ته پيٽرول تي ليوي 60 رپيا ۽ پيٽرول تي مارچ 2022ع ۾ ختم ڪيل 18 سيڪٽر جي ايس ٽي به بحال ڪئي وڃي. آءِ ايم ايف جو چوڻ آهي ته مقامي طور تي تيار ڪيل سگريٽن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

هاڻ ميرٽ ۽ ڪارڪردگي جي بنياد تي پاڪستان ڪرڪيٽ ٽيم ٺهندي: محسن نقوي

لاهور (م ڊ) نيوزيلينڊ ڪرڪيٽ ٽيم جي پاڪستان جي دوري جي سلسلي ۾ تربيتي ۽ فٽنس ڪئمپ لاءِ رانديگرن جي چونڊ تي پي سي بي جي چيئرمين محسن نقوي اختيارين سان تفصيلي مشاورت ڪئي آهي. پاڪستان ڪرڪيٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

مسلسل واڌ ڪانپوءِ ملڪ ۾ سون هزارين رپيا سستو ٿي ويو

في تولي سون جي قيمت 4200 رپيا لاٿ ٿي: آل پاڪستان جيولرز ايسوسيئشن

ڏهه گرام سون 3600 رپيا سستو ٿيڻ ڪانپوءِ 1 لک 95 هزار 645 رپين جو ٿي ويو

ڪراچي (م ڊ) ملڪ ۾ سون جي اڳهه ۾ مسلسل واڌ کان پوءِ اڄ وڏي لاٿ رڪارڊ ڪئي وئي آهي. آل پاڪستان جيمز اينڊ جيولرز ايسوسيئشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 35

سنڌ بلوچستان ۾ ڏينهن جو گرمي پد هورين هورين وڌڻ جو امڪان آهي: موسميات کاتو

سنڌ جي راڄڌاني واري شهر ڪراچيءَ ۾ چوويهه ڪلاڪن دوران آسمان صاف رهڻ جو امڪان آهي

گذريل 24 ڪلاڪن دوران گهٽ ۾ گهٽ گرمي پد 24.4 سينٽي گريڊ رڪارڊ ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) موسميات کاتي سنڌ ۾ گرمي جي شدت ۾ واڌ جو امڪان ظاهر ڪيو آهي. موسميات کاتي مرجب، سنڌ بلوچستان جي ڏکڻ وارن ضلعن ۾ ڏينهن جو گرمي پد هورين هورين وڌڻ جو امڪان آهي، موسميات کاتي جو چوڻ آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

حماس ـ اسرائيل ڳالهين جو ڪنهن نتيجي تي پهچڻ ڏکيو ضرور آهي پر ناممڪن ناهي: آمريڪا

آمريڪي پرڏيهي وزير انٽوني بلنڪن جي پي ايل او جي ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جي اڳواڻ حسين الشيخ سان به ملاقات

اسرائيل ۽ غزا وچ ۾ سمورن رستن کي بحال ڪيو وڃي ته جيئن امدادي سامان جي پهچ آسان ٿئي: عرب پرڏيهي وزير

رفح ۾ اسرائيل جو وڏو فوجي آپريشن غلطي هوندي، حماس سان وڙهڻ لاءِ فوجي آپريشن کان سواءِ ٻيا به ڪرڙ طريقا آهن: انٽوني بلنڪن

قاهرا (م ڊ) قاهرا ۾ عرب ملڪن جي پرڏيهي وزيرن ۽ آمريڪي پرڏيهي وزير وچ ۾ ملاقات ٿي آهي جنهن دوران غزا ۽ رفح جي تازي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. عرب ميڊيا جو چوڻ آهي ته آمريڪي پرڏيهي وزير انٽوني بلنڪن سان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

اسلام آباد: وفاقي وزير عليم خان سان وفاقي وزير اويس لغاري ملاقات ڪندي

نئين چونڊن لاءِ فهرست جاري، لاهور مان حماد اظهر ۽ مونس الاهي جا نامزدگي ڪاغذ رد

اين اي 119 ۽ پي پي 164 تان پي ٽي آءِ اڳواڻ حماد اظهر جا نامزدگي ڪاغذ رد ڪيا ويا

اين اي 119 تان علي پرويز ۽ شهزاد فاروق سميت 12 اميدوارن جا ڪاغذ منظور ڪيا ويا

پ پ 158 تان مونس الاهي جا نامزدگي ڪاغذ رد ڪيا ويا، 27 اميدوارن جا ڪاغذ منظور

اسلام آباد (م ڊ) اليڪشن ڪميشن نئين چونڊ لاءِ لاهور مان قومي اسيمبليءَ جي هڪ ۽ صوبائي اسيمبلي جي ڇهن سيٽن تي نامزدگي ڪاغذن بابت ڇنڊڇاڻ وارو عمل مڪمل ڪري ورتو. اليڪشن ڪميشن نامزدگي ڪاغذن جي ڇنڊڇاڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 32

"توهان جي نااهلي سبب ضلعي انتظاميا تي تنقيد ٿي رهي آهي" :ڊي سي بدين پاران عملدارن کي ڇنڊ

ڊپٽي ڪمشنر بدين پاران روڊن ۾ ناقص مٽيريل جي استعمال ٿيڻ جو نوٽيس وٺندي عملدارن کي ڇنڊ پٽي

ايگزيڪيوٽو انجنيئر هاءِ وي عبدالقيوم ميمڻ پاڻ روزانو جي بنياد تي اسڪيمن جو دورو ڪندو: عبدالفتاح هليو

اعلي ڪوالٽي جو پٿر استعمال ڪري روڊ کي جلد ڪارپيٽ ڪيو وڃي مٽيريل جي ڪوالٽي ڪابه نرمي نه ڪئي ويندي

بدين (رپورٽر: مرتضي ميمڻ) ڊپٽي ڪمشنر بدين ضلع جي هائي ويز کاتي طرفان زير تعمير روڊن ۾ ناقص مٽريل جي استعمال ٿيڻ جو نوٽيس وٺندي کاتي جي انجنيئر کي ڇنڊ پٽيندي چيو ته توهان جي نااهلي سبب ضلعي انتظاميا/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

بدين: ڊي سي عبدالفتاح هليو ترقياتي اسڪيمن جي حوالي سان اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

صوبائي وزير جيل خانن جي صدارت هيٺ اجلاس، مهانگائي ۽ ٻين معاملن تي ڳالهيون

مئنيجمينٽ ڪميٽي شهيد بينظير آباد ڊويزن جو اجلاس ڪمشنر آفيس جي ڪميٽي روم ۾ ٿي گذريو

ذخيره اندوزي ۽ منافعي خوري کي روڪڻ لاءِ صوبائي وزيرن کي ذميواريون سونپيون ويون آهن: علي حسن زرداري

ڊيلر يا ذخيرو ڪندڙن مٿان هڪ لک روپيا، دڪاندارن مٿان 20 هزار ۽ ريڙهن وارن تي 10 هزار روپين جو ڏنڊ لڳايو ويندو

سڪرنڊ (رپورٽر راج ڪمارواڙ) صوبائي وزير جيل خانو علي حسن زرداري جي صدارت هيٺ وزير اعلي سنڌ پاران قائم ڪيل ڊويزنل پرائيس مينيجمينٽ ڪميٽي شهيد بينظير آباد ڊويزن جو اجلاس ڪمشنر آفيس جي ڪميٽي روم ۾ ٿي گذريو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

سکر ۾ سماجي برائين ۾ ملوث جوابدارن خلاف ڪريڪ ڊائون جاري آهي: پوليس ترجمان

سکر (رپورٽر امداد علي گل ڪلوڙ) سکر پوليس جي ترجمان محمد بخش بلوچ پاران جاري ڪيل بيان موجب ايس ايس پي سکر عابد علي بلوچ جي هدايت تي سماجي برائين ۾ ملوث جوابدارن خلاف ڪريڪ ڊائون جاري آهي، سکر پوليس پاران مختلف علائقن ۾ ڪارروايون ڪيون آهن جنهن ۾ ايس ايچ او ٿائي قادرپور جي حد ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

سکرنڊ: صوبائي وزير جيل علي حسن زرداري اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

گهارو ويجهو پمپ هائوس ڪالوني روڊ تي هٿيارٻندن هٿان صحافي عابد قريشي جو پاءُ قتل

هٿيارٻند مخدوم عابد قريشي جو پاءُ نوجوان مخدوم عبدالخالق قريشي کي قتل ڪري فرار ٿي ويا

مقتول جو لاش پوليس گهارو سول اسپتال منتقل ڪيو، گهارو مقتول جي وارثن پاران نيشنل هاءِ وي تي ڌرڻو

سي آءِ اي انچارج ممتاز بروهي وارثن کي قاتل گرفتار ڪرائڻ جي خاطري ڪرائي جنهن بعد احتجاج ختم ڪيو

گهارو (رپورٽر: بشار جوکيو) گهارو ويجهو پمپ هائوس ڪالوني روڊ تي نامعلوم هٿيارٻندن پاران نيشنل پريس ڪلب گهارو جي ميمبر صحافي مخدوم عابد قريشي جو پاءُ نوجوان مخدوم عبدالخالق قريشي کي قتل ڪري فرار ٿي ويا/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

خانپور مهر پرپاسي وارن علائقن ۾ گهوٽڪي پوليس پاران ڌاڙيلن جي گرفتاري لاءِ ڪارروايون

ڌاڙيلن جي گرفتاري پوليس جون ڪارروايون، 10 ڌاڙيلن جي گهرپٽ، 5 شڪي ماڻهن کي حراست ورتو ويو

ضلعي مختلف ٿاڻن ياروڙ لنڊ، داد لغاري، جروار ڌرڪي، ميرپور ماٿيلو سميت ٻين ٿاڻن جي پوليس ڪارروائي ڪئي

سبحان عرف ٽيڊي، محرم پتافي، لقمان پتافي، ڊوليو پتافي، اختر پتافي، شاهن بوزدار سميت 10 ڄڻن جا گهر ڊاهي پٽ

خانپورمهر (رپورٽر: آفتاب سيال) خانپورمهر پرپاسي وارن علائقن ۾ گهوٽڪي ضلعي جي پوليس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ٽنڊو محمد خان جي نصير آباد پاڙي ۾ ڪچي شراب جي ڀٽي تي ايڪسائيز جي ڪارروائي

ٽنڊومحمدخان (ڊر ايم علي بروهي) ٽنڊومحمدخان شهر جي نصيرآباد پاڙي ۾ ڪچي شراب جي ڀٽي تي ايڪسائيز نارڪوٽڪس/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

خانپور مهر: ڪچي ۾ آپريشن دوران پوليس اهلڪار الرٽ بيٺل آهن

نوشهرو فيروز بزم پاڪستان سوسائٽي سنڌ يونيورسٽي ڪيمپس پاران 23 مارچ تي تقريب

معراج فاطمه، دعا رسول، سمي، سومرو ۽ عصامه. اقبال ڊائريڪٽر اسٽيڪس ميمونه ميمڻ شريڪ ٿيا

23 مارچ 1940ع جي قرارداد پاڪستان جي هيرن کي خراج تحسين پيش ڪرڻ لاءِ تقريب منعقد

تافشين ميمڻ ۽ ٻين اعزازي مهمانن سميت استادن ملازمن ۽ شاگردن تمام وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي

نوشهروفيروز (رپورٽر: منظور ملڪ) نوشهروفيروز بزم پاڪستان سوسائٽي سنڌ يونيورسٽي ڪيمپس نوشهرو فيروز طرفان جشن يوم پاڪستان ملهايو ويو ضلع چيئرمين سهيل اختر عباسي جي شرڪت بزم پاڪستان سوسائٽي سنڌ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ملير ۾ شاهنواز شر ڳوٺ گرلز ڪاليج ۽ ووڪيشنل سينٽر سميت پارڪ جي زمين تي قبضن وارو معاملو

سماجي اڳواڻ اقبال حسين چنا جي اڳواڻي ۾ وفد پاران پ پ جي ايم اين اي عبدالحڪيم بلوچ سان ملاقات

سيد احمد شاهه ڪاظمي غلام سرور جوکيو سيد حزب الله شاهه بخاري ۽ ٻين قبضو ختم ڪرائڻ جي اپيل ڪئي

وڏي وزير سيد مراد علي شاهه کي پڻ آگاهه ڪندس ۽ ڪوشش ڪندس ته جلد قبضو ختم ڪرايون: عبدالحڪيم بلوچ

ملير (رپورٽر فاروق پنگوار) شاهنواز شر ڳوٺ گرلز ڪاليج ۽ ووڪيشنل سينٽر سميت پارڪ جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ٽنڊو محمد خان ۾ رمضان جي پلاري ۾ هٿرادو لوڊشيڊنگ خلاف احتجاجي مظاهرو

ٽنڊو محمد خان (ڊرايم علي بروهي) رمضان جي پلاڙي ۾ هٿرادو لوڊشيڊنگ مارڪيٽ ڪميٽي ته هيڄ بجلي لوڊشيڊنگ گئس لوڊشيڊنگ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

ملير: سياسي سماجي اڳواڻن جو وفد پ پ اڳواڻ عبدالحڪيم بلوچ سان ملاقات ڪري رهيو آهي

سڪرنڊ سميت مختلف علائقن ۾ ڊوائيز مافيا پاران مستحق عورتن جي وظيفي مان ڪٽوتي جاري

انڪم سپورٽ جي ڪٽوتي جون وڊيوز سوشل ميڊيا تي وائرل ٿيڻ باوجود انتظاميا خاموش تماشائي بڻيل

مستحق عورتن جي هلنڊز قسط مان هڪ هزار کان 2 هزار روپيا ڪٽوتي وارو عمل رڪجي ناهي سگهيو آهي

ڊوائيز مافيا ڪٽوتي جي شڪايتن رلائي رهيا آهن. هنن مطالبو ڪيو ته نوٽيس وٺي جلد ازالو ڪيو وڃي: شهري

سڪرنڊ (رپورٽ راج ڪمارواڙ) سڪرنڊ سميت مختلف علائقن ۾ ڊوائيز مافيا پاران مستحق عورتن جي وظيفي مان غيرقانوني ڪٽوتي جو سلسلو رڪجي نه سگهيو. ڪٽوتي جون وڊيوز سوشل ميڊيا تي وائرل ٿيڻ باوجود انتظاميا خاموش/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

اوباوڙو لڳ ڳوٺ سلطان گنگل ۾ جهيڙي ۾ زخمي ٿيل نوجوان فوت، لاش رکي احتجاجي مظاهرو

گنگل برادري ۾ ڪجهه مهينا اڳ پاڻي جي واري تان جهيڙي ۾ زخمي ٿيل عبدالرزاق گنگل دم ڏئي حوالي ڪيو

لاش گهر پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو، وارثن جو عورتن مردن لاش رکي احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي

جوابدارن کي بااثر وڏيري جي پشت پناهه آهي اسان غريب مسڪين آهيون اسان سان ظلم ٿي ويو آهي: مظاهرين جون ڳالهيون

اوباوڙو (رپورٽ غلام علي رند) اوباوڙو لڳ ڳوٺ سلطان گنگل ۾ گنگل برادري ۾ ڪجهه مهينا/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

سانگهڙ پوليس پاران ڪارروايون، 02 ڦورو گرفتار 02 ٽي ٽي پسٽل هٿ ڪرڻ جي دعوي

سانگهڙ (رپورٽر) منشيات فروشن ۽ ڌاڙيلن خلاف موثر ڪارروايون چرس جا 02 ڊيلر گرفتار 2270 گرام چرس ۽ سوين گٽڪا پڙيون هٿ ڪيون/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

اوباوڙو: ڳوٺ سلطان گنگل واسي لاش رکي انصاف لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

ٽنڊو محمد خان اڳوٽو ڊپٽي ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر محمد حنيف پٽي لاڏاڻو ڪري ويو

ٽنڊو محمد خان (ڊ رايم علي بروهي) تعليم کاتي جو اڳوٽو ڊپٽي ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر محمد حنيف پٽي 65 ورهين جي چار ۾ دل بيهڻ سبب لاڏاڻو ڪري ويو، مرحوم ٽنڊو محمد خان جي تعليم کاتي ۾ سپروائيزر، تعلقه ايجوڪيشن آفيسر کاتيو ڊپٽي ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر جي عهدي جا فرائض سرانجام ڏئي رٽائرمينٽ ڪئي هئي، مرحوم کي سنڌس/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ڪمال ديرو پوليس پاران سنيپ چيڪنگ دوران چوري ٿيل موٽر سائيڪل هٿ ڪرڻ جي دعوي

چيڪنگ دوران چوري ٿيل موٽر سائيڪل ڳوٺ ڪمن مهيسر لڳ هٿ ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي وئي

امن امان جو ماحول برقرار رکڻ ۽ عوام جو تحفظ ڪرڻ اسان جي اولين ترجيح فرض ۾ شامل آهي: ايس ايچ او

نوشهرو فيروز (رپورٽر: منظور ملڪ) ڪمال ديرو پوليس سنيپ چيڪنگ دوران چوري ٿيل موٽر سائيڪل ڳوٺ ڪمن مهيسر لڳ هٿ ڪرڻ جي دعوا اصل مالڪ عبدالرشيد ڪلهوڙو حوالي ايس ايچ او ممتاز ڪاٺڙ هدايتن ته ايس ايس پي جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

محمد عمران خان هڪ ڀيرو ٻيهر ايس ايس پي ٺٽي جي چارج سنڀالي ورتي

مختلف علائقن، پوليس ٿاڻن، 15 مدد گار بيس اسٽيشنز جو سرپرائيز دورو ڪيو

موجود پوليس آفيسرن ۽ جوانن کي چيڪ ڪيو ۽ ڪين مختلف هدايتون پڻ جاري ڪيون

ٺٽو (رپورٽر: جاويد لطيف ميمڻ) ايس ايس پي ڊاڪٽر محمد عمران خان هڪ ڀيرو ٻيهر ايس ايس پي ضلعي ٺٽي جي چارج سنڀالي ورتي چارج/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

سڪرنڊ جي سيال پاڙي ۾ بجلي جي ٽرانسفارمر کي اوچتو باهه لڳي وئي

باهه جا شعلا ايترا ته تيزهئا جو ويجهو وارن گهرن ۾ موجود ماڻهو ٻاهر نڪري آيا

عطا محمد سيال، الهه بچايو پيٽي، ڪامران رند، فتح محمد سيال ۽ ٻين پاران احتجاج

سڪرنڊ (رپورٽر: راج ڪمارواڙ) سڪرنڊ جي سيال پاڙي ۾ بجلي جي ٽرانسفارمر کي اوچتو باهه لڳي وئي. باهه جا شعلا ايترا ته تيز هئا جو ويجهو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

نوان جتوئي شهر جي ملوڪ بازار ڪوسا محلا جي رهواسڻ پاران ڏيرن خلاف احتجاجي مظاهرو

نصيبان زال الهه بخش، پير بخش اڪبر ڪوسو مولا بخش آصف ڪوسو ۽ غيبي خان خلاف مظاهرو ڪيو

مڙس جي ڪڪائي گهر ۾ رهان ٿي ۽ ڏکين حلتن ۾ پنهنجي ٻن نياڻين جي پرورش ڪئي آهي: نصيبان

نوشهروفيروز (رپورٽر: منظور ملڪ) نوان جتوئي شهر جي ملوڪ بازار ڪوسا محلا جي رهواسڻ نصيبان زال الهه بخش ڪوسو پنهنجي ڏيرڻ جي ناجائزين/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

نوشهروفيروز: ملوڪ بازار ڪوسا محلا واسڻ عورت پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪري رهي آهي

معذور ماڻهو هن سماج جو حصو آهن ۽ اسان سڀني کي ڪردار ادا ڪرڻو پوندو: مولا بخش مغل

ڀلائي سميت انهن کي درپيش مسئلن مان نجات حاصل ڪرڻ لاءِ هر ممڪن سهڪار ڪيو وڃي

پيڪيج حاصل ڪرڻ لاءِ سکر ريجن جي سينٽرن تي عوام کي سهولتون فراهم ڪيون پيون وڃن

سکر (رپورٽر امداد علي گل ڪلوڙ) يوٽيلٽي اسٽور ڪارپوريشن آف پاڪستان سکر جي ريجنل مئنيجر مولا بخش مغل چيو آهي ته معذور/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

پيپلز پارٽي پاران ايم پي اي عبدالعزيز جونيجو جي خالي سيٽ تي زبير خان جونيجو کي ٽڪيٽ جاري

ضمني اليڪشن شيڊول جاري ٿيڻ کانپوءِ پي ايس 80 خيرپور ناٿن شاهه تي زبير جونيجو کي ٽڪيٽ جاري ٿي

پيپلز پارٽي جو ايم پي اي پي ايس 80 خيرپور ناٿن شاهه تي اميدوار زبير خان جونيجو هوندو، اڳواڻن پاران مبارڪون

خيرپور ناٿن شاهه (رپورٽر: برڪت علي چانڊيو) پاڪستان پيپلز پارٽي جي ايم پي اي مرحوم انجنيئر عبدالعزيز جونيجو جي وفات ڪانپوءِ خالي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

سکر ۾ ڊپٽي ڪمشنر جي صدارت هيٺ آفيس جي ڪانفرنس هال ۾ پوليو مهم متعلق گڏجاڻي

گڏجاڻي ۾ ڊي ايڇ او سکر، ڊي ايف او پوليو پروگرام، ٽي ايڇ اوز، ايل ايڇ وي، اين جي اوز پوليس عملدارن شرڪت ڪئي

ٽارگيٽ 392834 مقرر ڪيو ويو آهي، ٽارگيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ تمام ترتياري مڪمل ڪئي وئي آهي: عملدار

سکر (رپورٽر امداد علي گل ڪلوڙ) ڊپٽي ڪمشنر سکر فياض احمد مهيسر جي صدارت هيٺ سنڌس آفيس جي ڪانفرنس هال ۾ پوليو مهم/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

پ پ جو ٽين ڀيرو اقتدار ۾ اچڻ باوجود عوام کي امن نه ملي سگهي: لياقت بلوچ

شهرين جي جان مال جي حفاظت ڪرڻ هر حڪومت جي اولين ذميواري هوندي آهي

پنجاب، سنڌ ۽ بلوچستان جي ڏنگ تي ڪچي جو علائقو ڌاڙيلن جي قبضي ۾ آهي

ڪراچي (اسٽاف رپورٽ) نائب امير جماعت اسلامي پاڪستان ۽ اڳوڻي پارلياماني ليڊر لياقت بلوچ سنڌ ۾ امن امان جي خراب صورتحال تي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

سجاول ۾ ڳوٺاڻن جو بااثرن جي ڏاڍ خلاف احتجاجي مظاهرو، نوٽيس وٺڻ جي گهر

ڳوٺاڻن گلشير ملاح، عيسو ملاح، رمضان ملاح، مسمات الهجڙائي، مسمات مدان احتجاج ڪيو

ڳوٺ تي هڪ بااثر زمين ڦٻائڻ جي چڪر ۾ ڪافي مهينن کان وٺي اسان کي تنگ ڪري رهيو آهي: اڳواڻ

سجاول (رپورٽ ممتاز علي ٺهيو) سجاول ۾ ويجهو ڳوٺ بصر ملاح جي رهواسين مردن توڙي ڳوٺاڻن جو بااثرن جي ڏاڍ خلاف احتجاج، سجاول عورتن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

سجاول: ڳوٺ بصر ملاح واسي بااثرن خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

ٽنڊو محمد خان جي پيپلز ڪالوني جي رهواسين غريب مزدورن پاران احتجاجي مظاهرو

عثمان غني ڪنيار، رضا محمد ڪنيار ۽ ٻين پريس ڪلب ٽنڊو محمد خان ۾ احتجاج ڪيو

وڏي پاءُ محمد قاسم ڪنيار ڪوڙا ڪاتا ڪري زرعي زمين ڪرائي وڪڻي ڇڏي آهي مظاهرين جو الزام

ٽنڊو محمد خان (ڊرايم علي بروهي) ٽنڊو محمد خان جي پيپلز ڪالوني جي رهواسين غريب مزدورن عثمان غني ڪنيار، رضا محمد ڪنيار/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

غوثپور جماعت اصلاح المسلمين برانچ پاران سچڻ سائين جي سالگرهه ملهائي وئي

سچڻ سائين جن جي سالگرهه ملهائي وئي تقريب ۾ وڏي تعداد ۾ دوستن شرڪت ڪئي

پروگرام جي آخر ۾ ڪيڪ پڻ ڪاٽيو ويو درود سلام ڪان پوءِ پوري امت لاءِ دعا گهري وئي

غوثپور (رپورٽر: عبدالنبي ملڪ) غوثپور جماعت اصلاح المسلمين برانچ غوثپور طرفان پنهنجي مرشد روحاني رهبر حضرت خواجه محمد طاهر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

ملير جي ماڊل ڪالوني پرسان روڊ حادثو، اسڪول وين ڊرائيور سميت 2 ڄڻا فوت، 6 زخمي

ميمڻ ڳوٺ جي خانگي اسڪول جي وين ۽ هاءِ روف وچ ۾ ٽڪر

حادثي جي نتيجي ۾ وين ڊرائيور شهباز ۽ غلام شبير سميت ٻه ڄڻا فوت ٿي ويا ڇهه زخمي ٿي پيا

ملير (د ـ ر) ملير جي ماڊل ڪالوني پرسان روڊ حادثو اسڪول وين ڊرائيور سميت 2 ڄڻا فوت، 6 زخمي، جناح اسپتال پاران تصديق، تفصيل/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

نوشهروفيروز ۽ نوابشاهه پوليس اٿالن پاران غلام مرتضي جتوئي جي لانڍين تي چڙهائي، 8 ملازم گرفتار

نوابشاهه شهيد بينظير آباد ضلعن جي گڏيل پوليس 30 پوليس موبائلن ۽ ٻن بکتر بند گاڏين ڪارروائي ڪئي

غلام مرتضي خان جتوئي جي لنڍي واري زمين جي لانڍين ۽ سنڌس هارين جي گهرن تي چڙهايون ڪيون ويون

پوليس غيرقانوني ڪارروايون ڪري 6 موٽر سائيڪلون ٻيو سامان ڪٽي اٿن ملازمن ۽ هارين کي ڪنيو آهي: اڳواڻ

نوشهروفيروز (رپورٽر) نوشهروفيروز ۽ نوابشاهه پوليس جي وڏي تفري جي ڊي آءِ جي مرڪزي اڳواڻ غلام مرتضي خان جتوئي جي لانڍين تي چڙهايون 8 ملازم ۽ هاري گرفتار، 6 موٽر سائيڪلون ۽ ٻيو قيمتي سامان به پوليس کڻي وئي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

نوشهروفيروز: جي ڊي اي اڳواڻ غلام مرتضي جتوئي جي لانڍي تي پوليس آپريشن ڪري رهي آهي

ايس ايچ او جهرڪ انسپيڪٽر امير بخش ڪوسو ۽ سنڌس ٽيم پاران ڪارروائي

ٺٽو (رپورٽر: جاويد لطيف ميمڻ) ايس ايچ او جهرڪ انسپيڪٽر امير بخش ڪوسو ۽ سنڌس ٽيم پاران جهمپير نوري آباد روڊ تي ڪارروائي ڪندي ويگنار 2 سيٽر جي چيڪنگ دوران 150 ڪلو گٽڪي ۾ استعمال ٿيندڙ سپاري جڏهن ته 900 پڙيون تيار ٿيل گٽڪي سميت هڪ جوابدار محمد فيضان اقبال کي گرفتار ڪري/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

ٺاروشاهه ۾ اي سي پريا جا شهر جي مختلف پيٽرول پمپس، ڪرياني جي دڪانن تي ڇاپا

سبزي ۽ فروٽ فروشن جي دڪانن تي ڇاپا، وڏيڪ اگهه وٺندڙ منافعي خور واپارين مٿان ڏنڊ هنيا ويا

اي سي جي ڇاپن جو ٻڌي منافعي خور واپارين ۾ ڏڙ ڀڄ، ڪيترائي دوڪاندار دڪان بند ڪري فرار ٿي ويا

غير معياري تيل هڄڻ تي شيخ پيٽرول پمپ کي سيل ڪري مٿان هڪ لک روپيا ڏنڊ هڻي ملازم کي گرفتار ڪيو

نوشهرو فيروز (رپورٽر: منظور ملڪ) ٺاروشاهه ۾ اي سي پريا جا شهر جي مختلف پيٽرول پمپس، ڪرياني جي دڪانن، سبزي ۽ فروٽ فروشن جي دڪانن تي ڇاپا، وڏيڪ اگهه وٺندڙ منافعي خور واپارين مٿان ڏنڊ هنيا ويا، ماپ گهٽ هڄڻ تي پمپ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

پاڻي جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي ڪراچي واٽر ڪارپوريشن پاران جاڳرتا ريلي ڪڍي وئي

واڪ جي اڳواڻي سي اي او واٽر ڪارپوريشن انجنيئر سيد صلاح الدين احمد ڪئي، ساجاه وند شريڪ ٿيا

سيد عمران زيدي، سڪندر زرداري، انتخاب راجپوت، آفتاب چانڊيو، سردار شاهه، الاهي ۽ ٻين پاران شرڪت

عالمي ڏينهن ڪراچي واٽر سمٽ "امن لاءِ پاڻي" جي عنوان تحت وڏي جوش ۽ جذبي سان ملهائي رهي آهي

ڪراچي (رپورٽر) پاڻي جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي واٽر ڪارپوريشن پاران ڪارساز جي مين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

ڪراچي: پاڻي جي عالمي ڏهاڙي جي حوالي سان نڪتل ريلي جو ڏيک

نيشنل پريس ڪلب گهارو جي صحافين پاران مخدوم عابد جي پاءُ جي قتل جي مذمت

گهارو (رپورٽر: بشار جوکيو) نيشنل پريس ڪلب گهارو جي صحافي مخدوم عابد جي مقتول پاءُ جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ نيشنل پريس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ڪراچي ملير ڪينٽ واري علائقي ۾ ڦورن هٿان نئون ڪوٽ واسي انجنيئر قتل

سينيئر صحافي شفقت قائم خاني جي پٽ انجنيئر شعيب شفقت قائمخاني کان ڦرجي ڪوشش

ملير ڪينٽ وٽ ڦورن موٽرسائيڪل، موبائيل فون ۽ پرس ڦرجي ڪوشش ڪئي ته نوجوان مزاحمت ڪئي

هڪ اهلڪار پاران نوجوان کي اسپتال پهچايو ويو جتي زخمن جا سور نه سهندي نوجوان فوت ٿي ويو، گهر ۾ ڪهرام

ملير/نئون ڪوٽ (رپورٽر) ڪراچي ملير ڪينٽ واري علائقي ۾ ڦورن هٿان نئون ڪوٽ واسي انجنيئر قتل، نئون ڪوٽ مڙهه پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو خبر موجب گذريل رات دير سان ڦورن ملير ڪينٽ واري علائقي ۾ نئون ڪوٽ جي سينيئر صحافي شفقت قائم خاني جي پٽ انجنيئر شعيب شفقت قائمخاني کي ڦورن گوليون هڻي قتل ڪري ڇڏيون آهن حوالي سان صحافي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

ابراهيم حيدري ٽائون جا آفيسر فرض ۽ ذميواريون پوري ايمانداري سان ادا ڪن: ٽائون چيئرمين

ڊيوٽي ۾ ڪوتاهي لاپرواهي غيرحاضر ملازمن خلاف سخت ڪاروائي ڪئي ويندي، عوام سان گڏ آهيون

سهولتون فراهم ڪري عوام جا مسئلا حل ڪرڻ ۾ ڪنهن به قسم جي غفلت يا سستي برداشت نه ڪئي ويندي

بلاول ڀٽو جي هدايتن تي عوام کي بلدياتي سهولتون سندن گهرن آڏو فراهم ڪري رليف ڏنو وڃي: نذير احمد ڀٽو

ملير (رپورٽر فاروق پنگوار) ٽائون چيئرمين نذير احمد ڀٽو چيو آهي ته ابراهيم حيدري ٽائون جا آفيسر پنهنجا فرض ۽ ذميواريون پوري ايمانداري سان ادا ڪن ڊيوٽي ۾ ڪوتاهي لاپرواهي غير حاضر ملازمن خلاف سخت ڪاروائي ڪئي ويندي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

پوليو وائرس خلاف جنگ ۾ اسان سڀني کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي: ڊي سي گهوٽڪي

مهم دوران ضلعي جي سمورن ٻارڙن کي حفاظتي ڦڙا پيارڻ لاءِ سمورا انتظام مڪمل ڪيا وڃن

پوليو مهم جي حوالي سان بهتر ڪم ٿي رهيو آهي پر وڌيڪ جذبي سان ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي

پوليو مهم دوران ضلعي جي 4 لک 77 هزار ٻارڙن کي ڦڙا پيارڻ لاءِ انتظام مڪمل ڪيا ويا آهن: عملدار

ميرپور ماٿيلو (رپورٽر) ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي ڊاڪٽر سيد محمد علي چيو آهي ته پوليو وائرس خلاف/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

ميرپور ماٿيلو: ڊي سي ڊاڪٽر سيد محمد علي پوليو مهم جي حوالي سان اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

سکر ۾ مخير حضرات جي سهڪار سان اجتماعي افطار جو سلسلو جاري

سکر (بيورو رپورٽ) رمضان المبارڪ رحمتون گڏ ڪرڻ جو مهينو آهي، سڄي شهر ۾ مخير حضرات جي سهڪار سان اجتماعي افطار جو سلسلو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

بدين شهر سميت ڀرپاسي ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي قسط مان ڪٽوتي جاري

ڪنيڪٽنگ عملو ۽ ڊوائيز هولڊر پنهنجي هٿن مستحق ۽ بيواهه عورتن جي رقم مان ڪٽوتي ڪرڻ لڳو

رقم مان 1000 کان 1500 روپين تائين ناجائز ۽ بنا ڪنهن خوف جي ڪٽوتي ڪئي پئي وڃي: متاثرين

نوٽيس وٺي بسپ ۽ بينڪنگ ڪنيڪٽنگ ۽ ان ۾ ملوث پوليس عملدارن کي قانون جي پڪڙ ۾ آندو وڃي

بدين (رپورٽ مرتضي ميمڻ) بدين شهر سميت ڀرپاسي ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي قسط شروع ٿيندي ئي بسپ ۽ حبيب بنڪ ڪنيڪٽنگ عملو ۽ ڊوائيز هولڊر پنهنجي هٿن مستحق ۽ بيواهه عورتن جي امدادي قسط ۽ اسڪولي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 35

سکر پوليس جو ڌاڙيلن سان مقابلو، 4 ڌاڙيل زخمي حالت ۾ گرفتار، هٿيار هٿ ڪرڻ جي دعوي

جوابدار پوليس مقابلن سميت ڪيترن ئي سنگين ڪيسن ۾ گهربل هئا: ايس ايس پي سکر عابد علي بلوچ

پوليس ڇئن ڌاڙيلن کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري سندن قبضي مان هٿيار هٿ ڪري ورتا آهن، جاچ ڪريون پيا

بي سيڪشن ٿاڻي جي پوليس ناڪه بندي دوران واٽر سپلاءِ وٽ چورن کي روڪڻ جو اشارو ڪيو ته چور فرار ٿي رهيا هئا

سکر (رپورٽر امداد علي گل ڪلوڙ) سکر پوليس جو ڌاڙيلن سان مقابلو 4 ڌاڙيل زخمي حالت ۾/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 36

سکر: پوليس مقابلي ۾ زخمي ٿيل جوابدار اسپتال ۾ داخل آهن

سنڌي ادبي سنگت شاخ ٽنڊو محمد خان پاران سنڌو تهذيب کي اجاگر ڪرڻ لاءِ تقريب

ٽنڊو محمد خان (ڊرايم علي بروهي) سنڌي ادبي سنگت شاخ ٽنڊو محمد خان پاران سنڌو تهذيب کي اجاگر ڪرڻ ۽ ان سان محبت جي اظهار تحت/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 37

ٽنڊو محمد خان ۾ غريب ۽ مفلس ماڻهن ۾ سماجي اداري ڦيونيٽ طرفان سامان تقسيم

سماجي اداري ڦيونيٽ طرفان سعيد پور ۾ 300 خاندانن ۾ امدادي سامان تقسيم ڪيو ويو

غلط حڪمراني جي ڪري عوام بنيادي سهولتن کان محروم ٿي رهيو آهي: ذوالفقار علي شاهه

اسان کي ملڪ ۽ سنڌ جي خوشحالي لاءِ اڳتي وڌي پنهنجي عوام جي پاڻ مالڪي ڪرڻي پوندي

ٽنڊو محمد خان (ڊ رايم علي بروهي) ٽنڊو محمد خان ۾ غريب مسڪين مفلس ماڻهن ۾ سماجي اداري ڦيونيٽ طرفان سعيدپور ۾ 300 خاندانن ۾ امدادي سامان تقسيم ڪيو ويو، ٽنڊو محمد خان جي سعيد پور ۾ غريب مسڪين مستحق/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 38

** روزاني سنڌيار سکر پبلشر سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي**

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
ڇنڇر 23 مارچ 2024ع

ڪوئلي جون کاڻيون ۽ نظرانداز ٿيل مائينز سيفٽي ليبر قانون

هونئن ته سڄي ملڪ ۾ سمورن صنعتي شعبن جي مزدورن جي حالت بنهه خراب آهي، نه انهن کي ڪم لاءِ سازگار ماحول ملي ٿو ۽ نه ئي وري ليبر قانونن تي عمل ٿئي ٿو انهن سمورن شعبن ۾ وري مائينز واري شعبي جي حالت بنهه خراب آهي، خاص طور تي ڪوئلي جي کاڻين ۾ جيڪي پورهيت ڪم ڪن ٿا، اهي صحت ۽ زندگيءَ جا شديد خطرا کڻي ڪم ڪندا آهن. خاص طور تي بلوچستان ۾ ڪوئلي جي کاڻين ۾ ڪم ڪندڙ پورهيتن جي حالت گهڻي خراب آهي. بلوچستان جي کاڻين ۾ مختلف وقتن تي پورهيت کاڻين اندر گئس گڏ ٿيڻ جي ڪري ٿيندڙ ڌماڪن ۾ دٻجي فوت ٿيندا رهن ٿا. اهڙو ئي هڪ ڏکوئيندڙ حادثو هرنائي ضلعي جي هڪ کاڻ اندر پڻ پيش آيو آهي، جنهن ۾ 10 مزدور دٻجي فوت ٿي ويا آهن ۽ انهن جي واهر لاءِ جيڪي ٻيا 8 ماڻهو ڪوئلي جي کاڻ اندر لٿا ته اهي به ڦاسي پيا، جن کي ريسڪيو ٽيمن زنده بچائي ورتو آهي. کاڻ مان هيستائين 8 لاش ڪڍيا ويا آهن ۽ ٻين کي ڪڍڻ جون ڪوششون جاري آهن.

پاڪستان ۾ ڪاري سون جا تمام گهڻا ذخيرا آهن ۽ اهو ڪارو سون ڪڍڻ لاءِ هزارين پورهيت کاڻين ۾ ڪم ڪندا رهن ٿا، خاص طور تي بلوچستان ۾ انهن جو تعداد وڌيڪ آهي پر کاڻين ۾ ڪم ڪندڙ پورهيت سڄ ڏسي نه سگهندا آهن. اهي سڄ اڀرڻ کان اڳ ۾ کاڻ جي اونداهين ۾ داخل ٿيندا آهن ۽ وري سڄ لهڻ ڪانپوءِ اهي ٻاهر نڪرندا آهن. کاڻين ۾ حادثن جو سڀ کان وڏو سبب ٺيڪيداري نظام آهي ۽ ٺيڪيدار کاڻين ۾ ڪم ڪندڙ پورهيتن کان غيرانساني ماحول ۾ ظالماڻي انداز ۾ ڪم وٺن ٿا. کاڻين ۾ اڪثر ڪري ڪم ڪندڙ پورهيتن کي ساهه، دم، گردن ۽ سِلهه سميت مختلف خطرناڪ بيماريون ٿي وينديون آهن پر حالت اها آهي ته انهن جي علاج لاءِ ٺيڪيدارن طرفان ڪي به سهولتون ميسر ڪيل نه هونديون آهن، نه ئي وري حڪومت طرفان بهتر انتظام هوندا آهن. نه انهن کي پورهيءَ جو پورو اجورو ملندو آهي ۽ نه ئي وري سوشل سيڪيورٽي، اِي او بي آءِ، ورڪرز ويلفيئر فنڊ (ڊيٿ گرانٽ، مئريج گرانٽ، ٻارن لاءِ تعليمي اسڪالرشپ) جون سهولتون موجود هونديون آهن. ايتري قدر جو حادثاتي موت جي صورت ۾ به انهن جي خاندان کي اڪثر ڪري معاوضو نه ملندو آهي. ڪنهن هنگامي حالت جي صورت ۾ نه ڪي ريسڪيو جون سهولتون هونديون آهن ۽ نه ئي وري ايمبولينس سروس ميسر هوندي آهي. کاڻين ۾ گهڻو ڪري جيڪي موت ٿيندا آهن، اهي گئس ڀرجڻ جي ڪري ٿين ٿا ۽ انهن گئسن ۾ به ميٿين گئس ۽ ڪاربان مونو آڪسائيڊ اهم آهن. کاڻين ۾ گئسن جو پتو لڳائڻ جي لاءِ ڊجيٽل ڊيٽيڪٽر هجڻ گهرجن، پر ٺيڪيدار وڌ ۾ وڌ ڪمائڻ چاهيندا آهن ۽ اهي اهڙيون سهولتون ڏيڻ لاءِ تيار نه آهن. انگريزن جي دور ۾ مائينز جي شعبي ۾ قانونن تي سختيءَ سان عمل ڪيو ويندو هو ۽ هر کاڻ ۾ وينٽيليشن لاءِ هڪ متبادل رستو موجود هوندو هو، جنهن کي 'هوائي' چيو ويندو هو پر هاڻي اهو متبادل رستو ناهڻ جي ضرورت ئي محسوس نٿي ڪئي وڃي. وڏي ڳالهه اها آهي ته ڪوئلي جي کاڻين واري شعبي کي انڊسٽري تسليم ئي نٿو ڪيو وڃي ۽ ان ڪري انهن ۾ ڪم ڪندڙ پورهيتن کي ليبر قانونن تحت سهولتون نٿيون ڏنيون وڃن. توڙي جو مائينز ۽ منرلز جو ڪاتو موجود هوندو آهي پر اهو پورهيتن جي بدران ٺيڪيدارن ۽ ليز هولڊرز جي مفادن جي تحفظ ۾ رڌل هوندو آهي. نه ڪوئلي جي کاڻين جي درست نموني انسپيڪشن ٿيندي آهي. مائينز انسپيڪٽر به گهٽ تعداد ۾ آهن ۽ جيڪي آهن، انهن جي اڪثريت پورهيتن جي واهر ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي ۽ نه ئي وري سرڪاري طور تي ڪو ريسڪيو اسڪواڊ فوري طور تي ميسر هوندو آهي. ڪوئلي جي کاڻين ۾ مائينز سيفٽي ليبر قانونن تي عمل ناهي ٿيندو جنهنڪري به وڏو نقصان ٿئي ٿو. ان ڪانسواءِ وڏو مسئلو چائلڊ ليبر جو آهي. 12/13 سالن تائين جي عمر جا ٻارڙا به ڪوئلي جي کاڻين ۾ ڪم ڪندي ڏٺا ويا آهن.

ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته مائينز سيفٽي ليبر قانونن تي سختيءَ سان عمل ڪيو وڃي. ڪوئلي جي کاڻين کي انڊسٽري جو درجو ڏيئي اتي جي پورهيتن جي رجسٽريشن ڪئي وڃي، انهن کي سوشل سيڪيورٽي، اِي او بي آءِ، ورڪرز ويلفيئر فنڊ جي سهولت ملڻ ڏني وڃي، خطرناڪ گئسن جي موجودگيءَ جو پتو لڳائڻ لاءِ ڊجيٽل ڊيٽيڪٽر سميت جديد سهولتون فراهم ڪيون وڃن.

پاڪستان ۾ شروع ٿيل 'پُونءِ- ڪنب' جو سلسلو

جاويد پٽي

هاڻ اها ڳالهه عام آهي ته سمورا خطرا قدرتي ۽ سمورين آفتون فطرت سان هٿ چراند جو نتيجو آهن. جيتوڻيڪ تازين ٻوڏن جي نوعيت 2010 کان مختلف آهي ۽ تازو ايندڙ زلزلا 2005 کان مختلف آهن پر ٻنهي صورتن ۾ اهي دليل ڏنا ويندا آهن ته انهن ٻنهي قدرتي آفتن سبب ٿيل نقصان تبديلين جو نتيجو آهي. ڊيموگرافي سان گڏوگڏ پوري پاڪستان ۾ ٻنا صلاح مشورن جي هلندڙ ترقياتي پاليسين کي هر دور جي سياسي منطقي سان ڳنڍي ان کي جائز قرار ڏنو ويندو آهي. قدرتي آفتن جا ٻيا ڪيترائي نقصان به ٿيندا آهن جيئن لڏپلاڻ، بک، بدحالي، بيروزگاري، صحت، پاڻي، خوراڪ جي ڪمي، بنيادي ڍانچن جي تباهي. انساني جانين جي ذيان، جانورن جي نقصان، پاڻي جي وهڪرن جي تبديلي، بيماريون، ٻهراڙين جي شهرن ڏانهن لڏپلاڻ، سماجي سرمائي جو نقصان ۽ ٻيا ڪيترائي چئلينج سامهون ايندا آهن پر سوچڻ جي ڳالهه اها آهي ته انهن سمورين آفتن کي منهن ڏيڻ لاءِ اسان ماضيءَ مان ڪو سبق سکيو به آهي يا هاڻ ايندڙ ٻوڏن ۽ زلزلن جو الزام به قدرتي تبديلين تي ئي هڻنداسين.

پاڪستان سڀ کان وڌيڪ قدرتي خطرن جو شڪار رهيو آهي، هتي ٻوڏون، زلزلا، طوفاني طوفان ۽ ڏڪار هميشه ڪر ڪنيو بيٺا هوندا آهن. گذريل 17 سالن ۾ ملڪ ۾ 2 وڏا بحران آيا آهن. 2005 ۾ آيل زلزلي سبب 35 لک ۽ 2010 جي ٻوڏ ۾ 20 لک ماڻهو متاثر ٿيا. قدرتي آفتون هميشه انساني زندگين تي تباهه ڪن اثر ڇڏينديون آهن. جيتوڻيڪ اهو عالمي معاملو آهي پر ان سان اهي ملڪ گهڻو متاثر ٿيندا آهن. جيڪي انهن لائف لائينز تي آباد هوندا آهن. پاڪستان به ان لائف لائين واري پٽي جو اهم ملڪ آهي. جتي آئي ڏينهن زلزلا ايندا رهندا آهن. گذريل هڪ مهيني کان سنڌ، پنجاب، آزاد ڪشمير ۽ خيبر پختونخوا سميت بلوچستان جي ايراني پٽي واري علائقي ۾ زلزلي جا لوڏا اچڻ شروع ٿي ويا آهن. جيتوڻيڪ اهي هلڪي نوعيت جا آهن پر عالمي سائنسدانن وارننگ جاري ڪندي چيو آهي ته اهو مستقبل جو هڪ وڏو خطرو آهي، چو جو موسمياتي تبديليون تيزي سان وڌي رهيون آهن. جيئن 2005 ۾ پاڪستان ۾ دنيا جو خطرناڪ زلزلو آيو، جنهن جي ريڪٽر اسڪيل تي شدت 7.6 رڪارڊ ڪئي وئي. سرڪاري انگن اکرن موجب، ان زلزلي ۾ 87 هزار 350 ماڻهو فوت ۽ 38 هزار زخمي ٿيا. جڏهن ته اصل ۾ هڪ لک کان وڌيڪ ماڻهو اجل جو شڪار ٿيا ۽ ڏيڍ لک ماڻهو زخمي ٿيا. 19 هزار ٻار فوت ٿيا 35 لک گهر تباهه ٿيا. اڍائي لک کان وڌيڪ جانور مري ويا. 10 لک ماڻهو بي گهر ٿيا. هڪ اندازي موجب 7 لک 80 هزار کان وڌيڪ عمارتون تباهه ٿيون. 17 هزار اسڪول ۽ اسپتالون تباهه ٿيون. ۽ هاڻ به اها لائف لائين متاثر ٿي رهي آهي.

پوري دنيا اندر پاڪستان ۾ ئي سڀني کان وڌيڪ قدرتي آفتون اينديون آهن. 2019 جي انفارم رسڪ انڊيڪس موجب 191 ملڪن مان پاڪستان 18 نمبر تي آهي. سنڌ جيتوڻيڪ ان ئي زلزلي واري ريڊ زون ۾ واقع آهي پر اتي اهڙو ڪو خاص خطرو ناهي. سنڌ ۾ سڀ کان خطرناڪ 2 زلزلا آيا آهن 5 فيبروري 1668ع تي شاهه بندر ۾ 7.7 ۽ 16 جون 1819ع ۾ الله بند واري علائقي ۾ 7.6 جي شدت وارو زلزلو آيو هو. جنهن ۾ 50 هزار ماڻهو اجل جو شڪار ٿيا هئا ۽ ڏيڍ لک کان وڌيڪ ماڻهو متاثر ٿيا هئا. ان بعد 1900 ۾ به هڪ ٻيو زلزلو آيو پر ان جي شدت ايتري ڪا گهڻي نه هئي. پاڪستان ارضياتي طور تي يوريشينس ۽ انڊين ٽيڪٽونڪ پليٽس ٻنهي کي اوورليپ ڪندو آهي. بلوچستان، قبائلي علائقا، ڪي پي ڪي، گلگت_ بلتستان، سنڌ، ڪشمير ايراني سطح جي يوريشين پليٽ جي ڏاکڻي ڪناري تي واقع آهن. سنڌ، پنجاب ۽ آزاد ڪشمير صوبا ڏکڻ ايشيا ۾ هندستاني پليٽس جي الهندي ڪناري تي واقع آهن. ان ڪري اتي وڏا وڏا زلزلا ايندا آهن. سڀني کان اهم انڊين پليٽ ۽ يوريشين پليٽ جو ٽڪراءُ آهي. هن وقت انڊين پليٽس اتر طرف وڌي رهيون آهن. جيڪي يوريشين پليٽس جي هيٺان وڃي رهيون آهن. جنهن سان پليٽس جي حدن ۾ وڌيڪ دٻاءُ وڌي رهيو آهي ۽ اهو عمل هن وقت به جاري آهي، جنهن سبب زلزلن جا خطرا وڌي رهيا آهن. زمين جي اندروني حصن، پاڻي جي سطح، حياتياتي مسئلا، ماحول ۽ سمنڊن ۾ قدرتي ۽ انساني زندگين ۾ تبديليون زندگي جي سمورن رخن کي متاثر ڪنديون آهن. انهن تبديلين کي سمجهڻ لاءِ زميني، سامونڊي، هوا ۽ خلا جو مشاهدو ڪري ان تي عمل ڪرڻ جي سخت ضرورت آهي.

زلزلا ٽيڪٽونڪ پليٽن جي حرڪت، ٻرندڙ جبلن جو ڦاٽڻ، زير زمين ڌماڪن ڪانسواءِ ارضياتي، قدرتي ۽ انساني سرگرمين سبب به ايندا آهن. تاريخ تي نظر وجهون ته خبر پوندي ته تقريبن 225 ملين سال پهرين هندستان هڪ وڏو ٻيٽ هو، جيڪو اڄ به آسٽريليا جي سمنڊ تي واقع آهي ۽ هڪ وسيع سمنڊ، جنهن کي ٽيٿيس سمنڊ چيو ويندو آهي، اهو تقريبن 200 ملين سال پهرين PANGEA هندستان کي ايشيا کنڊ کان ڌار ڪري ڇڏيو. جڏهن اهو ٽٽي ويو ته هندستان اتر طرف وڌڻ شروع ڪيو. بعد ۾ سائنسدانن آخرڪار ٽيٿيس وٽان سفر شروع ڪري ڀارت جي اتر وارن علائقن کي جاچڻ شروع ڪيو. تقريبن 80 ملين سال پهرين هندستان ايشيا کنڊ کان تقريبن 6.400 ڪلوميٽر ڏکڻ ۾ واقع هو. جيڪو تقريبن 9 مهينا/ صدي جي شرح سان اتر طرف وڌي رهيو هو. جڏهن هندستان تقريبن 40 کان 50 ملين سال پهرين ايشيا ۾ داخل ٿيو ته ان جي اتر طرف پيش قدمي تقريبن اڌ صدي تائين واري رفتار کان گهٽجي وئي هئي. اهڙي طرح پليٽن جي چرپر ۽ حرڪت جي شرح ۾ ٽڪراءُ به هوريان هوريان گهٽجي ويو. جنهن سان هماليا جي بلندي تيزي سان وڌڻ شروع ٿي پر هندي سمنڊ جي خطي ۾ موجود دور جي پليٽن جي ڪنفيگريشن کان پهرين ان جي درست سائز معلوم ڪرڻ لاءِ ارضياتي ڊيٽا موجود ئي ناهي.

صرف 50 ملين سالن ۾ مائونٽ ايورسٽ جهڙيون چوٽيون 9 ڪلوميٽر تائين وڌي سگهيون آهن. هماليا هر سال هڪ سينٽي ميٽر کان وڌيڪ وڌي رهيو آهي. هڪ ملين سالن ۾ 10 ڪلوميٽر واري شرح ڪائونٽ ڪئي وئي آهي. سائنسدانن جو خيال آهي ته هاڻ يوريشين پليٽس مٿي وڌڻ بجاءِ ڦهلجي رهيون آهن ۽ اهڙي چڪ سبب ڪشش ثقل سبب ڪجهه گهٽ ٿي رهيون آهن.

معلوم تاريخ ۾ سڀ کان وڏو ۽ پهريون زلزلو 6 جون 1505ع ۾ نيپال ۾ آيو هو سائنسدانن جو چوڻ آهي ته 50 ملين سال اڳ هندستان ۽ يوريشين براعظم جڏهن پاڻ ۾ مليا هئا. تڏهن دنيا جو پهريون تاريخي زلزلو آيو هو ۽ هن وقت هندستان جي چرپر ايشيا کنڊ تي تمام گهڻو دٻاءُ وجهي رهي آهي. جنهن سبب ئي تبت جو ماحول گرم ٿي ويو آهي. اهڙي چڪ ايشيا جي ڪجهه حصن کي اوپر طرف بحرالڪاهل ڏانهن وٺي وڃي رهي آهي. سائنسدانن جو چوڻ آهي ته پليٽ ٽيڪٽونڪ قوتن جي سڀ کان وڏي نظر ايندڙ تخليق مان بلند هماليا آهي. جيڪا هندستان کان تبت جي سرحد سان 2 هزار 9 سئو ڪلوميٽر تائين ڦهليل اهو وڏو پهاڙي سلسلو تقريبن 40 کان 50 ملين سال اڳ ٺهڻ شروع ٿيو هو. جڏهن پليٽس جي حرڪت سان ٿيندڙ ٻن وڏين لينڊ ميسس، انڊيا، يوريشيا پاڻ ۾ ٽڪرائجي ويا چو جو انهن ٻنهي براعظمن جي پهاڙن جي مٽي تقريبن هڪ جهڙي هئي. ان ڪري اها پليٽ ٻئي پليٽ جي هيٺ نه پئي وڃي سگهي. انهن ٽڪرائجندڙ پليٽن جو دٻاءُ صرف آسمان طرف ڌڪيو ويندو آهي. سائنسدانن جو چوڻ آهي ته هماليا ۽ اتر ۾ تبتي جابلو سطح تيزي سان بلند ٿي رهي آهي. اهو علائقو هاٿوڪي دور جو انڊس ڊيلٽا به سڏيو ويندو آهي. هماليا، تبت، نيپال، ڀوٽان، بنگلاديش، ڪشمير، سنڌ ۽ پنجاب جا اهي رياستي علائقا، جيڪي ڪنهن دور ۾ سنڌ جو حصو هئا. اهي ان همالياڻي حصي جو هڪ جز آهن ۽ سنڌو درياهه به ڪشمير جي انهن پهاڙي علائقن مان ٿيندو سنڌ اچي ٿو ۽ ان جي اها مٽي به ساڳي نوعيت جي آهي. ان ڪري هندستان، نيپال ڀوٽان، تبت ۽ ان پٽي ۾ ايندڙ زلزلا سنڌ، پنجاب ۽ ڪشمير کي به سخت متاثر ڪري رهيا آهن.

اسرندڙ عالمي معيار باوجود پاڪستان جي جي ڊي پي کي هميشه ئي گهٽ سمجهيو ويندو آهي. جڏهن ته آبادي ۾ اضافو، انتهاپسندي، پاڻي، بجلي ۽ هاڻ گيس جي بحرانن سميت سياسي آزادي ۽ شفاف چونڊ نظام جيان ملڪ ۾ قدرتي آفتن کي سمجهڻ ان جا اڳواٽ انتظام، ايندڙ تباهي کي روڪڻ لاءِ ڪنهن قسم جو مڪينزم ئي ناهي. انهن شعبن تي پوري ملڪ ۾ اڄ تائين ڪو خرچ ناهي ڪيو ويو. نه ئي قدرتي آفتن کي روڪڻ واري سسٽم تي ڪا سيڙپڪاري ڪئي وئي آهي. پوري ملڪ ۾ قدرتي آفتن جي اڳڪٿي ڪرڻ وارو ڪو نظام ئي ناهي. هتان جا سياستدان اهڙي خطري جي تباهي جي مقابلي بجاءِ هڪ ٻئي تي الزام هڻي صرف سياسي فائدو حاصل ڪرڻ جي جستجو ۾ رڌل هوندا آهن ۽ ائين وري ڪو زلزلو ايندو ۽ هزارين ماڻهو اجل جو شڪار ٿيندا ۽ اسان "امداد ڏيو، امداد ڏيو" جون دانهون ڪرڻ ۾ پورا هونداسين.

ڪوئي ڪهي سپرين، ڪوئي ڪهڻ ساڻ؛
نيزي هيٺان نينهن جي، پاسي ڪر م پاڻ؛
ڄل، وڃائي ڄاڻ، عاشق! اڄل سامهون.

علم ۽ ادب سان سرشار منهنجو استاد محترم اعجاز ممنائي

سپنا ستارا پير

دنيا علم، ادب ۽ سائنس سان مسلح ٿي رهي هي انڪري پنهنجن ذهنن کي اهڙو فولادي قلعو بڻايو ته جيئن ڪا طاقتور قوت توهان تي غالب نه اچي سگهي ۽ توهان انسانيت جا علمبردار ٿي، وطن ۽ قوم جي خدمت ڪري سگهو توهان جي وفاداريءَ پوري دنيا محفوظ رهي سگهي ٿي، انڪري پنهنجو پاڻ کي سڄي عمر پنهنجي قوم جي لاءِ وقف ڪري ڇڏيو انساني حقن جي سربلندي لاءِ پاڻ کي ذهني طور تيار رکو چوڻ جيڪڏهن انقلابي ٿيڻ چاهيو ٿا ته قومي علم، قومي ادب ۽ جديد سائنس سان هٿياربند ٿي جنگ جوٽي هڪڙي اهڙي دنيا اڏڻ لاءِ جدوجهد ڪريو جنهن ۾ هر انسان هر مرد توڙي عورت توڙي ٻار عوام جو هر گروهه، هر طبقو هر قوم هڪڙي آزاد، خوشحال عزت آبرو ۽ سک واري زندگي ماڻي سگهي اهو سبق پڙهڻ واري دور کان وٺي جنهن عظيم استاد پاڙهيو سو منهنجو محترم سائين اعجاز ممنائي آهي سندس طبيعت سخت مزاج واري لڳندي هئي ان جو سبب اهو هو ته ٻار مختلف اسڪولن مان چڪر لڳائي لڳائي آخر اچي ان اسڪول ۾ داخل ٿيندا هئا جنهنڪري سختيءَ سان ڪين علم جي روشني ڏيڻي پوندي هئي هونءَ به ميڻ بتيءَ جو ڌاڳو سڙڻ کان پوءِ روشني ڏيندو آهي جيڪڏهن ان کي باهه نه ڏبي ته اها روشن نه ٿيندي اهڙا هزارين مثال ڏئي سگهجن ٿا جنهن جو تعلق استاد جي سخت هجڻ سان آهي محترم سائين اعجاز ممنائي پنهنجي نصاب سان گڏ شاهه ڀٽائيءَ جي رسالي جو ورد پڻ ڪرائيندو هو ۽ ڪلاس جي ڇوڪرن توڙي ڇوڪرين کي شاهه جو رسالو ٽرائي هفتي ۾ ٻه ڏينهن مختلف سرن جا بيت پڻ ياد ڪرائيندو هو ان دور ۾ ته ڏاڍي ڏکيائي ٿيندي هئي ته اهو اسانجو سبق به ڪونهي اسان کي ڊاڪٽر يا انجنيئر ٿيڻو آهي ان ۾ شاهه ڀٽائيءَ جا بيت ڪم ڪونه ايندا پر اڄ جڏهن اسان عملي ۾ ميدان ۾ آيا آهيون ته محترم سائين اعجاز ممنائي جا پڙهايل سبق ڏاڍو ياد پيا اڄ مون سميت سائين جن جا ڪيترائي شاگرد ۽ شاگرديائيون هن وقت به سندس کان رهنمائيءَ وارا اصول وٺندا رهون ٿا سائين جن پڙهائڻ واري دور کان وٺي هن مهل تائين علمي ۽ ادبي ميدان ۾ مسلسل جستجو ڪندڙ رهيا آهن محترم سائين اعجاز ممنائي نالي وارا ليکڪ، ڪالم نگار، محقق، مرتب، سماج سڌارڪ ۽ هڪ جاکوڙي انسان آهن. سائين جن سنڌي ادب ۾ بيشمار خدمتون سرانجام ڏنيون آهن. هن وقت تائين سندن ست ڪتابي مجموعا ڇپجي چڪا آهن سائين اعجاز ممنائي سنڌي ادب جي جهول ۾ جيڪي انمول ڪتاب وڌا آهن تن ۾:

1. اندر جا اندوهه (لطيفيات)
2. جنين جيءَ جياريو (Part.I)
3. جنين جيءَ جياريو (Part.II)
4. عالم جا اهنج (ڏيهي/پرڏيهي اشو)
5. رند پروڙين رازُ (سيرت آئمه ۽ عزاداري)
6. برقعان اندر بازيون (لطيفيات)
7. سامي جهاڳي سڄ (مرتب: شاعري)

شامل آهن.

لطيف جي شخصيت ۽ شاعريءَ ۾ دلچسپي هجڻ سبب سندن موضوع گهڻو ڪري لطيفيات ئي هوندو آهي، تنهن هوندي به ٻين ڪافي موضوعن تي قلم کنيو اٿائون. ڪتابن جي مصنف هجڻ سان گڏ سندن ڪالم، مضمون ۽ ٻيون ڪوڙ لکڻيون سنڌ جي مختلف معياري سنڌي اخبارن ۾ شايع ٿينديون رهيون آهن. سندن لکيل ڪتابن ۽ لکڻين کي نوجوان وڏي چاهه سان پڙهن ٿا.

مان پاڻ کي خوشنصيب سمجهان ٿي جو سائين جن جي شاگردي حاصل ڪئي آهي ۽ اڄ جيڪو ڪجهه آهيان اها سائين اعجاز ممنائي جي بدولت آهيان ڪجهه ڏينهن اڳ پاڻ سنڌ سطح جو پروگرام مدرسه ۽ هاءِ اسڪول نوشهروفيروز ۾ رکيائين ۽ مون سميت سوين مردن ۽ عورتن شرڪت ڪئي ان پروگرام مون کي بيحد متاثر ڪيو ان پروگرام ۾ سندس ٻن ڪتابن جي مهورت پڻ ٿي جنهن ۾ ماڻهن جي ڀرپور شرڪت مان سندس سرگرميءَ جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو هن تقريب ۾ استاد، پروفيسر، شاگرد، مختلف ادارن جا سربراهه، وڪيل، اديب، سگهڙ، شاعر ۽ سماجي شخصيتن شرڪت ڪري پروگرام کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا هن تقريب جو مهمان خاص علمي ۽ ادبي شخصيت سنڌ يونيورسٽي ڪئمپس جو پرو وائيس چانسلر سيد اظهر علي شاهه هو هن تقريب ۾ ڪتابي ميلو پڻ لڳايو ويو جڏهن ته مختلف شعبن ۾ بهترين خدمات سرانجام ڏيڻ تي ايوارڊ ۽ يادگار سرٽيفڪيٽ پڻ ڏنا ويا هن ڪامياب پروگرام ڪرڻ تي ڪين مبارڪباد پيش ڪريان ٿي ۽ ڪين سوين سلام هجن. اميد ڪجي ٿي ته سائين سنڌي ادب جي خدمت ۾ اجان به اڳي کان وڌيڪ اڳيرا رهن ۽ سندن شفقت جو سعيو اسان مٿان قائم و دائم رهي.

بقايا 01 ***

ڪمپني جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر مارڪ برسٽو جي سربراهي ۾ ڪمپني جي وفد سان ڳالهائيندي ڪيو جنهن سانس ملاقات ڪئي، ان موقعي تي پيٽروليم وارو وفاقي وزير مصدق ملڪ، قانون ۽ انصاف وارو وفاقي وزير سينيٽر اعظم نذير تارڙ، ڊپٽي چيئرمين پلاننگ ڪميشن محمد جهانزيب ۽ لاڳاپيل اعليٰ سرڪاري آفيسر پڻ موجود هئا. وزيراعظم چيو ته ريڪوڊڪ منصوبو بلوچستان ۽ علائقي جي ترقي جي لاءِ گيم چينجر ثابت ٿيندو، ان منصوبي سان صوبي جي ترقي ۽ ماڻهن جي خوشحالي جي نئين دور جي شروعات ٿيندي، بلوچستان ۾ معدنيات مان ڀرپور فائدو کڻڻ جي لاءِ مواصلات جي انفراسٽرڪچر، خاص طور تي ريلوي لائين جي حوالي سان منصوبابندي ڪئي ويندي، وزيراعظم بيرڪ گولڊ کي بلوچستان ۾ معدنيات جي ٻين منصوبن ۾ سيڙپڪاري جي دعوت ڏني ۽ چيو ته ضلعي چاغي ۾ ٽيڪنيڪل يونيورسٽي قائم ڪرڻ جي حوالي سان حڪومت ۽ بيرڪ گولڊ گڏجي ڪم ڪري سگهن ٿا. هن چيو ته حڪومت سيڙپڪارن جي سهولت لاءِ هر ممڪن قدم کڻي رهي آهي جن ۾ رستن ۽ مواصلات جي بهتر نظام جا منصوبا پڻ شامل آهن. بيرڪ گولڊ وفد وزيراعظم کي ريڪوڊڪ منصوبي تي اڳڀرائي تي بريفنگ ڏني. وزيراعظم کي ٻڌايو ويو ته ريڪوڊڪ منصوبي جي فزيبلٽي هن سال جي آخر تائين مڪمل ڪئي ويندي، ريڪوڊڪ منصوبي تي ڪم ڪرڻ جي لاءِ مقامي ۽ بلوچستان ڊوميسائيل جي ماڻهن کي ترجيح ڏني پئي وڃي، بيرڪ گولڊ ڪارپوريٽ سماجي ذميواري تحت ريڪوڊڪ جي ويجهو ٽي اسڪولز قائم ڪيا آهن. بيرڪ گولڊ پاران هيستائين سئو ماڻهن کي فني تربيت فراهم ڪئي وئي آهي جن ۾ عورتون به شامل آهن.

بقايا 02 ***

بجيٽ جو ڪاٿو لڳائيندي، ان ڪانسواءِ ڪميٽي هلندڙ مالي سال جي وفاقي وزارت جي ڪرنٽ ۽ ترقياتي بجيٽ جو به جائزو وٺندي. ڪميٽي ايندڙ مالي سال لاءِ گرانٽس ۽ سبسڊي جي ضرورتن جو به جائزو وٺندي. ڪميٽي وفاقي وزيرن ۽ ڪاتن جي پگهارن ۽ ٻين خرچن جو بجيٽ ڪاٿو ناهي ٿي. ان کان علاوه ڪميٽي حڪومتي ترجيحن مطابق ترقياتي بجيٽ رکڻ لاءِ سفارشون به تيار ڪري ٿي.

بقايا 03 ***

چوڻ هو ته پاڪستان هلندڙ سال 3 سئو ملين ڊالرز پانڊا بانڊز جاري ڪندو ۽ اهي بانڊز چيني مارڪيٽ ۾ جاري ڪيا ويندا، هن چيو ته شروعاتي طور 250 کان 300 ملين ڊالرز جا بانڊز جاري ڪيا ويندا. سندس چوڻ هو ته ڪيش بئلنس بهتر آهي، حڪومت سمورو قرض وقت سر ادا ڪندي ۽ ادائيگين سبب پاڪستاني ڪرنسي تي دٻاءُ نه پوندو. ناڻي واري وزير جو چوڻ هو ته اُميد آهي ته ريٽ جو مڪمل مستحڪم رهندو ۽ ايندڙ مالي سال دوران ترقي جي شرح بهتر رهندي. هن وڌيڪ چيو ته پاڪستان گهٽ ٽن سالن لاءِ آءِ ايم ايف جو پروگرام وٺندو.

بقايا 04 ***

علي شاهه چيو ته يو ايس ايڊ سنڌ ۾ تعليم جي شعبي ۾ ڪجهه نوان منصوبا کڻي آيو آهي. يو ايس ايڊ جي مشن ڊائريڪٽر چيو ته يو ايس ايڊ موسمياتي تبديلي جي منصوبي کي تعليم ۾ آڻڻ چاهي ٿي. سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه چيو آهي ته ٻوڏ سبب اسڪولن جون وڏيون عمارتون متاثر ٿيون آهن. اسان چاهيون ٿا ته يو ايس ايڊ انهن متاثر اسڪولن جي عمارتن جي تعمير ۾ تعاون ڪري. يو ايس ايڊ جي مشن ڊائريڪٽر يقين ڏياريو ته يو ايس ايڊ اسڪول جي عمارتن جي تعمير ۾ مڪمل سهڪار ڪندي. سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه چيو آهي ته سنڌ ۾ ٻوڏ سبب 21 لک گهر متاثر ٿيا آهن. 5 هزار گهرن جي تعمير لاءِ فنڊ جاري ڪيا ويا آهن. هڪ هزار گهرن جي تعمير مڪمل ٿي چڪي آهي. يو ايس ايڊ جي مشن ڊائريڪٽر چيو ته هو ماءُ ۽ ٻارن جي غذائيت تي سنڌ ۾ ڪم ڪرڻ چاهين ٿا. سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه چيو آهي ته حڪومت سماجي تحفظ جو ڪاتو قائم ڪيو آهي. سوشل ويلفيئر کاتي پاران غذائي ڪوٽ بابت منصوبي تي ڪم شروع ڪري ڇڏيو آهي. سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي ترجمان موجب اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو ته يو ايس ايڊ ۽ پي اينڊ ڊي ڊپارٽمينٽ وچ ۾ الڳ الڳ اجلاس ٿيندو. جنهن ۾ ٻوڏ متاثر اسڪولن جي تعمير ۽ غذائي ڪوٽ جي منصوبن تي ڳالهه ٻولهه ڪئي ويندي. سنڌ جي وڏي وزير جي ترجمان چيو آهي ته سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه يو ايس ايڊ جو صوبائي حڪومت سان سهڪار تي شڪريو ادا ڪيو. ان موقعي تي آمريڪي قونصل جنرل چيو ته گوگل ڪراچي ۾ ٽريفڪ مينيجمينٽ پروگرام شروع ڪرڻ چاهي ٿو. سنڌ جي وڏي وزير مراد علي شاهه چيو آهي ته سنڌ حڪومت ان سلسلي ۾ گوگل سان مڪمل تعاون ڪندي.

بقايا 05 ***

۾ علاج هيٺ پوليو هيرو هما اشرف جي عيادت، هما اشرف ايريا سپروائيزر آهي جيڪا پوليو پروگرام ۾ ڊيوٽي جو فرض ادا ڪندي ٽرين حادثي ۾ پنهنجي ٽنگن کان المناڪ طور تي محروم ٿي وئي هئي. ڊاڪٽر عذرا فضل پيچوهو پاران پوليو ورڪر هما اشرف کي سنڌ حڪومت جي طرفان 10 ملين روپيا ڏنا. وزير صحت پاران هما جي بهادري جي تعريف ۽ سندس جي والده سان اظهار همدردي ڪندي يقين ڏياريو ته هما جو علاج بغير ڪنهن رڪاوٽ جي جاري رهندو ۽ هو پوليو پروگرام ۾ پنهنجي ملازمت برقرار رهندي.

بقايا 06 ***

ٻاهرين قرض ورتو. تفصيل مطابق اقتصادي معاملن واري ڊويزن جي هلندڙ مالي سال جي 8 مهينن ۾ ٻاهرين قرض جو تفصيل جاري ڪري ڇڏيو. جنهن ۾ ٻڌايو ويو ته هلندڙ مالي سال 8 ارب 67 ڪروڙ 80 لک ٻاهرين قرض حاصل ٿيو. هلندڙ مالي سال 17 ارب 38 ڪروڙ ڊالر کان وڌيڪ ٻاهرين قرضن جو ڪاٿو لڳايو، پاڪستان کي بجيٽ کاتي کان گهٽ قرض هن وقت تائين موصول ٿيو آهي. جولاءِ کان فيبروري 84 ڪروڙ 80 لک ڊالر ٻه طرفو قرض مليو جنهن ۾ سعودي عرب 59 ڪروڙ 51 لک ڊالر تيل جي سهولت لاءِ ڏنا ان ڪانسواءِ چين پاڪستان کي 6 ڪروڙ 63 لک ڊالر کان وڌيڪ قرض ڏنو، نيا پاڪستان سرٽيفڪيٽ سان 68 ڪروڙ 68 لک ڊالر کان وڌيڪ حاصل ڪيا ۽ ٻه ارب ڊالر ٽائيم ڊپازٽ جي تحت پاڪستان کي مليا.

بقايا 07 ***

آهي. سندس چوڻ آهي ته تشدد جي بزدلاڻي حرڪت ذريعي اسان جي سيڪيورٽي فورسز کي نشانو بڻايو ويو. شهيد نائب صوبيدار ياسر شڪيل ۽ سپاهي طاهر نويد وطن لاءِ جانيون قربان ڪيون. پيپلزپارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو ته قوم جي دفاع ۾ شهيد جوانن جي بهادري کي هميشه احترام سان ياد رکيو ويندو پاڪستان پيپلزپارٽي دهشتگردي کي منهن ڏيڻ جي پنهنجي عزم ۾ قوم سان گڏ آهي. پيپلزپارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري شهيدن جي پونئرن سان تعزيت ۽ ايڪتا جو اظهار ڪيو.

بقايا 08 ***

ايئرلائن جي نجڪاري جون تائين ٿي ويندي. جنهن جي قانونسازي ٿي چڪي آهي، ڊاڪٽر مصدق ملڪ چيو ته نقصان ۾ هلندڙ ادارن جو وڌيڪ بوجهه نٿا کڻي سگهون. خساري ۾ هلندڙ ادارن کي خانگي بڻائينداسين. هن چيو ته پي آءِ اي کي خانگي بڻائڻ لاءِ قانونسازي ٿي چڪي آهي. هولڊنگ ڪمپني جوڙي وئي، جنهن کان پي آءِ اي کي خانگيو ويندو. پي آءِ اي ايئرلائن ڪمپني جي طور تي نجڪاري ٿيندي، پي آءِ اي جي نجڪاري تي پيپلزپارٽي جي اتفاق تي ڳالهائيندي مصدق ملڪ چيو ته پيپلزپارٽي ۾ سمجهدار ماڻهو موجود آهن. مون کي يقين آهي ته جڏهن ويهنداسين ته پاڻ ۾ غور ويچار ڪنداسين ته ضرور ڪو نه ڪو رستو نڪري ايندو.

بقايا 09 ***

بيان موجب وفد محمد شهباز شريف کي وزارت عظميٰ جي عهدو سنڀالڻ تي مبارڪباد ڏني. ملاقات ۾ بلوچستان ۾ قانون ۽ انصاف جي صورتحال ۽ بلوچستان جي نوجوانن جي مسئلن جي حوالي سان ڳالهه ٻولهه ڪئي. وزيراعظم بلوچستان جي نوجوانن کي سمورين سهولتون فراهم ڪرڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪيو بلوچ نوجوانن کي روزگار ۽ علم حاصل ڪرڻ جا موقعا فراهم ڪرڻ رياست جي ذميواري آهي.

بقايا 10 ***

ڪندي پ پ اڳواڻ جو چوڻ هو ته اپوزيشن جماعتون عدالتن سان رابطو ڪري رهيون آهن. مخصوص سيٽن تي حلف برداري لاءِ ڪي پي اسيمبلي جو اجلاس نه پيو گهرايو وڃي. ڪي پي اسيمبلي جو اجلاس گهرائڻ لاءِ اليڪشن ڪميشن سان رابطو ڪيون پيا. هن چيو ته خيبرپختونخواهه حڪومت وانگر پي شڪار آهي. غيرقانوني ۽ غير آئيني حربا استعمال ڪيا پيا وڃن. صوبي ۽ مرڪز وچ ۾ سٺا لاڳاپا هجڻ گهرجن. سندس چوڻ هو ته ڪي پي اسيمبلي جو اجلاس گهرائي بجيٽ پيش ڪئي وڃي. ڪي پي اسيمبلي جو اسپيڪر ٽائيگر فورس جو نمائندو بڻجڻ جي ڪوشش پيو ڪري، اسپيڪر مخصوص سيٽن تي ڪامياب ميمبرن کان حلف وٺي، حلف نه ورتو ويندو ته ٻين صوبن ۾ جيڪو ٿئي ته پوءِ سني اتحاد ڪائونسل وارا شڪايت نه ڪن. پ پ اڳواڻ وڌيڪ چيو ته علي امين گنڊاپور ٻاهر ڊالاگ هلندو آهي ۽ اندر وڃي منٿون ڪندو آهي، علي امين گنڊاپور اندر وڃي وزيراعظم کي ميڙ منٿ ڪندو آهي. هن چيو ته افغانستان ۾ ڪارروائي ٿي ته پي ٽي آءِ سڀ کان پهريان مذمت ڪئي، ڇا پي ٽي آءِ ڪڏهن افغانستان مان پاڪستان ۾ ٿيندڙ دهشتگردي جي به مذمت ڪئي آهي؟ سمورين سياسي جماعتن کي گڏجي چونڊ سڌارا ڪرڻا پوندا.

بقايا 11 ***

خيل جسٽس حسن رضوي ۽ جسٽس عرفان سعادت تي ٻڌل 5 رڪني لارجر بئنچ شوڪت صديقي جي آئيني درخواستن تي 23 جنوري 2024 تي مڪمل ڪئي هئي. عدالت هائي ڪيس جو 22 صفحن تي تفصيلي فيصلو جاري ڪيو، جيڪو چيف جسٽس پاڪستان قاضي فائز عيسيٰ جاري ڪيو. سپريم ڪورٽ طرفان جاري فيصلي ۾ چيو ويو آهي ته سپريم جوڊيشل ڪائونسل طرفان شوڪت عزيز صديقي جي برطرفي کي غيرقانوني قرار ڏنو وڃي ٿو. جڏهن ته 11 آڪٽوبر 2018 تي وزيراعظم جي سفارش تي صدر ان جي برطرفي جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ان کي به ڪالعدم قرار ڏنو وڃي ٿو عدالتي فيصلي ۾ چيو ويو آهي ته جسٽس (ر) شوڪت عزيز صديقي کي بحال نه ٿو ڪري سگهجي، ان کي رٽائرڊ جج تصور ڪيو وڃي، شوڪت صديقي رٽائرڊ جج اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۽ سمورين مراعتون ۽ پينشن جو حقدار هوندو، ان کي پينشن سميت سمورين مراعتون ملنديون.

بقايا 12 ***

جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو آهي. نوٽيفڪيشن موجب، ڪميٽي ايئرپورٽ مئنيجمينٽ جي آئوٽ سورسنگ جو جائزو وٺندي ۽ پي آءِ اي جي نجڪاري بابت معاملن جي نگراني ڪندي. نوٽيفڪيشن ڄاڻايو ويو آهي ته پرڏيهي وزير، نجڪاري وارو وزير، نجڪاري معاملن بابت سيڪريٽري، ڊپٽي چيئرمين پلاننگ ڪميشن ۽ سيڪريٽري هوابازي ڊويزن کي ڪميٽي جو حصو بڻايو ويو آهي. ياد رهي ته ڪجهه ڏينهن اڳ وفاقي ڪابينا اجلاس ۾ وزيراعظم پي آءِ اي جي نجڪاري وارو عمل وڌيڪ تيز ڪرڻ، شفافيت يقيني بڻائڻ ۽ هوائي اڏن جي آئوٽ سورسنگ بابت ڪميٽي جوڙڻ جي هدايت ڪئي هئي.

بقايا 13 ***

سان ڳالهائيندي علي امين گنڊاپور چيو ته سائفر سازش هئي هو هاڻي به پنهنجي بيان تي بيٺل آهن. غيرتمند پاڪستاني جي گهر ۾ مداخلت به هجي ته اها سازش آهي. سندس چوڻ هو ته سائفر بابت ڊونلڊ لو جي بيان جي پاڪستاني سفير اسد مجيد تصديق ڪئي هئي. اسد مجيد کي گهرائي پڇا ڪئي وڃي ته ڳالهيون ناهن ٿيون ته سائفر ڪنهن اماڻيو. ڊونلڊ لو جيڪڏهن سچ ڳالهائي رهيو آهي ته سائفر ڇا هو؟. خيبرپختونخوا جي وڏي وزير علي امين گنڊاپور چيو ته جيڪڏهن سائفر نه هو ته تحريڪ انصاف باني کي سزا ڇو ڏني وئي. ملڪ اندر ڪنهن جي مداخلت برداشت نه ڪنداسين. ملڪ سان جيڪو تجربو ڪيو ويو ان سان عوام کي نقصان ٿيو هن چيو ته تحريڪ انصاف باني ڪڏهن ڊيل نه ڪندو، هن هميشه چيو آهي ته پاڪستان لاءِ ڳالهين لاءِ تيار آهي. هڪ سوال جي جواب ۾ ڪي پي جي وڏي وزير چيو ته خيبرپختونخوا جو عوام جا مسئلا حل ڪري رهيا آهن، وفاق کي پيسا ڏيڻا آهن هي ڪي پي جو حق آهي. علي امين گنڊاپور چيو ته ووٽ چوري ڪري حڪومت ٺهي. عوام ووٽ نه ڏنا، اليڪشن ۾ تاريخ جي بدترين ڌانڌلي ڪئي وئي، پي ٽي آءِ جون 180 سيٽون چوري ٿيون. عوام جي سپورٽ حڪومت سان گڏ ناهي هي ڇا ڊليور ڪندا. وزيراعظم شهباز شريف سان ملاقات دوران فارم 45 ۽ 47 بابت ٿيل ڳالهين تي سوال تي خيبرپختونخوا جي وڏي وزير علي امين گنڊاپور چيو ته وزيراعظم پاڻ فارم 47 وارو آهي، هوان سان ڇا ڳالهيون ڪري.

بقايا 14 ***

فورسز جي قافلي تي خودڪش حملي جي مذمت ڪندي پاڪ فوج جي جوانن صوبيدار ياسر شڪيل ۽ سپاهي طاهر نواز جي شهادت تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي. پنهنجي بيان ۾ اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته دهشتگرد ملڪ جي امن ۽ استحڪام جا دشمن آهن. هن چيو ته دهشتگردي جون بزدلاڻيون ڪارروايون اسان جا حوصلا ڪمزور نه ٿيون ڪري سگهن. اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته ملڪي سلامتي کي نقصان پهچائڻ جي ڪنهن به ڪوشش کي سختيءَ سان منهن ڏنو ويندو هن چيو ته پوري قوم دهشتگردي جي خلاف جنگ ۾ سيڪيورٽي فورسز سان گڏ بيٺل آهي. ملڪ ۽ قوم جي حفاظت جي لاءِ جانيون نذرانا پيش ڪندڙ بهادر فرزندن کي سلام پيش ڪريون ٿا.

بقايا 15 ***

. ملاقات دوران سي پيڪ فيز ٽو کي تيز ڪرڻ تي اتفاق ۽ پنج نين اقتصادي راهدارين تي هڪ ورڪنگ گروپ قائم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو. ملاقات ۾ وفاقي وزير احسن اقبال چيو ته پاڪستان سي پيڪ جي اڳيئن مرحلي ۾ وڃڻ جو خواهشمند آهي ۽ سي پيڪ تحت قدمن ۽ رٿائن جي وقت سر نفاذ ۽ تعمير کي يقيني بڻائڻ لاءِ حڪومت انٿڪ محنت ڪندي. چيني سفير وفاقي وزير کي چوٿون پيرو رٿابندي جو قلمدان ملڻ تي مبارڪباد ڏني ۽ چيو ته اوهان سموري دنيا ۾ مسٽر سي پيڪ جي نالي سان ڄاتا وڃو ٿا، اوهان جي سربراهي ۾ وڌيڪ سگهه جو موقعو ملندو.

بقايا 16 ***

ٻڌڻي ٿيندي. جسٽس امين الدين خان جي سربراهي ۾ ڇهه رڪني بئنچ معاملي تي ٻڌڻي ڪندي، جسٽس محمد علي مظهر، جسٽس حسن اظهر رضوي، جسٽس شاهد وحيد، جسٽس مسرت هلالي ۽ جسٽس عرفان سعادت بئنچ جو حصو آهن.

بقايا 17 ***

ڏني ڇڏي. صدر سزائن ۾ گهٽتائي جي منظوري آئين جي آرٽيڪل 45 ۽ رولز آف بزنس جي رول 15 اي تحت ڏني، سزائن ۾ رعايت 65 سال کان وڏي عمر جي مرد قيدين، 60 سال کان وڏي عمر جي عورت قيدين ۽ 18 ورهين کان گهٽ عمر وارين قيدين تي لاڳو هوندي. قتل، جاسوسي ۽ رياست مخالف سرگرمين وارن قيدين کي سزا ۾ رعايت نه ملندي.

بقايا 18 ***

رول 15 اي تحت ڏني، سزائن ۾ رعايت 65 سال کان وڏي عمر جي مرد قيدين، 60 سال کان وڏي عمر جي عورت قيدين ۽ 18 ورهين کان گهٽ عمر وارين قيدين تي لاڳو هوندي. قتل، جاسوسي ۽ رياست مخالف سرگرمين وارن قيدين کي سزا ۾ رعايت نه ملندي.

بقايا 19 ***

ٽئڪس نيٽ وڌائڻ لاءِ ڊيٽا ويئر هائوس جي تياري تي ڪم جاري آهي، نيشنل ڊيٽا ويئر هائوس جو مقصد ٽئڪس ڏيندڙن جا تفصيل جمع ڪرڻ آهي ۽ لاڳاپيل ڊيٽا کي استعمال ڪرڻ جو اختيار رڳو ايف بي آر وٽ هوندو. ذريعن جو چوڻ آهي ته نادرا ۽ ڪمرشل بئنڪن سميت مختلف ادارن مان ڊيٽا گڏ ڪئي پئي وڃي جڏهن ته نيشنل ڊيٽا ويئرهائوس جي تياري ۾ صوبن کان به مدد ورتي پئي وڃي. سمورن ادارن مان شهرين جي حاصل ڪيل ڊيٽا هڪ هنڌ گڏ ڪئي ويندي.

بقايا 20 ***

تي ٻڌڻي ڪئي. ان سلسلي ۾ ايس ايس پي اڊيالا جيل عدالت ۾ پيش ٿيو سپرنٽينڊنٽ جيل عدالت کي ٻڌايو ته جيل رولز ۾ آن لائين ملاقات جي اجازت ناهي جنهنڪري ملاقات نٿا ڪرائي سگهون. ٿريٽ الرٽس سبب 12 مارچ کان ملاقاتن تي بندش آهي. عدالت چيو ته ميڊيا ۾ خبرون آهن ته پنجاب جي وزيراعليٰ ڪوٽ لکپت جيل ۾ آن لائين ملاقاتن جو اعلان ڪيو آهي، وزيراعليٰ کي فخر وچان چيو ته ايشيا جي پهرين جيل آهي جتي اها سهولت ڏئي رهيا آهيون. عدالت جو چوڻ هو ته جيڪڏهن جيل رولز ۾ اجازت ناهي ته ڪوٽ لکپت جيل ۾ غيرقانوني ڪم ڪيئن شروع ٿي ويو؟ جيل انتظاميا پنهنجي جواب ۾ اهو چئي رهي آهي ته پنجاب جي وزيراعليٰ جو قدم غيرقانوني آهي؟ اوهان چئي رهيا آهيو ته عدالتي حڪم تي عمل نٿو ڪري سگهجي، ترميم جي ضرورت آهي. عدالتي رمارڪس تي اسسٽنٽ ڪائونسل استدعا ڪئي ته وڌيڪ هدايتون وٺڻ لاءِ ڪجهه وقت گهرجي، ان تي عدالت چيو ته ايندڙ ٻڌڻي تي جواب ڏيو. ايڊووڪيٽ جنرل ايندڙ ٻڌڻي تي پنهنجي پوزيشن واضح ڪري. عدالت درخواست تي وڌيڪ ٻڌڻي 29 مارچ تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا 21 ***

ٿين جنهن جي نتيجي ۾ پاڪ فوج جا 2 جوان شهيد ٿي ويا. پاڪ فوج جي ترجمان اداري آءِ ايس پي آر طرفان جاري ڪيل بيان موجب 21 مارچ تي آبگهاتي ۾ بمبار گاڏي فورسز جي قافلي سان ٽڪرائي، حادثي ۾ 38 سالن جو نائب صوبيدار ياسر شڪيل ۽ 34 سالن جو سپاهي طاهر نويد شهيد ٿي ويا. ٻنهي سپاهين جو واسطو ڪرهات سان هو. آءِ ايس پي آر موجب بزدلاڻي حملي جي ذميوارن کي انجام تائين پهچايو ويندو، سيڪيورٽي فورسز دهشتگردي جي لعنت جي خاتمي لاءِ پرعزم آهن. آءِ ايس پي آر چيو ته اسان جي بهادر سپاهين جون قربانيون اسان جي عزم کي مضبوط ڪن ٿيون.

بقايا 22 ***

کي زخمي ڪندڙ ڦورن جي خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. تفصيل موجب سهراب گوٺ ٿاڻي ۾ مقتول 8 ورهين جي اسرار جي والد قاسم خان جي مدعيت ۾ ڪيس داخل ڪيو ويو، جنهن ۾ قتل اقدام قتل جا قلم ايف آءِ آر ۾ شامل ڪيا ويا آهن. مدعي قاسم خان مطابق هو جوڻيجو ڪالوني ۾ هوٽل هلايان ٿو رات جو منهنجو پٽ 8 ورهين جو اسرار ۽ ڀاءُ عباس گهٽي ۾ هوٽل ٻاهران ويٺا هئا. اوچتو هڪ موٽر سائيڪل 125 تي 2 ڄڻا آيا ۽ پاڻ ۾ جهيڙو ڪرڻ لڳا. قاسم ٻڌايو ته جهيڙو ڪندڙ نصرالله عرف روغ ليوا پاڻ وٽ موجود ٻه پستول ڪڍيا ته ان جي ساٿي هڪ پستول کسي ورتو. نصرالله پنهنجي پستول سان ان تي سڌي فائرنگ ڪري ڏني. مدعي چيو ته پستول مان نڪرندڙ گولي مٿي ۾ ۽ هڪ گولي پاڻ جي پني ۾ لڳي، پاڻ ۽ پٽ ٻئي زخمي ٿي زمين تي ڪري پيا. نصرالله فائرنگ ڪندو پنهنجي موٽرسائيڪل ڇڏي پنڌ ندي ڏانهن ڀڄي ويو نصرالله ۽ ان جي نامعلوم ساٿي منهنجي پٽ کي فائرنگ ڪري قتل ۽ پاڻ کي زخمي ڪيو.

بقايا 23 ***

مريد عباس عمران خان ۽ ٻين خلاف پارليامينٽ حملي ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي، ٻڌڻي دوران پي ٽي آءِ باني جو وڪيل نعيم پنجوٿا دليل ڏنا عدالت ۾ پي ٽي آءِ باني ۽ شاهه محمود قريشي جي پروڊڪشن آرڊر لاءِ درخواست داخل ڪئي وئي جڏهن ته نعيم پنجوٿا دليل ڏيندي چيو ته اڊيالا جيل جي سپرنٽينڊنٽ ڪنهن به عدالت جو حڪم نٿو مڃي. سپرنٽينڊنٽ کان حڪم تي عمل ڪرايو وڃي ۽ پي ٽي آءِ باني کي پيش ڪرڻ گهرجي، سيڪيورٽي جو بهانو آهي، ويڊيو لنڪ تي پي ٽي آءِ باني جي حاضري نٿو لڳرائي. نعيم پنجوٿا جي دليلن تي جڊيشل مئجسٽريٽ چيو ته پي ٽي آءِ باني اڊيالا جيل ۾ آهي ۽ مختلف صورتحال آهي، ويڊيو لنڪ جو آپشن ته موجود آهي پر حاضري اي ڪورٽ ۾ لڳندي آهي. نعيم پنجوٿا چيو ته عدالت، پي ٽي آءِ باني کي عدالت جي ڪمري ۾ پيش ڪرڻ جو حڪم ڏئي، هاءِ ڪورٽ فيصلو ڏنو آهي ته ويڊيو لنڪ تي سياسي اڳواڻن سان ملاقات ٿي سگهي ٿي، اڊيالا جيل ۾ انٽر هلي ٿي پر پي ٽي آءِ باني واري معاملي تي انٽرنيٽ نٿي هلي، جيل سپرنٽينڊنٽ پي ٽي آءِ باني کي ويڊيو لنڪ تي آڻڻ کان ڪيٻائي رهيو آهي. عدالت نعيم پنجوٿا جا دليل مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ عمران خان ۽ شاهه محمود قريشي جي پروڊڪشن جي درخواست منظور ڪندي ٻنهي اڳواڻن کي 20 اپريل تي پيش ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي.

بقايا 24 ***

الدين احمد ڪٿي، ان موقعي تي محمد ايوب شيخ، محمد ثاقب، سيد عمران زيدي، سڪندر زرداري، انتخاب راجپوت، آفتاب چانڊيو، سردار شاهه الاهي بخش پٽو، سيد عامر وقار، انجم توقير، بلال ظفر، دلاور جعفري ۽ ٻيا عملدار پڻ موجود هئا. واڪ ۾ اسڪول جي استادن ۽ شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري قومي جهنڊا لڏڪائي پاڪستان زنده باد جا زوردار نعرا هنيا. ترجمان موجب سي اي او واٽر ڪارپوريشن شهر ۾ پاڻي جي فراهمي جي ذريعي امن امان قائم ڪرڻ جو عزم ورجائيندي چيو ته اڄ سڄي دنيا ۾ پاڻي جو عالمي ڏينهن ملهايو پيو وڃي ۽ ان سلسلي ۾ واٽر ڪارپوريشن پاڻي جو عالمي ڏينهن ڪراچي واٽر سمٽ "امن لاءِ پاڻي" جي عنوان تحت وڏي جوش ۽ جذبي سان ملهائي رهي آهي. واڪ جي موقعي تي سي اي او واٽر ڪارپوريشن سڀني شرڪت ڪندڙن، استادن ۽ شاگردن جو شڪريو ادا ڪندي ڪين مبارڪباد پيش ڪندي چيو ته شهر ۾ پاڻي جي فراهمي کي يقيني بڻايو ويندو ته پاڻي هوندو ته امن هوندو. تنهنڪري جتي پاڻي ضايع ٿي رهيو آهي ان کي بچائڻ گهرجي، هن چيو ته پاڻي زندگي آهي انڪري پاڻي گهٽ استعمال ڪريو ڇاڪاڻ ته اهو اسان جو مذهبي، سماجي، قومي فرض ۽ وقت جي ضرورت آهي، انڪري اچو ته پنهنجي، پنهنجي ايندڙ نسلن ۽ هن ڌرتي لاءِ پاڻي کي احتياط سان استعمال ڪريون. هن وڌيڪ چيو ته پاڻي جي وسيلن کي جديد انتظام هيٺ استعمال ڪيو وڃي ته جيئن مستقبل ۾ پاڻي وڌيڪ مقدار ۾ موجود هجي.

بقايا 25 ***

تي ختم ٿيندو ۽ 18 جون تائين اسان فخر سان چونداسين ته واٽر ڪارپوريشن پنهنجي سسٽم ۾ اضافي 300 ايم جي ڊي پاڻي شامل ڪيو آهي. اسان ڄاڻون ٿا ته ڪراچي ۾ پاڻي جي طلب ۽ رسد ۾ وڏو فرق آهي، واٽر ڪارپوريشن صوبائي ۽ وفاقي حڪومتن سان گڏجي نجي شعبي ۾ تعاون سان ڪري سگهجي ٿو، اسان سمجهون ٿا ته پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ ڪراچي جي اڳتي وڌڻ جو رستو آهي. اسين واٽر ڪارپوريشن جي سڌارن تي يقين رکون ٿا ۽ ڪراچي لاءِ آزاد فيصلو ڪندڙ واٽر ڪارپوريشن چاهيون ٿا. پاڻي جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي آئون ميئر ڪراچي جي حيثيت سان سڀني شهرين لاءِ پاڻي جي برابر رسائي کي يقيني بڻائڻ لاءِ پنهنجي عزم کي ورجايان ٿو ڇاڪاڻ ته پاڻي نه رڳو هڪ بنيادي انساني ضرورت آهي پر اسان جي مختلف برادرين ۾ امن ۽ استحڪام لاءِ پڻ بنيادي شرط آهي. واٽر ڪارپوريشن کي پنهنجي بنيادي ڍانچي تحت مالي ۽ انتظامي طور تي وڌيڪ مضبوط ڪيو ويو آهي ته جيئن پاڻي تائين پهچ سان لاڳاپيل چيلنجز کي منهن ڏيئي سگهجي. واٽر ڪارپوريشن انتظاميا کي ڪراچي ۾ پهريون ڀيرو پاڻي جو عالمي ڏهاڙو وڏي پيماني تي ملهائڻ تي خراج تحسين پيش ڪريان ٿو. اهڙن خيالن جو اظهار ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب پاران هڪڙي مقامي هوٽل ۾ پاڻي جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي ڪراچي واٽر سمٽ "امن لاءِ پاڻي" جي عنوان هيٺ واٽر ڪارپوريشن پاران ڪوٺايل تقريب ۾ اظهار ڪندي پارٽي کي خطاب ڪندي ڪيو. تقريب جو خاص مهمان ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب هو. تقريب ۾ سي اي او واٽر ڪارپوريشن انجنيئر سيد صلاح الدين احمد، سي او او واٽر ڪارپوريشن انجنيئر اسدالله خان، وي سي اين اي ڊي يونيورسٽي ڊاڪٽر سروش حشمت لوڌي، پي ڊي ڪي ڊبليو ايس آئي پي عثمان معظم، ڊائريڪٽر پنجوائي حصار واٽر انسٽيٽيوٽ ڊاڪٽر سيد عمران احمد، سيڪريٽري بورڊ زهرا دستگير، ڊي ايم ڊي پلاننگ محمد ايوب شيخ ۽ مختلف ملڪن جي سفيرن سميت ٻيا اعليٰ عملدار پڻ موجود هئا. تقريب جي موقعي تي ميئر ڪراچي پاڻي جي کوٽ جي خاتمي لاءِ مستقبل جي پلاننگ تي جلد از جلد عملدرآمد ڪرڻ جي عزم جو اظهار ڪندي چيو ته اسان جي حڪومت گندي پاڻي کي ٻيهر استعمال ڪرڻ ۽ ريسائڪلنگ مڪمل ڪرڻ ۾ برتري حاصل ڪئي آهي. هن چيو اسان پاڻي جي شعبي ۾ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ متعارف ڪرائڻ لاءِ پرعزم آهيون جنهن تحت صنعت جي گهرج ويسٽ واٽر ٽريٽمينٽ ذريعي پوري ڪئي ويندي ۽ تازي پاڻي تي صنعتي انحصار گهٽايو ويندو ۽ ڪراچي جي سمورن علائقن ۾ پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي کي يقيني بڻايو ويندو ۽ اهي مقصد حاصل ڪرڻ کانپوءِ ڪراچي جي پاڻي مان مجموعي طور تي ملڪ جي آمدني ۾ نمايان اضافو ٿيندو. تقريب جي ميزبان چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر واٽر ڪارپوريشن انجنيئر سيد صلاح الدين احمد خطاب ڪندي چيو ته اڄ اسان پاڻي جو عالمي ڏينهن ملهائي رهيا آهيون، ان موقعي تي آئون هن تقريب ۾ شرڪت ڪندڙن کي دل جي گهراين سان مبارڪباد پيش ڪريان ٿو. هن چيو ته ڪراچي ۾ پاڻي جا غير قانوني سيٽ اپ هلي رهيا هئا، جن کي قانون لاڳو ڪندڙ ادارن ۽ ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب جي قيادت ۽ سندن مڪمل سهڪار سان ختم ڪيو ويو آهي ۽ اسان ميئر ڪراچي جي هر قدم ۾ سندس ڀريان بيٺل آهيون. هن چيو رڪارڊ جي ڊجيٽلائيزيشن ذريعي شفافيت ۽ احتساب آڻڻ پوندو، ڪراچي ۾ نان روينيو پاڻي بدانتظامي ڪانسواءِ ڪجهه نه آهي ۽ اسان واٽر ڪارپوريشن سسٽم ۾ ڊجيٽلائيزيشن آڻيندا آهيون. هن چيو ته پاڻي جي عالمي ڏينهن تي آئون ۽ منهنجو ادارو علائقائي ۽ عالمي امن ۽ خوشحالي کي فروغ ڏيڻ ۾ پاڻي جي اهميت کي تسليم ڪريون ٿا، پاڻي جو عالمي ڏينهن پيئڻ جي صاف پاڻي تائين هر فرد جي رسائي جي اهميت کي اجاگر ڪرڻ جو هڪ موقعو آهي جنهن جي نتيجي ۾ سماج ۾ پائيدار امن قائم ٿي سگهي ٿو. واٽر ڪارپوريشن ان شاندار موقعي تي پنهنجي ان موقف کي ورجائي ٿي ته پاڻي جي بچاءُ، ريسائڪلنگ ۽ ٻيهر استعمال ۾ جدت سان گڏ پاڻي جي پائيدار انتظام لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪئي ويندي ۽ اسان پنهنجي معزز گهريلو، صنعتي ۽ تجارتي صارفين کان پاڻي جي بچاءُ لاءِ واعدو ۽ مدد پڻ چاهيون ٿا، جنهن تحت موجوده ۽ ايندڙ نسلن لاءِ پاڻي جي حفاظت کي يقيني بڻائي سگهجي ٿو. هن چيو ته واٽر ڪارپوريشن هميشه جديد پاڻي جي انتظام جي حل لاءِ وقف آهي ۽ ان سلسلي ۾ گذريل سال دوران واٽر ڪارپوريشن غير قانوني ڪنيڪشنز جي خاتمي ذريعي پنهنجي روينيو وصولي ۾ 35 سيڪڙو اضافو ڪيو ۽ غيرقانوني ڪنيڪشن ختم ڪري روزانو 25 ملين گيلن پاڻي محفوظ ڪيو ويو آهي جيڪو شهرين ۾ منصفاڻي طور تي ورهايو پيو وڃي، هن چيو اهي ڪاميابيون اسان جي ٽيم جي غير متزلزل وقف ۽ اسان مان هر هڪ جي اندر مثبت تبديلي کي اثر انداز ڪرڻ جي لامحدود صلاحيت جو ثبوت آهن. هن چيو پاڻي جي هن عالمي ڏينهن تي اچو ته امن لاءِ پاڻي جي پيغام کي عام ڪرڻ لاءِ پنهنجي عزم جي تجديد ڪريون ۽ اسان سڀئي گڏجي ان ڳالهه کي يقيني بڻائڻ جي ڪوشش ڪريون ته پاڻي سڀني لاءِ اتحاد، تعاون ۽ امن جو ذريعو هجي. تقريب کي وي سي اين اي ڊي يونيورسٽي ڊاڪٽر سروش حشمت لوڌي، پي ڊي ڪي ڊبليو ايس آئي پي عثمان معظم، ڊائريڪٽر پنجوائي حصار واٽر انسٽيٽيوٽ ڊاڪٽر سيد عمران احمد، سيڪريٽري بورڊ زهرا دستگير، ڊي ايم ڊي پلاننگ محمد ايوب شيخ ۽ ٻين خطاب ڪيو.

بقايا 26 ***

. غزا جنگ بندي بابت گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل ۾ غزا جنگبندي ۽ قيدين جي ڏي وٺ بابت آمريڪي ٺهراءُ تي ووٽنگ لاءِ اجلاس ٿيو آمريڪي نمائندي ٺهراءُ پيش ڪندي ست آڪٽوبر تي حماس حملن جي مذمت جو مطالبو ڪيو جڏهن ته روس ۽ چين آمريڪي قرارداد کي ويٽو ڪري ڇڏيو. سلامتي ڪائونسل جي 15 مان 11 ميمبرن حمايت جڏهن ته روس، چين ۽ الجزائر مخالفت ڪئي. روسي نمائندي اسرائيل جي حامي آمريڪي ٺهراءُ کي منافقت ۽ ڊرامو قرار ڏنو ۽ چيو ته آمريڪا قرارداد ذريعي حماس کي جنگ جو ذميوار قرار ڏيندي رفح تي اسرائيلي چڙهائي لاءِ رستو صاف ڪرڻ چاهي ٿو هن چيو ته آمريڪي ٺهراءُ جو اصل مقصد اسرائيل کي سزا کان بچائڻ لاءِ وقت حاصل ڪرڻ آهي.

بقايا 27 ***

بورڊ جي هيڊ آفيس ۾ ڪئمپ لاءِ راندیگرن جي نالن تي غور ڪيو ويو جنهن ۾ محسن نقوي ميرٽ ۽ ڪارڪردگي تي راندیگر چونڊڻ جي هدايت ڪئي. چيف سليڪٽر وهاب رياض پي سي بي چيئرمين کي پاڪستان سپر ليگ جي نائين ايڊيشن ۾ ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ راندیگرن بابت رپورٽ پيش ڪئي. محسن نقوي چيو ته پاڪستان سپر ليگ ۾ بهترين ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪندڙ راندیگرن کي ڪئمپ ۾ شامل ڪيو وڃي. ڪئمپ لاءِ راندیگرن جي چونڊ ۾ سندس سفارش به نه مڃي وڃي. هن وڌيڪ چيو ته ميرٽ ۽ ڪارڪردگي جي بنياد تي چونڊيل راندیگر سٺو نتيجو ڏيڻ جي صلاحيت رکن ٿا.

بقايا 28 ***

تي وفاقي ايڪسائيز ڊيوٽي جي هڪ ٿي شرح لاڳو ڪئي وڃي، ڀل ڪئي مقامي هجي يا غير مقامي ۽ هڪ ماحول ۾ گڏلان پکيڙيندڙ مشينري تي پيٽروليم ڊولپمينٽ ليوي لڳائڻ جي تجويز ڏني آهي. آءِ ايم ايف، ايف بي آر کي چيو آهي ته ملڪ ۾ تيار ٿيندڙ ڪارڊ ۽ جديد ساموندي ٻيڙين تي ايڪسائيز ڊيوٽي وڌائيندي سرحدي ڪنٽرول کي وڌايو وڃي ته جيئن حساس علائقن مان تيل جي ضمني شين کي غير قانوني فراهمي کان بچائي سگهجي. آءِ ايم ايف اي سگريٽ تي مقامي سگريٽ جي برابر ٽيڪس لڳائڻ جي تجويز ڏني آهي، اهڙي طرف آءِ ايم ايف وچ مدي لاءِ چيو آهي ته هڪ ڀيرو آمدني وڌڻ لڳي ته ٻين ڪيترن ئي شين تي فيڊرل ايڪسائيز ڊيوٽي ختم ڪئي وڃي. آءِ ايم ايف پاران فراهم ڪيل پاليسي تجويزن کي پاڪستاني اختيارين سان ٽيڪنيڪل اسسٽنٽ رپورٽ ۾ شامل ڪيو آهي. آءِ ايم ايف جو چوڻ آهي ته وڌين شين تي ايڪسائيز لاڳو ڪيو ويندو آهي، جن ۾ تماڪ، ڪاربونڪس مشروبات، سيمينٽ، ٽيليڪميونيڪيشن سروسز پيٽروليم ۽ قدرتي گئس جون شيون شامل آهن. پيٽروليم شين تي ايڪسائيز جي حوالي سان فيڊرل ايڪسائيز ڊيوٽي جي رقم مالي سال 2023ع ۾ جي ڊي پي جو ٻڙي ڏهائي 7 سيڪڙو هئي، ٻين شين تي ايڪسائيز جي ڊي پي ٻڙي ڏهائي 4 سيڪڙو هئي، جيڪا گهڻو ڪري سگريٽ تي فيڊرل ايڪسائيز ڊيوٽي مان حاصل ٿي هئي. پيٽروليم ڊولپمينٽ ليوي هاٿوڪي سالن ۾ ڪيترائي ڀيرا تبديل ٿي آهي پر مالي سال 2023ع ۾ ان ۾ ڪافي اضافو ڪيو ويو، جولاءِ 2022ع ۾ پيٽرول تي پيٽروليم ليوي ڊولپمينٽ جي شرح 20 روپيا في لٽر هئي، نومبر 2022 کان 50 روپيا في لٽر ۽ سيپٽمبر 2023 تائين 60 روپيا في لٽر ڪئي وئي. آءِ ايم ايف جو چوڻ آهي ته پيٽروليم شين ۾ هڪ ٻي پاليسي تبديلي آندي وڃي ۽ اها ته مارچ 2022 ۾ سيلز ٽيڪس کان ڇوٽ ڏني وئي هئي. هتي اهو ياد رکڻ گهرجي ته سيلز ٽيڪس مان جمع ٿيندڙ آمدني اين ايف سي ايوارڊ تحت صوبن سان شيئر ڪئي ويندي آهي جڏهن ته پيٽروليم ڊولپمينٽ ليوي مڪمل طور تي وفاقي حڪومت وٽ رهندي آهي. آءِ ايم ايف موجب پيٽروليم ڊولپمينٽ ليوي ۾ وڏي واڌ باوجود 2019ع کان پيٽروليم شين تي آمدني ۾ گهٽتائي آئي آهي. 2019ع ۾ پيٽرول تي مجموعي ٽيڪس جي شرح 29 سيڪڙو هئي، جنهن ۾ پيٽروليم ڊولپمينٽ ليوي ۽ سيلز ٽيڪس 14 ڏهائي 5 سيڪڙو هوندي هئي، سيپٽمبر 2023 ۾ سيلز پرائس تي مجموعي ٽيڪس 19 ڏهائي 6 سيڪڙو هئي، پيٽرول تي نسبتا گهٽ ٽيڪس جي شرح پڻ سيلز جي قيمت ۾ ظاهر ٿئي ٿي، آءِ ايم ايف جي رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته پيٽروليم شين تي سيلز ٽيڪس کان ڇوٽ ختم ڪرڻ سان قيمتن ۾ 18 سيڪڙو اضافو ٿيندو، جيڪا جنرل سيلز ٽيڪس جي معياري شرح آهي.

بقايا 29 ***

پي ايل او جي ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جي اڳواڻ حسين اليشخ سان به ملاقات ڪئي، عرب پرڏيهي وزير ۽ انٽوني بلنڪن جي ملاقات وچ ۾ ٿيل ملاقات جي پڌرائي جاري ڪئي وئي جنهن ۾ عرب ملڪن جي پرڏيهي وزير غزا ۾ فوري جنگ بندي جو مطالبو ڪيو. پڌرائي موجب، عرب پرڏيهي وزير مطالبو ڪيو ته اسرائيل ۽ غزا وچ ۾ سمورن رستن کي بحال ڪيو وڃي ته جيئن امدادي سامان جي پهچ آسان ٿئي. ٻئي پاسي آمريڪي پرڏيهي وزير انٽوني بلنڪن جو چوڻ هو ته رفح ۾ اسرائيل جو وڏو فوجي آپريشن غلطي هوندي، حماس سان وڙهڻ لاءِ فوجي آپريشن کان سواءِ ٻيا به ڪوڙ طريقا آهن. هن چيو ته رفح ۾ فوجي آپريشن سان صورتحال اجهان وڌيڪ خراب ٿيندي، آمريڪا فلسطينين جي جبري لڏپلاڻ ۽ غزا پٽي تي ٻيهر قبضي کي نه مڃيندو هن وڌيڪ چيو ته حماس_ اسرائيل ڳالهين جو ڪنهن نتيجي تي پهچڻ ڏکيو ضرور آهي پر ناممڪن ناهي.

بقايا 30 ***

ڪروڙين روپين جي منشيات هٿ ڪري ورتي آهي. خبر موجب ايئرپورٽ سيڪيورٽي فورس، ملتان، ڪراچي سيالڪوٽ ۽ اسلام آباد ۾ ڪارروايون ڪيون. ملتان ايئرپورٽ تي ٻحرين، دوحا ويندڙ مسافرن کان منشيات هٿ ڪئي، جڏهن ته سيالڪوٽ ايئرپورٽ تي ڪارروائي ۾ مسافر کان هڪ ڪلو منشيات هٿ ٿئي. اي ايس ايف آفيسرن مطابق اسلام آباد ايئرپورٽ تي ٻن ڪارروائين ۾ منشيات جي اسمگلنگ جي ڪوشش ناڪام بڻائي وئي، ترجمان ٻڌايو ته ايئرپورٽ تي ٻحرين ويندڙ مسافر کان منشيات هٿ ڪئي، مختلف ڪارروائين ۾ هٿ آيل منشيات جي ماليت ڪروڙين روپيا آهي.

بقايا 31 ***

ته سنڌ جي راڄڌاني واري شهر ڪراچي ۾ چوويهه ڪلاڪن دوران آسمان صاف رهڻ جو امڪان آهي. جڏهن ته گذريل 24 ڪلاڪن دوران گهٽ ۾ گهٽ گرمي پد 24.4 سينٽي گريڊ رڪارڊ ڪيو ويو. موسمياتي کاتي موجب، ايندڙ 24 ڪلاڪن دوران گهٽ ۾ گهٽ گرمي پد 21 کان 23 ڊگري سينٽي گريڊ تائين ۽ وڌ کان وڌ 33 کان 35 ڊگري تائين وڃي سگهي ٿو. موسمياتي کاتي جو چوڻ آهي ته هوا ۾ گهمر جو تناسب 76 سيڪڙو آهي جڏهن ته 15 ڪلوميٽر في ڪلاڪ جي رفتار سان هوائون گهلي رهيون آهن.

بقايا 32 ***

ڪاٿي، فهرست جاري ڪري ڇڏي جنهن موجب اين اي 119 تان پي ٽي آءِ اڳواڻ حماد اظهر جا نامزدگي ڪاغذ رد ڪيا ويا آهن جڏهن ته پي پي 164 تان به حماد اظهر جا نامزدگي ڪاغذ رد ڪيا ويا، ان ڪانسواءِ اين اي 119 تان علي پرويز ۽ شهزادا فاروق سميت 12 اميدوارن جا ڪاغذ منظور ڪيا ويا. پ پ 158 تان مونس الاهي جا نامزدگي ڪاغذ رد ڪيا ويا جڏهن ته پي پي 158 تان اختر حسين ۽ يوسف علي سميت 27 اميدوارن جا نامزدگي ڪاغذ منظور ڪيا ويا آهن. پي پي 149 تان شعيب صديقي ۽ احسن اڪرم سميت 20 اميدوارن جا نامزدگي ڪاغذ منظور ڪيا ويا. پي پي 147 تان محمد خان مدني ۽ ماجد ظهور سميت 19 اميدوارن جا نامزدگي ڪاغذ منظور ڪيا ويا جڏهن ته 164 تان اختر حسين ۽ مرزا جاويد سميت 27 اميدوارن جا ڪاغذ منظور ڪيا ويا.

بقايا 33 ***

ايشيائي ترقياتي بئنڪ کان 282 ارب 282 ملين روپيا قرض حاصل ڪيو جنهن ۾ بي آر ٽي سميت 10 منصوبن لاءِ 138 ارب 388 ملين روپيا قرض ورتو ويو، جڏهن ته توانائي منصوبن لاءِ 53 ارب روپيا ورتا ويا. 29 ڪروڙ 80 لک روپيا قرض ورتو ويو دستاويز موجب آبپاشي منصوبن لاءِ 21 ارب 67 ڪروڙ 70 لک روپيا قرض ورتو ويو، علائقائي ترقياتي منصوبن لاءِ 14 ارب 23 ڪروڙ 50 لک روپيا قرض ورتو ويو خيبرپختونخواهه جي ناڻي واري صلاحڪار مزمل اسلم چيو ته خيبرپختونخواهه حڪومت تي ايشيائي ترقياتي بئنڪ جا 309 ارب روپيا قرض آهن، اهي قرض 31 ڊسمبر 2023ع تائين آهن، انهن قرضن جو مقصد فنانسنگ آهي، اهم منصوبا، 20 کان 25 تائين جا قرض ڊگهي مدي وارا ۽ رعايتي آهن. اهي قرض صوبائي حڪومت کي ايندڙ 5 سالن ۾ ملندا.

بقايا 34 ***

جي جسٽس شاهد بلال حسن، اظهر صديق ايڊووڪيٽ جي درخواست تي محفوظ فيصلو ٻڌايو. ٻڌڻي دوران وفاقي حڪومت جي وڪيل درخواستن جي مخالفت ڪئي، درخواست گذار اپيل ۾ موقف اختيار ڪيو ته پارليامينٽ نااهلي جي قانون کي 5 سال ڪري ترميم ڪئي، رولز مطابق تاحيات نااهلي جي قانون ۾ پارليامينٽ مخصوص ميمبرن جي ڪري ترميم نٿي ڪري سگهي. درخواست گذار عدالت کي اپيل ڪئي هئي ته عدالت 5 سال نااهلي جو مدو مقرر ڪرڻ جي قانون کي ڪالعدم قرار ڏئي. جسٽس شاهد بلال حسن اظهر صديق ايڊووڪيٽ جي درخواست تي محفوظ فيصلو ٻڌائيندي تاحيات نااهلي جو مدو 5 سال ڪرڻ جي خلاف درخواست خارج ڪري ڇڏي.

بقايا 35 ***

موجب، في تولي سون جي قيمت 4200 روپيا لاٿ ڪانپوءِ 2 لک 28 هزار 2 سئو روپيا آهي. اهڙي ريت ڏهه گرام سون 3600 روپيا سستو ٿيڻ ڪانپوءِ 1 لک 95 هزار 645 روپين ۾ وڪرو ٿي رهيو آهي. عالمي مارڪيٽ ۾ في اونس سون جو اگهه 40 ڊالر گهٽجڻ ڪانپوءِ 2165 ڊالرز آهي.

بقايا 36 ***

جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو آهي. نوٽيفڪيشن موجب، ڪميٽي ايئرپورٽ مئنيجمينٽ جي آئوٽ سورسنگ جو جائزو وٺندي ۽ پي آءِ اي جي نجڪاري بابت معاملن جي نگراني ڪندي. نوٽيفڪيشن ڄاڻايو ويو آهي ته پرڏيهي وزير، نجڪاري وارو وزير، نجڪاري معاملن بابت سيڪريٽري، ڊپٽي چيئرمين پلاننگ ڪميشن ۽ سيڪريٽري هوابازي ڊويزن کي ڪميٽي جو حصو بڻايو ويو آهي. ياد رهي ته ڪجهه ڏينهن اڳ وفاقي ڪابينا اجلاس ۾ وزيراعظم پي آءِ اي جي نجڪاري وارو عمل وڌيڪ تيز ڪرڻ، شفافيت يقيني بڻائڻ ۽ هوائي اڏن جي آئوٽ سورسنگ بابت ڪميٽي جوڙڻ جي هدايت ڪئي هئي.

بقايا 37 ***

پي ايل او جي ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جي اڳواڻ حسين اليشخ سان به ملاقات ڪئي، عرب پرڏيهي وزير ۽ انٽوني بلنڪن جي ملاقات وچ ۾ ٿيل ملاقات جي پڌرائي جاري ڪئي وئي جنهن ۾ عرب ملڪن جي پرڏيهي وزير غزا ۾ فوري جنگ بندي جو مطالبو ڪيو. پڌرائي موجب، عرب پرڏيهي وزير مطالبو ڪيو ته اسرائيل ۽ غزا وچ ۾ سمورن رستن کي بحال ڪيو وڃي ته جيئن امدادي سامان جي پهچ آسان ٿئي. ٻئي پاسي آمريڪي پرڏيهي وزير انٽوني بلنڪن جو چوڻ هو ته رفح ۾ اسرائيل جو وڏو فوجي آپريشن غلطي هوندي، حماس سان وڙهڻ لاءِ فوجي آپريشن کان سواءِ ٻيا به ڪوڙ طريقا آهن. هن چيو ته رفح ۾ فوجي آپريشن سان صورتحال اجهان وڌيڪ خراب ٿيندي، آمريڪا فلسطينين جي جبري لڏپلاڻ ۽ غزا پٽي تي ٻيهر قبضي کي نه مڃيندو هن وڌيڪ چيو ته حماس_ اسرائيل ڳالهين جو ڪنهن نتيجي تي پهچڻ ڏکيو ضرور آهي پر ناممڪن ناهي.

بقايا 38 ***

ته سنڌ جي راڄڌاني واري شهر ڪراچي ۾ چوويهه ڪلاڪن دوران آسمان صاف رهڻ جو امڪان آهي. جڏهن ته گذريل 24 ڪلاڪن دوران گهٽ ۾ گهٽ گرمي پد 24.4 سينٽي گريڊ رڪارڊ ڪيو ويو. موسمياتي کاتي موجب، ايندڙ 24 ڪلاڪن دوران گهٽ ۾ گهٽ گرمي پد 21 کان 23 ڊگري سينٽي گريڊ تائين ۽ وڌ کان وڌ 33 کان 35 ڊگري تائين وڃي سگهي ٿو. موسمياتي کاتي جو چوڻ آهي ته هوا ۾ گهمر جو تناسب 76 سيڪڙو آهي جڏهن ته 15 ڪلوميٽر في ڪلاڪ جي رفتار سان هوائون گهلي رهيون آهن.

بقايا 01 سنڌيار

تي تنقيد ٿي رهي آهي گذريل ڏينهن چيئرمين ڊسٽرڪٽ اوورسائيٽ ڪميٽي / ڊپٽي ڪمشنر بدين عبدالفتاح هليو جي زير صدارت ڪميٽي روم ۾ اهم گڏجاڻي منعقد ڪئي وئي گڏجاڻي ۾ هاءِ ويز ، بلڊنگس ۽ ايجوڪيشن ورڪس ۽ پبلڪ هيلٿ کاتي جي اسڪيمن جو جائزو ورتو ويو ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر بدين لاڳاپيل ايگزيڪيوٽيو انجنيئرن کي هدايت ڪئي ته هو عوامي مفادن وارين اسڪيمون وقت سر مڪمل ڪن ته جيئن هر شهري ان مان فائدو حاصل ڪري هن ضلعي بدين جي ٺهندڙ روڊن ۾ ناقص ميٽريل جي استعمال تي سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪيو هن چيو ته هاءِ وي کاتي جي نااهلي سبب ضلعي انتظاميه کي تنقيد جو منهن ڏسڻ پئجي رهيو آهي هن ايگزيڪيوٽو انجنيئر هاءِ وي عبدالقيوم ميمڻ کي چيو ته هو پاڻ روزانو جي بنياد تي اسڪيمن جو دورو ڪندو هن شهر جي مين روڊ ڪوسڪي روڊ ۾ استعمال ٿيندڙ ناقص ميٽريل جو پڻ نوٽيس وٺندي ايگزيڪيوٽو انجنيئر هاءِ وي عبدالقيوم ميمڻ کي هدايت ڪئي ته روڊ ۾ ناقص ڪوالٽي جي پٿر کي هٽائي اعليٰ ڪوالٽي جو پٿر استعمال ڪري روڊ کي جلد ڪارپيٽ ڪيو وڃي هن چيو ته ميٽريل جي ڪوالٽي ڪاٻه نرمي نه ڪئي ويندي هن پبلڪ هيلٿ جي ناقص ڪارڪردگي تي پڻ ناراضگي جو اظهار ڪيو هن وڌيڪ چيو ته وقت سر اسڪيمون مڪمل نه ڪندڙ ٺيڪيدارن جا لائسنس رد ڪري انهن کي بليڪ لسٽ لاءِ اعليٰ اختيارين کي پڻ لکيو ويندو گڏجاڻي ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون جاويد احمد ڏاهري، ايگزيڪيوٽو انجنيئر ايجوڪيشن ورڪس رياض احمد شيخ، سب انجنيئر پبلڪ هيلٿ محبوب علي سومرو، اڪائونٽ آفيسر ٿوڻو خان ڪوڪر ۽ ٻيا لاڳاپيل آفيسر پڻ موجود هئا

بقايا 02 سنڌيار

ابائي قبرستان پيرشارفو ۾ آلين اکين سان مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو . سندس جنازي ۾ ايم پي اي سيد اعجاز حسين شاهه بخاري ، پ پ اڳواڻ پير سجاد جان سرهندي ،جان محمد پٽي ، سول سوسائٽي جي پير عاصم جان سرهندي ، ميونسپل ڪميٽي جي چيئرمين سيد شاهنواز محسن شاهه بخاري ، پ پ اڳواڻ شفيق احمد پٽي ، شاهنواز ڪندرا ، محمد جمن ڪيهر ، آبادگار اڳواڻ نبي بخش سنديو ، سول سوسائٽي جي ڊاڪٽر جي ايم گل، ڊاڪٽر چمن لال ، عبدالحفيظ سليو ، سنڌي ادبي سنگت جي اعظم پٽي سميت اهم سياسي سماجي شخصيتن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا 03 سنڌيار

حڪم موجب ڪماليرو جي حد جي داخلي ۽ خارجي رستن جي مختلف هنڌن تان سنيپ چيڪنگ ڪري رهيا هياسين ته ڳوٺ ڪمن مهسر لڳ نامعلوم موٽر سائيڪل سوار پوليس ڏسندي موٽر سائيڪل ڇڏي فرار ٿي ويا جنهن پويان پوليس ٽيم پڻ ويل آهي هن جو وڌيڪ چوڻ هيو ته ايس ايس پي صدام حسين خاصخيلي جي حڪم موجب ڪمال ديرو حدن ۾ امن امان برقرار رکڻ لاءِ ڏينهن رات پڻ معمول موجب گشت ڪري رهيا آهن جيئن امن امان جو ماحول برقرار رهي عوام جو تحفظ ڪرڻ اسان جي اولين ترجيح فرض ۾ شامل آهي ڌوهارين کي بخش نه ڪيو پلي ڪيترو به طاقتور چو نه هجي.

بقايا 04 سنڌيار

اجلاس کي خطاب ڪندي صوبائي وزير جيل علي حسن زرداري چيو ته وزير اعليٰ سنڌ پاران رمضان المبارڪ جي پلاري مهيني دوران عوام کي کاڌي پيتي جي شين ۾ ريليف فراهم ڪرڻ ذخيره اندوزي ۽ منافعي خوري کي روڪڻ لاءِ صوبائي وزيرن کي جيڪي ذميواريون سونپيون ويون آهن انهن تي هر صورت ۾ عملدرآمد ڪرايو ويندو. ڪنهن به دڪاندار يا ڊيلر کي ذخيره اندوزي ۽ منافعي خوري ڪرڻ جي هرگز اجازت نه ڏني ويندي هن وڌيڪ چيو ته سنڌ حڪومت پاران عوام کي رليف فراهم ڪرڻ لاءِ هر ممڪن ڪوششون ورتيون پيون وڃن انهي سلسلي ۾ عام واهپي جي شين جي قيمتن جو لسٽون نه لڳائيندڙ اسٽاڪ بابت درست ڄاڻ نه ڏيندڙ ۽ حڪومت (ڊپٽي ڪمشنر) پاران جاري ڪيل ريٽ لسٽ کان وڌيڪ قيمتون وٺندڙ ڊيلر يا ذخيرو ڪندڙن مٿان هڪ لک روپيا، دڪاندارن مٿان 20 هزار ۽ ريڙهن وارن تي 10 هزار روپين جو ڏنڊ لڳايو ويندو صوبائي وزير ٽنهي ضلعن جي ڊپٽي ڪمشنرن کي هدايت ڪئي ته هو عوام کي ريليف فراهم ڪرڻ. منافعي خوري کي روڪڻ لاءِ هر ممڪن قدم کڻن جڏهن ته عوامي شڪايتن جي ازالي لاءِ شڪايتي سيل پڻ قائم ڪيا وڃن صوبائي وزير کين اها پڻ هدايت ڪئي ته سمورا لاڳاپيل عملدار روزاني جي بنياد تي فيلڊ ۾ اچي قيمتن جو جائزو وٺن ته جيئن عوام کي ريليف فراهم ڪري سگهجي ان موقعي تي اجلاس کي آگاهي ڏيندي ڪمشنر شهيد بينظيرآباد ڊويزن سيد محمد سجاد حيدر ٻڌايو ته ڊويزن جي ٽنهي ضلعن ۾ احترام رمضان آرڊيننس تي عمل ڪرائڻ، ذخيره اندوزي ۽ منافعي خوري کي روڪڻ لاءِ لاڳاپيل ڊپٽي ڪمشنر ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر پاران پهرين رمضان کان مارڪيٽن جا دورا ڪري قيمتن جو جائزو ورتو پيو وڃي جنهن تحت هن وقت تائين 2611 مختلف دڪانن جو دورو ڪري قيمتن جو جائزو ورتو ويو آهي انهن دورن دوران 261 منافعي خورن مٿان 2 لک 76 هزار 900 روپيا ڏنڊ لاڳو ڪيو ويو ۽ 3 هوٽل سيل ڪيا ويا آهن هي ڪاروائيون آخري روزي تائين جاري رهنديون هن وڌيڪ ٻڌايو ته عوام جي شڪايتن جي ازالي لاءِ ٽنهي ضلعن جي ڊپٽي ڪمشنر ۽ ڪمشنر آفيس سميت مارڪيٽ ۾ پڻ شڪايتي ڪنٽرول روم / شڪايتي ڊيسڪ قائم ڪيا ويا آهن اجلاس ۾ ٽنهي ضلعن جي ڊپٽي ڪمشنر پاران پنهنجي پنهنجي ضلعن ۾ منافعي خورن ۽ ذخيره اندوزن خلاف ڪيل ڪاروائين ۽ عوام کي ريليف فراهم ڪرڻ جي حوالي سان کنيل قدمن بابت تفصيلي آگاهي ڏني وئي. اجلاس ۾ ڊپٽي ڪمشنر سانگهڙ عمران الحسن خواجا، ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظيرآباد زاهد حسين رند، ڊپٽي ڪمشنر نوشهروفيروز ارسلان سليم، ايس ايس پي شهيد بينظيرآباد تنوير حسين تنيو ايڊيشنل ڊائريڪٽر زراعت محمد رمضان چنه، اسسٽنٽ ڊائريڪٽر بيورو آف سپلائي مظهر شر فوڪل پرسن شهيب شاهه، انچارج يوٽلٽي اسٽور ذوالفقار جمالي، اسسٽنٽ ڪمشنر جنرل غلام مرتضيٰ گهانگهرو ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن جي عملدارن شرڪت ڪئي.

بقايا 05 سنڌيار

سنڀالڻ ڪانپوءِ شهر جي مختلف علائقن. پوليس ٿاڻن 15 مددگار بيس اسٽيشنز جو سرپرائيز دورو ڪيو ۽ ڊيوٽي تي موجود پوليس آفيسرن ۽ جوانن کي چيڪ ڪيو ۽ کين مختلف هدايتون پڻ جاري ڪيون. ان ڪانسواءِ ٿاڻن جي ايس ايڇ اوز کان رڪارڊ بابت ڄاڻ ورتي ۽ پوليس چوڪي جي انچارجن کي هدايتون جاري ڪيون ته ڌوهارين، منشيات فروشن ۽ مينپوري گٽڪا وکرو ڪندڙن خلاف ڪريڪ ڊائون شروع ڪيو وڃي ۽ رمضان المبارڪ جي مقدس مهيني ۾ خاص طور تي افطار جي وقت موٽر اسنيپ چيڪنگ ۽ گشت ڪيو وڃي انهي موقعي تي ٺٽي جي عوام ڊاڪٽر عمران خان پاران ايس ايس پي ٺٽو طور چارج سنڀالڻ تي خوشي جو اظهار ڪندي اميد جو اظهار ڪيو ته ايس ايس پي ٺٽو ڊاڪٽر محمد عمران خان ضلعي ۾ امن امان جي صورتحال کي بهتر بڻائڻ ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪندو.

بقايا 06 سنڌيار

وارن گهرن ۾ موجود ماڻهو ٻاهر نڪري آيا. ڪو به جاني نقصان نه ٿيو باقي ٿنڀي ۾ لڳل ميٽر سڙي رک ٿي ويا ۽ محلي جي ڪجهه گهرن جي پکن، موٽرن ۽ فرجن کي پڻ نقصان پهتو آهي. محلي جي رهواسين عطا محمد سيال، الهه بچايو پٽي، ڪامران رند، فتح محمد سيال ۽ ٻين چيو ته شايد ڪنهن خرابي ۽ سبب ٽرانسفارمر کي باهه لڳي وئي پر شڪر ٿا ڪريون ته ڪنهن به نقصان کان بچاءُ ٿي ويو هنن اهو به چيو ته رمضان مبارڪ جو مهينو آهي بجلي نه هئڻ سبب سحري ۽ افطاري، وقت مشڪلات کي منهن ڏيڻو پوي ٿو ان لاءِ حيسڪو سڪرنڊ کي اپيل ٿا ڪريون ته سڙي ويل ٽرانسفارمر جي ترت مرمت ڪرائي بجلي مهيا ڪئي وڃي ته جيئن هن مقدس مهيني ۾ پريشاني کان بچي سگهجي.

بقايا 07 سنڌيار

ڪامياب ڪاروائي دوران هڪ منشيات فروش جوابدار حبيب الله کي گرفتار ڪري سندس قبضي مان 51 ڪلو ڀنگ هٿ ڪري ورتي آهي جڏهن ته ايس ايڇ او ٿاڻو ائيرپورٽ ڳجهي اطلاع تي پهچي هڪ منشيات فروش جوابدار احمد علي کي گرفتار ڪري ورتو. سندس قبضي مان 3 هزار گرام چرس هٿ ڪري جاچ جاري آهي ايس ايس پي سکر پوليس ٽيم لاءِ شاباسي جو پيغام ڏيندي وڌيڪ ڪاروائيون تيز ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي.

بقايا 08 سنڌيار

خلاف قرآن پاڪ کڻي ڏير ساهين بخش پير بخش اڪبر ڪوسو مولا بخش ۽ ان پٽن آصف ڪوسو ۽ غيبي خان جي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي چيو ته پنجوير سال آڳ منهنجو مڙس فوت ٿي ويو آهي ۽ مان پنهنجي ٻن يتيم نياڻين سان گڏ پنهنجي مڙس جي ڪکائي گهر ۾ رهان ٿي ۽ ڏکين حالتن ۾ مان پنهنجي ٻن نياڻين جي پرورش ڪيي آهي ۽ منهنجي ڏيرن ڪڏهن ٻ ڪا مدد نه ڪيي ۽ ڪيس ذهني تارچر ڪندا رهندا هيا ته جيئن هي گهر ڇڏي پنهنجي ماڻٽن ڏي هلي وڃي ته جيئن ۽ گهر تي اسان پنهنجو قبضو ڪيراچ صبح منهنجا ڏيرمنهنجي گهر ۾ زبردستي داخل ٿي منهنجو سامان ڪڍي ٻاهر اڇلايو ۽ گهر کي ڊاهڻ جي ڪوشش ڪيي مان قرآن شريف کڻي سندس کي اپلاءِ منٿون ڪيون ته مون مسڪين جو آجهو نه ڍاهيو پر هنن منهنجي هڪ به نه ٻڌي ۽ قرآن شريف سميت مون کي ڌڪا ڏيي گهران ڪڍي ڇڏيو آهي متاثر جو وڌيڪ چوڻ هو ته منهنجي زندگي کي خطرو آهي منهنجا ڏير مونکي مارڻ جون ڌمڪيون پڻ ڏئي رهيا آهن هن چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ ، سيشن جج نوشهروفيروز ، آءِ جي سنڌ ، ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد ايس ايس پي نوشهرو فيروز ۽ ٻين وس وارن کي اپيل ڪيي آهي ته هن قرآن جي واسطي ڪيس انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 09 سنڌيار

مقتول جو لاش پوليس گهارو سول اسپتال منتقل ڪيو. گهارو مقتول جي وارثن پاران مين نيشنل هاءِ وي تي لڳل ڌرڻو هنيو ويو جنهن سبب نيشنل هاءِ وي ٽن ڪلاڪن تائين بند ڪري ڇڏيو ان ڪان پوءِ ڊي ايس پي ميرپورساڪرو واجد ٿهيم ، سي آءِ اي انچارج ممتاز بروهي پاران وارثن کي قاتل گرفتار ڪرائڻ جي خاطري ڪرائڻ جنهن بعد ڌرڻو ختم ڪيو ويو، سول اسپتال گهارو مان پوسٽ مارٽم بعد وارثن لاش وارثن حوالي ڪيو ويو جنهن جي جنازي نماز بعد بچل شاهه بخاري ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو.

بقايا 10 سنڌيار

ڌوهارين جي گرفتاري لاءِ پوليس جون ڪاروايون، 10 ڌوهاري گرفتار 5 شڪي ماڻهن کي حراست ورتو ويو آپريشن ڌوهارين جي خاتمي تائين جاري رهندو ايس ايس پي گهوٽڪي. خبرموجب خانپورمهر ٿاڻي جي حد ۾ گهوٽڪي ضلعي مختلف ٿاڻن يارولند. داد لغاري، جروار ڏهرڪي. ميرپور ماٿيلو سميت 10 ٿاڻن جي پوليس جواي پي سي چين ذريعي مختلف ڳوٺن لال پتافي، تبو پتافي، گربو پتافي، پيربري، سهانجڙو سميت مختلف علائقن تي پوليس ايس ايڇ او خانپور مهر قابل پيو جي اڳواڻي ۾ چڙهائي ڪري مبينا ڌوهارين هجن جي الزام هيٺ پوليس گهر گهر تلاشي ورتي، پوليس سرچ آپريشن دوران پوليس اي پي سي چين ذريعي سبحان عرف ٽيڏي، محرم پتافي، لقمان پتافي، دولو پتافي، اختر پتافي، شاهن بوڏدار سميت 10 گهر ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيا. ذريعن موجب پوليس مختلف علائقن مان شڪي 5 ماڻهن کي حراست ۾ وٺي ڇڏيو جنهن پڇا ڳاڇا ڪئي پئي وڃي. ڳوٺائن الزام هنيو آهي پوليس ڌوهارين جي آڙ ۾ پورهيتن جا گهر ڊاهيا آهن ۽ گهرن مان پوليس اناج، ۽ ٻيو سامان پڻ کڻي وئي. هوڏانهن ايس ايس پي گهوٽڪي سمير نور جو چوڻ آهي ته ڌوهارين جي موجودگي واري اطلاع تي پوليس سرچ آپريشن ڪيو آهي جيڪو ڌوهارين جي آخري گرفتاري تائين جاري رهندو

بقايا 11 سنڌيار

ماڻهو به هن سماج جو حصو آهن ۽ اسان سڀني کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو ته جيئن انهن جي ڀلائي سميت انهن کي درپيش مسئلن مان نجات حاصل ڪرڻ لاءِ هر ممڪن سهڪار ڪيو وڃي. رمضان رليف پيڪيج حاصل ڪرڻ لاءِ سکر ريجن جي سمورن سينٽرن تي عوام کي سهولتون فراهم ڪيون پيون وڃن ۽ ان حوالي سان سمورن سينٽرن جي عملي کي هدايتون جاري ڪيون ويون آهن ته اهي بغير قطارن جي معذور ماڻهن کي سامان فراهم ڪن. اهڙن خيالن جو اظهار هن پنهنجي آفيس ۾ ڊس ايبلڊ فرينڊس ويلفيئر ايسوسي ايشن سکر جي جنرل سيڪريٽري عرفان علي پٽي جي اڳواڻي ۾ سماجي اڳواڻ خادم حسين ڪوسو سان گڏ وفد جي ملاقات دوران ڪيو معزور اڳواڻ ڪيس يوٽيلٽي اسٽورن تان خريد ڪرڻ ۾ پيش ايندڙ مشڪلاتن کان آگاهه ڪيو جنهن تي هن وفد کي يقين ڏيارايو ته رمضان رليف پيڪيج مان فائدو حاصل ڪرڻ جي لاءِ سمورن اسٽورن تان خريداري ڪرڻ لاءِ معذور ماڻهن کي هر ممڪن سهولتون فراهم ڪيون وينديون. خريداري ۾ ڪا به پريشاني پيش نه ايندي خاطري ڪرائڻ تي وفد ريجنل منيجر مولا بخش مغل جو شڪريو ادا ڪيو ۽ يوٽيلٽي اسٽور ڪارپوريشن آف پاڪستان ريجنل منيجر سکر پاران مڪمل سهڪار جو يقين ڏيارڻ ۽ خريداري جون سهولتون حاصل ڪرڻ جون هدايتون جاري ڪرڻ بعد سکر ضلعي جي معذورن ۾ خوشي جي لهر پکڙجي وئي ۽ هنن يوٽيلٽي اسٽور ڪارپوريشن آف پاڪستان سکر ۽ اعليٰ عملدارن جو شڪريو ادا ڪيو.

بقايا 12 سنڌيار

ڪرائيم سرڪل جي ڪاروائي وڏي مقدار ۾ ڪچو شراب هٽ ڪري هڪ منشيات فروش کي گرفتار ڪري ورتو خبر موجب ٽنڊومحمدخان شهر جي نصيرآباد پاڙي ۾ ڪچي شراب جي ڀٽي تي ايڪسائيز نارڪوٽڪس ڪرائيم سرڪل ايڪسائيز سرڪل انچارج انسپيڪٽر فراز علي پنهنجي ٽيم سان گڏ ڪاروائي ڪندي 120 ليٽر تيار ڪچو شراب 30 ليٽر واش شراب هٽ ڪري منشيات فروش غلام اصغر ميمڻ کي گرفتار ڪري سندس مٿان منشيات ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪري جيل موڪليو آهي انهي موقعي تي ايڪسائيز انسپيڪٽر فراز علي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسان منشيات فروش خلاف سخت ڪاروايون جاري آهن منشيات فروش کي ڪنهن به صورت ۾ بخش نه ڪيو ويندو هو چاهي ڪيڏو به بااثر چو نه هجي سندس خلاف سخت کان سخت ڪاروائي ڪئي ويندي

بقايا 13 سنڌيار

ٿيل سيٽ تي ٻيهر اليڪشن شيڊول جاري ٿيڻ کانپوءِ پي ايس 80 خيرپور ناٿن شاهه تي زبير خان جوڻيجو کي پاڪستان پيپلز پارٽي ٽڪيٽ جاري ڪري ڇڏي پاڪستان پيپلز پارٽي جو ايم پي اي پي ايس 80 خيرپور ناٿن شاهه تي اميدوار زبير خان جوڻيجو هوندو.....

بقايا 14 سنڌيار

يونيورسٽي ڪيمپس نوشهرو فيروز جي عهديدارن محترمه. ثانيه راڄپر، معراج فاطمه. دعا رسول، سمير سومرو ۽ عصماء اقبال ڊائريڪٽر اسٽيڪس ميمڻ، ميمڻ، صدر ليڊرس سوسائٽي محترمه. ثانئا سولنگي، سرپرست اعليٰ ۽ پرو وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر اظهر علي شاهه جي نگراني ۾ 23 مارچ 1940ع جي قرارداد پاڪستان جي هيرن کي خراج تحسين پيش ڪرڻ لاءِ ڪيمپس جي آڊيٽوريم هال ۾ شاندار تقريب منعقد ڪئي. هن تقريب ۾ چئرمين ضلع ڪائونسل نوشهرو فيروز محترم سهيل اختر عباسي، صدر بار ايسوسيئيشن لاڙڪاڻو محترم اياز حسين مري، محترم اشفاق احمد ٽگڙ، محترم شير محمد اڄڻ، محترم عبدالقادر خانزادو، محترم علي حسن، محترم صدام حسين شاهه، پرنسپال پيپلز اسڪول نوشهرو فيروز محترمه. تافشين ميمڻ ۽ ٻين اعزازي مهمانن سميت استادن ملازمن ۽ شاگردن تمام وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي. تقريب جي شروعات ۾ مير شهباز نگينه. ڪوسو، غلام علي ٻهڻ، معراج فاطمه، ثانيه راڄپر ۽ ٻين قرارداد پاڪستان جي حوالي سان تقريرون، شاعري ۽ ملي نغمه پيش ڪندي چيو ته 22 کان 24 مارچ 1940 لاهور ۾ منعقد ٿيل مسلم ليگ جي ڪانفرنس جي صدارت قائد اعظم محمد علي جناح ڪري رهيو هيو جنهن ۾ محمد ظفرالله خان (جيڪو بعد ۾ پاڪستان جو پهريون وزير خارجه. انٽرنيشنل ڪورٽ آف جسٽس جو پهريون ايشين صدر. گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي جو صدر پڻ مقرر ٿيو) بر صغير جي مسلمانن لاءِ اڪثريت جي بنياد تي آزاد ۽ خودمختيار رياستن جي قرارداد جو مسودو تيار ڪيو. ظفرالله خان جي تيار ڪيل قرارداد شير بنگال ابل قاسم فضلل حق (جيڪو بعد ۾ پاڪستان جو وزير داخله ۽ بنگال جو وزير اعلي بڻيو) پيش ڪئي جڏهن ته انجي تائيد چوڌري خليق زمان ڪئي. اهڙي طرح دنيا جي تاريخ ۾ پهرين دفعو جمهوري طريقي سان برصغير جي مسلمانن لاءِ آزاد ۽ خودمختيار رياستن ڏاهن جي گهر سان گڏ بهترين حڪمت عملي سان جدوجهد شروع ٿي جنهجي نتيجي ۾ انڊس ويلي سولائيزيشن (سنڌو ماٿري تهذيب) پاڪستان جي نئين نالي سان پنهجو آزاد ۽ خود مختيار تاريخي وجود برقرار رکيو ۽ اهڙي طرح 23 مارچ 1956 جي آئين مطابق اسلامي جمهوريه پاڪستان دنيا جي پهرين اسلامي جمهوريه ملڪ بڻيو ان موقعي تي خطاب ڪندي ڊاڪٽر اظهر علي شاهه قومن جي عروج ۽ زوال متعلق ابن خلدون جي عصبيه نظريئي جي وضاحت ڪندي چيو ته جيڪڏهن اساتڪي پاڪستان جي مظبوط ۽ پرامن خوشحال ۽ طرقي يافت بنائڻو آهي ته اهو صرف ايڪتا سان ئي سگهي ٿو اها ايڪتا جنهنجي بنياد تي پاڪستان وجود ۾ آيو. اچو ته سڀ گڏجي ان ايڪتا کي سمجهون ۽ اپنايون ۽ پنهنجي تعليمي معيار جي بهتري سان سنڌو ماٿري تهذيب جي شاندار ماضي جيان پاڪستان ڀيهر عالمي مڃتا ماڻي سگهجي ٿو. مهمان خاص محترم سهيل اختر عباسي طرفان شاگردن جي تعليمي معيار جي تعريف ڪندي ڪيمپس ۾ ڀرپور سهولتون مهيا ڪرڻ ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪرڻ جي خاطري ڪرائي ۽ هڪ مڪمل يونيورسٽي آف نوشهرو فيروز جي قيام لاءِ پڻ هر ممڪن مدد لاءِ هميشه اڳتي وڌڻ جي خاطري ڪرائيندي قرارداد پاڪستان جي اهميت ۽ افاديت تي پڻ پنهنجا خيال پيش ڪيا.

بقايا 15 سنڌيار

جي متعلق گڏجاڻي ٿي، گڏجاڻي ۾ ڊي ايڇ او سکر ، ڊي ايف او پوليو پروگرام ، ٽي ايڇ اوز، اين جي اوز پوليس ۽ لاڳاپيل ادارن جي نمائندن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ڊاڪٽر وقار ڏهر ڊپٽي ڪمشنر سکر کي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته پوليو مهم جو ٽارگيٽ 392834 مقرر ڪيو ويو آهي ، ٽارگيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ تمام تياري مڪمل ڪيي وئي آهي، ان سلسلي ۾ سڀني ٽي ايف پيز کي هدايت ڪئي آهي ته هو اسڪول' بند پيل گهر 'ميٽرنلٽي هوم ۽ سکر ضلعي جي سڀني علائقن ۾ موجود ٻارن کي پوليو کان بچاءُ جا ڦڙا پيارين ته جيئن ٽارگيٽ حاصل ڪجي. ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر سکر اجلاس ۾ چيو ته سڀ ادارا پوليو جي روڪٿام ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪن ، پوليو جي ورڪرن سان ڀرپور تعاون ڪن. ڊي سي سکر ان موقعي تي ايجوڪيشن کاتي جي عملدارن کي هدايت ڪندي چيو ته پوليو جي ٽيمن سان مڪمل سهڪار ڪن ته جيئن ڪو به ٻار ڦڙا پيئڻ کان رهجي نه وڃي، پوليس کاتي جي عملدارن کي به هدايت ڏني ته پوليو ورڪرس جي حفاظت کي يقيني بڻايو وڃي ته هن نيشنل ڪاز کي حاصل ڪري سگهجي.

بقايا 16 سنڌيار

زمين تي لينڊ گريبرن جي قبضي خلاف سياسي سماجي ڌريون تحرڪ ۾ اچي ويون. سماجي اڳواڻ اقبال حسين چنا جي اڳوائي ۾ وفد جي صورت ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي جي ايم اين اي عبدالحڪيم بلوچ سان ملاقات. پارڪ ۽ گرلز ڪاليج تي ڪنهن کي به قبضو ڪرڻ نه ڏينداسين. اسان علائقي واسين سان گڏ آهيون. عبدالحڪيم بلوچ جون وفد سان ڳالهيون. تفصيل موجب، سچل گوٺ ويجهو شاهنواز شر گوٺ ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي پاران اعلانيل گرلز ڪاليج ۽ ووڪيشنل سينٽر سميت پارڪ جي زمين تي لينڊ گريبر محبوب عباسي پاران ڪيل ناجائز قبضي خلاف سماجي اڳواڻ اقبال حسين چنو جي اڳوائي ۾ سيد احمد شاهه ڪاظمي، غلام سرور جوکيو سيد حزب الله شاهه بخاري، ايس اين پي جي سينئير وائيس چيئرمين رمضان بليدي، آصف سومرو، ارشاد سومرو، اياز سومرو، وڪيل آفتاب شر ذوالفقار سولنگي ۽ ٻين وفد جي صورت ۾ ايم اين اي عبدالحڪيم بلوچ سان سندس رهائش گاهه تي ملاقات ڪري قبضو ختم ڪرائڻ جي اپيل ڪئي، ان موقعي تي ايم اين اي عبدالحڪيم بلوچ چيو ته پاڪستان پيپلزپارٽي هميشه بهترين پروجيڪٽ ڏنا آهن جن ۾ شاهنواز شر گوٺ جي گرلز ڪاليج ۽ ووڪيشنل سينٽر سميت شهيد بينظير ڀٽو پارڪ پڻ شامل آهن. جنهن تي ڪنهن کي به قبضو ڪرڻ نه ڏنو ويندو آءٌ ڪيل قبضي بابت پاڪستان پيپلزپارٽي جي اعليٰ قيادت فريال ٽالپر ۽ سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه کي پڻ آگاهه ڪندس ۽ ڪوشش ڪندس ته جلد کان جلد قبضو ختم ڪرائي ووڪيشنل سينٽر ۽ پارڪ کي بحال ڪرائيندس ته جيئن اسان جي مستقبل جي معصوم ٻارڙن کي تعليم لاءِ بهترين ڪاليج ۽ علائقي واسين لاءِ سٺي پارڪ جو قيام ڪري علائقي واسين کي بهتر سهولتون ڏئي سگهون.

بقايا 17 سنڌيار

سخت ڳڻتي جو اظهار ڪندي ان کي حڪومت جي بدترين ناڪامي قرار ڏنو ۽ چيو آهي ته پ پ لاڳيتو چوٿين ڀيرو اقتدار ۾ اچڻ باوجود سنڌ جي عوام کي امن به ناهي ڏئي سگهي. شهرين جي جان مال جي حفاظت ڪرڻ هر حڪومت جي اولين ذميواري هوندي آهي، پر ان جي ابتڙ سنڌ حڪومت ظالم وڏيراشاهي نظام کي مضبوط ڪيو آهي جن ڌوهاري ٽولن سان گٺ جوڙ ڪري حڪومتي رٽ کي چيلنج ۽ عوام جو جيئڻ مشڪل بڻائي ڇڏيو آهي. پنجاب،سنڌ ۽ بلوچستان جي دنگ تي ڪچي جو علائقو ڌاڙيلن جي قبضي ۾ آهي، بي گناهه ماڻهن کي اغوا ڪري تشدد ۽ گولين هڻڻ جون وڊيوز جاري ڪيون وڃن ٿيون، بي شمار خاندان سخت اذيت جو شڪار آهن. عوام کي جان، مال ۽ عزت جو تحفظ حاصل ڪونه آهي. اهڙن خيالن جو اظهار هن ڳوٺ امام الدين بجارائي ۾ روڊ حادثي ۾ شهيد ٿيندڙ جماعت اسلامي جي مرڪزي شوريٰ جي رڪن مولانا عبدالحفيظ بجارائي جي وارثن سان تعزيت کان پوءِ ميڊيا سان ڳالهه ٻولهه ڪندي ڪيو لياقت بلوچ مرحوم جي مغفرت، درجات جي بلندي ۽ پوئرن لاءِ صبر جميل جي دعا پڻ ڪئي، مرحوم جو ننڍو ڀاءُ امداد الله بجارائي، فرزند انيس احمد بجارائي سميت ٻيا مقامي اڳواڻ پڻ موجود هئا. لياقت بلوچ وڌيڪ چيو ته مرحوم عبدالحفيظ بجارائي پنهنجي علائقي سميت سڄي سنڌ ۾ جماعت اسلامي جي سڃاڻپ جو نشان هو. آخري دم تائين خود ۽ سمورو خاندان جماعت اسلامي سان شريعت جي نظام کي نافذ ڪرڻ لاءِ جدوجهد ۾ شامل رهيا. هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته سنڌ، بلوچستان ۽ پنجاب جون حڪومتون عوامي مسئلا حل ڪرڻ کان لاتعلق بڻيل آهن عوام جو ڪوبه والي وارث ڪونه آهي. ڪچي ۾ ڌاڙيل راڄ ۽ پڪي ۾ سنڌن سهولتڪار موجود آهن. وزيراعليٰ مريم نواز، مراد علي شاهه ۽ سرفراز بگٽي عوام جو احساس ڪن. عوام کي جان، مال ۽ عزت جو تحفظ ڏين. ٽن صوبن جي دنگ تي عوام حڪومتي تحفظ کان محروم ۽ ڌاڙيلن جي نشاني تي آهن. حڪومتون ڪجهه ڏينهن نمائشي قدم کڻن ٿيون ۽ وري ساڳي انڌيري رات ۽ ڌاڙيل راڄ هوندو آهي. حڪمران عوام کي تحفظ نٿا ڏئي سگهن ته کين اقتدار ۽ عوام مٿان مسلط رهڻ جو ڪوبه حق ڪونه آهي. جماعت اسلامي متاثر علائقن ۾ پهرين به امير جماعت سراج الحق جي اڳوائي ۾ ريليون ۽ مارچ ڪيو چڪي. مقامي طور تي هڪ مهيني تائين ڌرڻو هنيو ويو آئنده به امن مارچ ڪنداسين ۽ عوام جي جان، مال، توڙي عزت آبرو جي حفاظت لاءِ سنڌن جذبن جي ترجماني ڪئي ويندي.#

بقايا 18 سنڌيار

سورج سحاولي پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪندي ڳوٺاڻن گلشير ملاح، عيسو ملاح، رمضان ملاح، مسمات الهجيائي، مسمات مٺان، مسمات ٻيبل ۽ ٻين صحافين اڳيان داهيندي چيو ته اسان ابن ڏاڏن کان پنهنجي زمين تي رهون پيا اسان جي قديمي ڳوٺ تي هڪ بااثر نالي سيد مظهر شاهه جيڪو زمين قبضائڻ جي چڪر ۾ ڪافي مهينن کان وٺي اسان کي تنگ ڪري رهيو آهي ۽ زمين جا ڪوڙا ڪاتا ڪرائي هتان کان لڏائڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي. متاثرن ڳوٺاڻن وڌيڪ چيو ته پوليس هٿان تنگ ڪندي ڪافي ڀيرا ڳوٺ تي چڙهائي ڪري اسان تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪرايا آهن اسان غريب مسڪين پيپلز پارٽي جا پراڻا ورڪر آهيون مظهر شاهه اسان جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي اسان کي بيدخل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي مذڪوره شخص بااثر آهي اسان کي لڏائڻ چاهي ٿو هن مان جاني ۽ مالي نقصان جو انديشو آهي. هنن پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ۽ ايس ايس پي سجاول کي اپيل ڪئي آهي ڏنوٽيس وٺي اسان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 19 سنڌيار

ناجران فيڊريشن جي مشڪوڪ ڪردار خلاف نيدي آئيز پاران پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي وئي انهي موقعي تي نيدي آئيز اڳواڻ زاهد جسڪاڻي عبدالصمد ميمڻ رحيم خواجه ساجد سنڌي غلام رسول لغاري رشيد سولنگي ڪرشن ناڪر سلمان ٿهيم ماوچي ناڪرو ٻين چيو ته پوري ضلعي ۾ هٿرادو مهنگائي ڪرڻ مارڪيٽ ڪميٽي موجود نه آهي وڪيل عبدالصمد ميمڻ کي ڌمڪائڻ حراسمينٽ ڪرڻ ۽ ڪوڙي ڪيس ۾ ڦاسائڻ جي ڌمڪيون ڏنيون ويون آهن هنن جو ڌمڪيون اسان کي خاموش نٿيون ڪري سگهن اسين عوام جا آهيو عوام اسان جي آهي اسان ڪنهن به صورت ۾ ظالمن جي آڏو ڪڏهن به نه جهڪنداسين نيدي آئيز پاران ڪيس به داخل ڪيو ويو آهي اڄ کان ڳاٽي ٽوڙ مهنگائي خلاف جدوجهد جو اعلان ٿا ڪريون پوري ضلعي ۾ نيدي آئيز پاران احتجاجي مظاهرا ڪيا ويندا احتجاجي مظاهرن ڪانپوءِ اهم اعلان ڪيو ويندو وڌيڪ هن ويڊيو ۾ ڏسندا

بقايا 20 سنڌيار

تماشائي بڻيل آهي ان سلسلي ۾ گذريل هڪ هفتي کان هلندڙ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي وظيفي مان ڊوائيز مافيا پاران غيرقانوني طور مستحق عورتن جي هلندڙ قسط مان هڪ هزار کان 2 هزار روپيا ڪٽوتي وارو عمل رڪجي ناهي سگهيو جڏهن ته ڪٽوتي جون وڊيوز پڻ سوشل ميڊيا توڙي ميڊيا ۾ خبرون هلڻ باوجود پر ان باوجود به سڪرنڊ انتظاميا خاموش تماشائي بڻيل آهي دڪانن تي پڻ سوين مستحق عورتن جي رش لڳل آهي جنهن ڪري عورتن جي تذليل پڻ ٿي رهي آهي ان حوالي مستحق عورتن جو چوڻ آهي ته ڊوائيز مافيا پاران غريب مستحق عورتن جي آيل وظيفي مان غير قانوني طور تي هڪ هزار کان ٻه هزار ڪٽوتي ڪئي پئي وڃي جڏهن ته ڊوائيز مافيا وارا سرعام پوليس جي سرپرستي ۾ ڪٽوتي ڪن ٿا جڏهن ته احتجاج ۽ ڌانهون ڪرڻ تي ڪارڊ بند ڪرڻ سميت گار گند ڪن ٿا هنن چيو ته انهن سان مبينا انتظاميا ڀاڱي ڀائيوار بڻيل آهي شڪايتون ڪرڻ باوجود ڪاروائي ڪرڻ جو نالو ئي ناهي. ڊوائيز مافيا ڪٽوتي جي شڪايتن رلائي رهيا آهن . هنن مطالبو ڪيو ته نوٽيس وٺي جلد ازالو ڪيو وڃي.

بقايا 21 سنڌيار

۽ ٻين پريس ڪلب ٽنڊو محمد خان ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ٻڌايو ته اسان جي والد جي ديهه سعيد پور ۾ 24 ايڪڙ 20 گهنٽا زرعي زمين هئي جنهن جا اسين 9 وارث پنج ڀينرون ۽ چار ڀائر آهيون پر اسانجي وڏي ڀاءُ محمد قاسم ڪنڀار ڪوڙا ڪاتا ڪري سندس دوست ابراهيم ڪنڀار ۽ گل حسن ڪنڀار جي نالي زمين ڪرائي وڪڻي ڇڏي آهي هن ڪوڙن ڪاتن ڪرائڻ ۾ 1995 ۾ ٽنڊو محمد خان ۾ مقرر مختيار ڪار ، رجسٽرار ۽ تپيدار پڻ ملوث هئا اسانجي زرعي زمين تي هن وقت بروهي برادري جي ماڻهن غلام نبي بروهي ، ڪرير بروهي ۽ ٻين قبضو ڪري ورتو آهي اسانجي وڏي ڀاءُ جو تعلق هتان جي بااثر ماڻهن سان هئڻ سبب هو اسان کي زمين مان حصو ڪونه ڏين ٿا اسان کي جان سان مارڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي . هتان جو ڊپٽي ڪمشنر ۽ ايس ايس پي به اسانجي فرياد ٻڌڻ لاءِ تيار ڪونهي . هنن اعلي اختيارين کان مطالبو ڪندي چيو ته اسان کي انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪري ڏنو وڃي ۽ اسان جي زمين اسان کي ڏني وڃي.

بقايا 22 سنڌيار

اڳ پاڻي جي واري تان جهيڙي ۾ زخمي ٿيل عبدالرزاق گنگل زخمن جا سور نه سهندي رحيم يار خان اسپتال ۾ فوت لاش ڳوٺ پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام وارثن جو عورتن مردن لاش رکي احتجاجي مظاهرو روڄ راڙو ان موقعي تي مقتول جي وارثن پيا فضل ڪريم گنگل امداد علي گنگل نور محمد گنگل ماءُ مائي والي ڏني ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ڪجهه مهينا آڳ پاڻي جي واري تان اسان جي برادري جي ماڻهن سان جهڙو ٿيو هو جنهن ڪان پوءِ اسان جي برادري جي ماڻهن جوابدار محمد اقبال گنگل لطف علي گنگل رسول بخش گنگل ليياقت علي ۽ ٻين حملو ڪري اسان جي نوجوان عبدالرزاق گنگل کي سخت زخمي ڪيو هيو جيڪو رحيم يارخان اسپتال ۾ داخل هيو جيڪو زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو آهي پر اٻاوڙو پوليس جوابدارن کي گرفتار نٿي ڪري جوابدارن کي بااثر وڏيري جي پشت پناهه آهي اسان غريب مسڪين آهيون اسان سان ظلم ٿي ويو آهي اسان جي ايس ايس پي گهوٽڪي ڊي آءِ جي سکر آءِ جي سنڌ کي اپيل آهي ته اسان جي خون جو انصاف ڪيو وڃي اسان کي نوجوان جا قاتل گرفتار ڪيا وڃن اسان کي جوابدارن پاران قتل جون ڌمڪيون ملي رهيون آهن اگر اسان سان انصاف نه ٿيو ته اسان جي نوجوان جا قاتل گرفتار نه ٿيا ته اسان معصوم ٻارڙن سان گڏجي ايس ايس پي آفيس اڳيان پاڻ کي باهه ڏئي ڇڏينداسين

بقايا 23 سنڌيار

المعروف محبوب سڄڻ سائين جن جي سالگرهه ملهائي وئي تقريب ۾ وڏي تعداد ۾ دوستن شرڪت ڪئي تلاوت نعت ۽ منقبت ڪان پوءِ خليفه حافظ ذوالفقار علي اوگاهي طاهري فرمايو ته اسان جا مرشد ڪريم پوري دنيا ۾ ايشيا کان وٺندي آمريڪا ۽ يورپ تائين دين اسلام ۽ حضور جن جو پيغام انتهائي محبت سان پهچائي رهيا آهن ان ڪري سنڌن کي خراج تحسين پيش ڪرڻ لاءِ اڄ هي سالگره جو پروگرام منعقد ڪيو ويو آهه پروگرام جي آخر ۾ ڪيڪ پڻ ڪاٽيو ويو درود سلام کان پوءِ پوري امت لاءِ دعا گهري وئي

بقايا 24 سنڌيار

ويون 02 ڌوهاري گرفتار 02 ٽي ٽي پسٽل هٿ سانگهڙ: تفصيل موجب آءِ جي سنڌ پاران منشيات خلاف شروع ڪيل مهم ڪاميابي سان جاري آهي. ايس ايس پي سانگهڙ اعجاز احمد شيخ جي اڳوائي ۾ ڪاروائي ڪندي: انچارج سي آءِ اي سانگهڙ اڪبر خان مري پنهنجي ماتحت عملي سان گڏ منگلي ٿاڻي جي حد ۾ گشت دوران منشيات فروش فيض محمد ڍهير کي گرفتار ڪري سندس قبضي مان 1070 گرام چرس هٿ ڪري ورتي. جڏهن ته ايس ايڇ او سانگهڙ گلزار علي مري اسنيپ چيڪنگ دوران 02 ڌوهاري ظهير عباس اعوان ۽ طارق حسين مري کي گرفتار ڪري سندن قبضي مان 02 ٽي ٽي پسٽل هٿ ڪيا ويا گرفتار جوابدارن خلاف سنڌ آرمز ايڪٽ جي قلمن تحت ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. جڏهن ته ٻئي ڪاروائي ۾ منشيات فروش غلام اصغر چاڪراڻي کي گرفتار ڪري سندس قبضي مان 1100 گرام چرس هٿ ڪئي وئي ايس ايڇ او شاهپور چاڪر اشرف علي زرداري پنهنجي ماتحت عملي سان گڏ منشيات فروش عبدالواحد شر کي گرفتار ڪري سندس قبضي مان 380 گٽڪو پڙيون هٿ ڪري ورتيون گرفتار ٿيل منشيات فروشن خلاف منشيات ايڪٽ جي قلمن تحت ڪيس داخل ڪيا ويا آهن.

بقايا 25 سنڌيار

موجب مليرجي علائقي ماڊل ڪالوني پرسان ميمڻ گوٺ جي خانگي اسڪول جي وين ۽ هاءِ روف وچ ۾ ٽڪر ليو ته پويان ايندڙ تيز رفتار ٻئي وين به ٽڪرائجي وئي جنهن جي نتيجي ۾ وين ڊرائيور شهباز ۽ غلام شبير سميت ٻه ڄڻا فوت ٿي ويا آهن جڏهن ته شاگردن سميت 6 ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا اطلاع تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي ضروري ڪاروائي بعد لاش ۽ زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو.

بقايا 26 سنڌيار

جي ڊي اي پاران سخت مذمت. فجر مهل نوشهروفيروز ۽ نوابشاهه شهيد بينظير آباد ضلعن جي گڏيل پوليس 30 پوليس موبائلن ۽ ٻن بڪتربند گاڏين ۾ سوار ٿي جي ڊي اي جي مرڪزي اڳواڻ غلام مرتضيٰ' خان جتوئي جي لنڊي واري زمين جي لاڏين ۽ سنڌس هارين جي گهرن تي چڙهايون ڪري گهرن ۾ موجود مردن عورتن تي سخت تشدد ڪري اتان قيمتي سامان ڪنيو ايڏي وڏي ڪاروائي ڏسي ڳوٺائن عورتن ۽ معصوم ٻارڙن ۾ ڪيهون پئجي ويون. لنڊي واري زمين جي لاڏين تي پڻ پوليس غير قانوني ڪاروايون ڪري ڇه موٽر سائيڪلون ٻيو قيمتي سامان کڻي اٿن ملازمن ۽ هارين کي ڪنيي ڪئي وئي اهڙين غير قانوني ڪاروايون جي جي ڊي اي پاران سخت لفظن ۾ مذمت ڪجي ٿي. جي ڊي اي اڳواڻ سچي عمل جي ذميوارن کي چتاءُ ڏنو آهي ته اهڙين انتقامي ڪاروائين کان هڪدم پاسو ڪيو وڃي بي صورت ۾ سڄي سنڌ ۾ وڏي احتجاجي تحريڪ جو سڏ ڏنو ويندو ۽ گهر ڪئي آهي ته ڪنيي ڪنيل ماڻهن ۽ سامان جلد واپس ڪيا وڃن. هوڏانهن جي ڊي اي جي سربراهه پير صاحب پاڳاري جو غلام مرتضيٰ' خان جتوئي سان فون تي رابطو پڻ ٿيو آهي ۽ پنهن اڳواڻن هن غلط عمل جي روڪٿام لاءِ لاڳهو عمل پڻ ڏينهن اندر ڏاهڻ تي اتفاق ڪيو آهي پير پاڳاري جو چوڻ آهي ته هن انتقامي ڪاروائي جي ڪنهن کي به اجازت نه ڏبي، هوڏانهن اهڙي عمل خلاف هاءِ ڪورٽ سکر ۾ پڻ پٽيشن داخل ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي.

بقايا 27 سنڌيار

جهرڪ ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪري ڇڏيو ياد رهي ته ايس ايڇ او جهرڪ اميربخش ڪوسو پاران منشيات فروشن خلاف مسلسل ڪاروايون جاري آهن انهي موقعي تي ايس ايڇ او جهرڪ امير بخش ڪوسو صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته سندس ڪوشش هوندي آهي ته جنهن به ٿاڻي تي سندس پوسٽنگ هجي ان علائقي کي منشيات کان پاڪ ڪجي خاص طور تي امن امان واري صورتحال کي بهتر ڪرڻ لاءِ وڌ ۾ وڌ ڪوشش هوندي آهي ته جيئن علائقي واسين سک جو ساهه کڻي سگهن

بقايا 28 سنڌيار

سيل ڪري ملازم کي گرفتار ڪيو ويو، اي سي جي ڇاپن جو ٻڌي منافعي خور واپارين ۾ ٽرٿلو، ڪيترائي دوڪاندار دڪان بند ڪري فرار، نارو شاهه ۾ اي سي پريا مستقيم قريشي شهر جي مختلف پيٽرول پمپس ڪرياني جي دڪانن سبزي ۽ فروٽ فروشن جي دڪانن تي ڇاپا هڻي ڏنڊ وڌا ويا ڪاروائي دوران اي سي پاران ماپ گهٽ هجڻ ۽ غير معياري تيل هجڻ تي شيخ پيٽرول پمپ کي سيل ڪري سندن مٿان هڪ لک روپيا ڏنڊ هڻي هڪ ملازم جنسار جروار کي گرفتار ڪيو ويو جڏهن ته اي سي پريا مستقيم قريشي شهر جي مختلف ڪرياني جي دڪانن سبزي ۽ فروٽ فروشن جي دڪانن تي ريٽ لسٽ چيڪ ڪري وڌيڪ اگهه وٺندڙ دڪاندارن مٿان ڏنڊ هنيا ويا ان موقعي تي اي سي پريا مستقيم قريشي ميڊيا کي ٻڌايو ته رمضان شريف جي ڀلاري مهيني ۾ ڊي سي نوشهروفيروز جي حڪم تي منافعي خور واپارين ۽ شهرين کي پنهي هٿان سان گرينڊ پيٽرول پمپس مالڪن جا پمپ سيل ڪري منافعي خور واپارين مٿان ڏنڊ هنيا ويا آهن چيو ته عوام کي گرينڊ منافعي خور کي هرگز بخشش نه ڪيو ويندو ۽ سنڌن خلاف ڪاروايون جاري رهنديون جڏهن ته اي سي جي ڇاپن کي ٻڌي ڪيترائي منافعي خور واپاري دڪان بند ڪري فرار ٿي ويا

بقايا 29 سنڌيار

آفيس کان شاهراهه فيصل جي سروس روڊ تائين 'واڪ' جو اهتمام ڪيو ويو، واڪ جي اڳوائي سي اي او واٽر ڪارپوريشن انجنيئر سيد صلاح الدين احمد ڪئي، ان موقعي تي محمد ايوب شيخ، محمد ثاقب، سيد عمران زيدي، سڪندر زرداري، انتخاب راجپوت، آفتاب چانڊيو، سردار شاهه، الاهي بخش ڀٽو، سيد عامر وقار، انجم توقير، بلال ظفر، دلاور جعفري ۽ ٻيا عملدار پڻ موجود هئا، واڪ ۾ اسڪول جي استادن ۽ شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري قومي جهنڊا ڦڙڪائي پاڪستان زنده باد جا زوردار نعرا هنيا، ترجمان موجب سي اي او واٽر ڪارپوريشن شهر ۾ پاڻي جي فراهمي جي ذريعي امن امان قائم ڪرڻ جو عزم ورجائيندي چيو ته اڄ سڄي دنيا ۾ پاڻي جو عالمي ڏينهن ملهايو پيو وڃي ۽ ان سلسلي ۾ واٽر ڪارپوريشن پاڻي جو عالمي ڏينهن ڪراچي واٽر سمت "امن لاءِ پاڻي" جي عنوان تحت وڏي جوش ۽ جذبي سان ملهائي رهي آهي، واڪ جي موقعي تي سي اي او واٽر ڪارپوريشن سڀني شرڪت ڪندڙن، استادن ۽ شاگردن جو شڪريو ادا ڪندي کين مبارڪباد پيش ڪندي چيو ته شهر ۾ پاڻي جي فراهمي کي يقيني بڻايو ويندو ڇاڪاڻ ته پاڻي هوندو ته امن هوندو، تنهنڪري جتي پاڻي ضايع ٿي رهيو آهي ان کي بچائڻ گهرجي، هن چيو ته پاڻي زندگي آهي انڪري پاڻي کي گهٽ استعمال ڪرڻ گهرجي ڇاڪاڻ ته اهيو اسان جو مذهبي، سماجي، قومي فرض ۽ وقت جي ضرورت آهي، انڪري اچو ته پنهنجي، پنهنجي ايندڙ نسلن ۽ هن ڌرتي ۽ پاڻي کي احتياط سان استعمال ڪريون. هن وڌيڪ چيو ته پاڻي جي وسيلن کي جديد انتظام هيٺ استعمال ڪيو وڃي ته جيئن مستقبل ۾ پاڻي وڌيڪ مقدار ۾ موجود هجي.

بقايا 30 سنڌيار

ڪلب گهارو جي صدر غلام قادر پنهور پاران هنگامي اجلاس ۽ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ٺٽو ضلعو مڪمل طور تي بدامني جي ورچڙهي ويو آهي گهارو شهر مان پوليس جي رٽ مڪمل طور تي ناڪام ٿي وئي آهي شهر بدامني جي ورچڙهي ويو آهي 3 ڏينهن ۾ ٻه نوجوان سرعام قتل ڪيا ويا پوليس ڪک پچي پيٺوڻ ڪيو رات جو نيشنل پريس ڪلب گهارو جي صحافي مخدوم عابد جي ڀاءُ کي بيرحمي سان قتل ڪيو ويو آهي ۽ پوليس جي ڪاٻه پيش رفت ناهي آئي انهن آئي جي سنڌ، ڊي آئي جي حيدر آباد جيڪڏهن سڀ جي ساٿي مخدوم عابد جي ڀاءُ جا قاتل گرفتار نه ٿيا ته صحافتي تنظيمن سان گڏجي ڪري بدامني ۽ ناحق قتل خلاف احتجاجي تحريڪ شروع ڪئي ويندي

بقايا 31 سنڌيار

شفقت قائم خاني ٻڌايو ته انجنيئر شعيب قائمخاني ٽيڪسٽائل مل ۾ نوڪري ڪندو هو جيڪو گذريل رات رشتيدارن جي گهر افطاري ڪرڻ بعد واپس بحران ٽائون واري علائقي ڏانهن گهر موٽي رهيو هو ته رستي ۾ ملير ڪينٽ وٽ ڦورون موٽرسائيڪل. موبائيل فون ۽ پرس ڦرڻ جي ڪوشش ڪئي ته نوجوان پاران مزاحمت تي ڦورون نوجوان کي گوليون هڻي ڪيڏيون جنهن تي نوجوان شديد زخمي ٿي پيو جيڪو ڪيترو وقت تڙپندو رهيو جنهن بعد هڪ اهلڪار پاران نوجوان کي اسپتال پهچايو ويو جتي زخمن جا سور نه سهندي نوجوان فوت ٿي، جتان ضروري ڪاروائي بعد نوجوان جو مڙهه ٺٽون ڪوٽ آندو ويو مڙهه گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو. نوجوان جي جنازي نماز ٺٽون ڪوٽ عيدگاهه ۾ ادا ڪئي وئي جنهن ۾ سياسي سماجي اڳوائن صحافين شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. جنازي نماز بعد نوجوان جو مڙهه هزارين آلين اکين سان ٺٽون ڪوٽ ق

بقايا 32 سنڌيار

ابراهيم حيدري ٽائون جي مختلف کاتن جي آفيسرن سان منعقد ڪيل اجلاس کي خطاب ڪندي ٽائون چيئرمين نظير احمد پتو چيو ته عوام کي رليف پهچائڻ لاءِ سمورا وسيلا ڪتب آڻدا وڃن ، اجلاس ۾ ، ڊائريڪٽر سينٽيشن مشتاق متو، ڊائريڪٽر انفارميشن فدا حسين شيخ ڊائريڪٽر ٽيڪس احد شيخ، ڊائريڪٽر ايڊمن ناصر خان، ڊاڪٽر ساجده سي ايم او ڪائونٽس آفيسر انيلا رياض ، بجٽ آفيسر عبدالستار ،انجنيئر ذوالفقار ،مجيب الرحمان سومرو ، ۽ ٻيا آفيسر پڻ موجود هئا. اجلاس . ٽائون چيئرمين نظير احمد پتو لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪندي چيو ته ابراهيم حيدري ٽائون چيئرمين نذير احمد پتو چيو ته ٽائون انتظاميه عوام کي سمورين سهولتن فراهم ڪري عوام جا مسئلا حل ڪرڻ ۾ ڪنهن به قسم جي غفلت يا سستي برداشت نه ڪئي ويندي، اسان سڀني کي عوام جو خادم بڻجي ڪم ڪرڻو پوندو ٽائون چيئرمين نذير احمد پتو اجلاس بعد ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي هدايتن تي عوام کي بلدياتي سهولتون سنڌن گهرن آڏو فراهم ڪري رليف ڏنو وڃي، عوامي مسئلن جي حل لاءِ ٽائون جي سمورن کاتن جي آفيسرن سان ميٽنگ ڪري کين هدايتون جاري ڪيون آهن عوام کي درپيش مسئلا جلد کان جلد حل ڪيا وڃن انتظامن بابت بريفنگ ڏيندي آفيسرن کي وڌ کان وڌ سهولتون فراهم ڪرڻ جا حڪم ڏئي ڇڏيا آهن.

بقايا 33 سنڌيار

جنگ ۾ اسان سڀني کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي، مهم دوران ضلعي جي سمورن ٻارڙن کي حفاظتي ڦڙا پيارڻ لاءِ سمورا انتظام مڪمل ڪيا وڃن. لاپرواهي ڪندڙ ورڪرن خلاف قانون موجب ڪاروائي ڪئي ويندي. اهڙن خيالن جو اظهار هن پنهنجي آفيس جي ڪاميٽي روم ۾ پوليو مهم جي حوالي سان ڪيل انتظامن جو جائزو وٺڻ لاءِ ڪرائيل گڏجاڻي جي صدارت ڪندي ڪيو. گڏجاڻي ۾ ڊي ايڇ او ڊاڪٽر الطاف سومرو سميت لاڳاپيل ميڊيڪل آفيسرن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر خطاب ڪندي چيو ته ضلعي گهوٽڪي ۾ پوليو مهم جي حوالي سان بهتر ڪم ٿي رهيو آهي پر وڌيڪ جذبي سان ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي ته جيئن ڪو به ٻار ڦڙن کان محروم نه رهي ان سلسلي ۾ لاپرواهي ڪندڙن خلاف ڪاروائي ڪئي ويندي جڏهن ته بهتر ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ جي حوصلا افزائي ڪنداسين ته جيئن اڳ کان وڌيڪ بهتر ڪم ڪن. ان کان اڳ اين اسٽاپ آفيسر ڊاڪٽر ظهير ڏومڪي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته 25 مارچ کان 31 مارچ تائين جاري رهندڙ پوليو مهم دوران ضلعي جي 4 لک 77 هزار ٻارڙن کي ڦڙا پيارڻ لاءِ انتظام مڪمل ڪيا ويا آهن. گڏجاڻي ۾ ڊبليوايڇ او جي ڊاڪٽر نياز ۽ يونيسيف جي ڊاڪٽر رحيم ڪڏائي پڻ شرڪت ڪئي.

بقايا 34 سنڌيار

جاري آهي. مسجدن. شاهراهه. اسپتالن ٻاهران افطار جو خاص انتظام. تفصيل موجب رحمتن ۽ برڪتن واري مهيني رمضان المبارڪ جي مقدس ڏهاڙي جمعي دوران شهرين. سماجي ۽ فلاحي تنظيمن سميت مخير حضرات پاران شهر جي مسجدن ۽ اسپتالن ٻاهران ۽ شاهراهه رستن تي اجتماعي افطارين جو سلسلو شروع ٿي ويو آهي، جنهن ۾ هر روزيدار کي دعوت ڏني وڃي ٿي. ان افطار جي پروگرامن ۾ مسجدن جا نمازي، بيمار، اسپتالن جا نگهبان ۽ شهرين کي اجتماعي افطار سميت سحري ۾ شرڪت ڪرڻ ۽ مسافرن، مسڪينن کي خاص طور تي شامل ڪيو پيو وڃي، جنهن جو مقصد روزو افطار ڪرڻ آهي. روزو رکڻ جو ثواب حاصل ڪرڻ آهي ۽ اڪثر ماڻهو پنهنجي گهرن ويجهو مسجدن ۽ سماجي حلقن جي انهن تنظيمن ڏانهن مرڪليندا آهن جيڪي عملي طور تي اجتماعي افطار جا دسترخوان سينگاريندين آهن ۽ ڪجهه مذهبي ۽ فلاحي تنظيمن ۽ مخير حضرات کان چندو ڏيڻ جي اپيل سان بينر ۽ پوسٽر لڳايا آهن ته جيئن انهن جي تعاون سان اهو سلسلو جاري رکي سگهجي.

بقايا 35 سنڌيار

شاگردن لاءِ ايندڙ رقم مان ڪٽوتي ڪري روزانو لکين روپيا ميڙڻ ۾ مصروف آهن غريب مسڪين عورتن ۽ ٻارڙن جي قسطن جي رقم مان 1000 کان 1500 روپين تائين ناجائز ۽ بنا ڪنهن خوف جي ڪٽوتي ڪئي پئي وڃي انتظاميا اگهور ننڊ ۾ ستل آهي جن عورتن جي ڪٽوتي ٿئي ٿي انهن جو چوڻ آهي ته اگر اسان هنن کي 1000 يا 1500 نٿا ڏيون ته اسان کي پريشان ڪيو ٿو وڃي ڪير به فرياد ٻڌڻ لاءِ تيار نه آهي ڪجهه ڏينهن پهرين ايس ايس پي قمر رضا جسڪاڻي حڪم جاري ڪيو هو ته بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي قسط واري رقم مان ڪٽوتي ڪندڙن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي جيڪو ايس ايس پي جو حڪم پوليس هوا ۾ اڏائي ڇڏيو ۽ هڪ ڊوائيز هولڊر موجب ته بدين پوليس بسپ جا آفيسر ۽ بينڪ ڪنيڪٽنگ جو عملو ۽ با اثر صحافي قسط شروع ٿيڻ کان پهرين اسان کان مقرر حصو اڳواٽ ئي وصول ڪندا آهن ۽ انهن جي اسان کي گارنٽي مليل آهي ته اسان جي خلاف ڪاٻه ڪاروائي نه ٿيندي بدين جي ڊيوائز هولڊر اهو به انڪشاف ڪيو آهي ته ايس ايس پي بدين آفيس جي هڪ عملدار ۽ ست صحافي پڻ ڊوائز هولڊر آهن جن جون ڊوائزون هلائڻ لاءِ باقاعدا ڏهاڙي تي ماڻهو رکيل آهن چونڊيل نمائندن توڙي قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کي ڊوائيز هولڊرن سميت بسپ ۽ بينڪنگ ڪنيڪٽنگ ۽ ان ۾ ملوث پوليس عملدارن کي قانون جي پڪڙ ۾ آندو وڃي اهڙن ڊوائيز هولڊرن جون ڊوائيزون ضبط ڪيون وڃن ۽ انهن جي سهولت ڪارن کي به سوگهو ڪيو وڃي انهن جي مٿان به قانوني ڪاروائي ڪئي وڃي.

بقايا 36 سنڌيار

گرفتار، هٿيار هٿ، پوليس مقابلن دوران زخمي ٿيل گرفتار ڌوهاري. ڦرلٽ، چوري، پوليس مقابلن سميت ڪيترن ئي سنگين ڪيسن ۾ گهربل هئا ايس ايس پي سکر عابد علي بلوچ ان سلسلي ۾ سکر پوليس جي ترجمان محمد بخش بلوچ پاران جاري ڪيل بيان موجب سکر پوليس جي مختلف ٿاڻن جي حدن ۾ پوليس ۽ ڌوهارين وچ ۾ 4 مختلف مقابلا ٿيا. جنهن ۾ پوليس چئن ڌوهارين کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري سندن قبضي مان هٿيار هٿ ڪري ورتا آهن جڏهن ته زخمين کي طبي امداد لاءِ اسپتال پهچايو ويو آهي پهريون مقابلو پنو عاقل ٿاڻي جي حد بٽير لنڪ روڊ پرسان ٿيو. جنهن ۾ پوليس ذوالفقار علي نالي هڪ ڌوهاري کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتو جوابدارن جي قبضي مان هٿيار هٿ ڪيا ويا. جڏهن ته جوابدار جا 3 ساٿي فرار ٿي ويا، ٻيو مقابلو پوليس اسٽيشن بي سيڪشن ۾ ريلوي گرائونڊ ويجهو ٿيو مقابلي دوران پوليس غلام سرور نالي هڪ ڌوهاري کي گرفتار ڪري ورتو جوابدار کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري سندس قبضي مان هٿيار هٿ ڪري ورتا. جڏهن ته جوابدار جا 3 ساٿي فرار ٿي ويا جڏهن ته ٽيون مقابلو ائيرپورٽ ٿاڻي جي ۽ چهابند لڳ ٿيو جنهنجي نتيجي ۾ هڪ ڌوهاري رجب عرف الله رکيو کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري سندس قبضي مان هٿيار هٿ ڪيا آهن جڏهن ته چوٿون مقابلو بي سيڪشن ٿاڻي جي پوليس ناڪه بندي دوران واٽر سپلاءِ وٽ چورن کي روڪڻ جو اشارو ڪيو ته چور فرار ٿي رهيا هئا ته ان دوران پوليس مقابلي بعد هڪ جوابدار امير خان کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتو سندس قبضي مان هٿيار هٿ ڪيا آهن جڏهن ته ٻه ساٿي فرار ٿي ويا، پوليس مقابلن جي حوالي سان ايس ايس پي سکر عابد علي بلوچ جو چوڻ آهي ته پوليس مقابلن دوران گرفتار ٿيل زخمي جوابدار ڦر، گهرن ۾ ڦر سميت ڪيترن ئي سنگين ڪيسن ۾ گهربل هئا. انهن خلاف مختلف ٿاڻن ۾ ڦرلٽ، چوري، پوليس مقابلن جا ڪيس پڻ داخل ڪيا ويا آهن. پوليس ٿاڻن ۽ مختلف ضلعن مان ڪرمنل رڪارڊ جي ڄاڻ حاصل ڪري رهي آهي. جڏهن ته پوليس پاران فرار ٿيلن جي ڳولا جاري آهي ۽ سخت ناڪابندي ڪئي وئي.

بقايا 37 سنڌيار

ڀرپور نموني سنڌو تهذيب جو ڏهاڙو ملهائي ڪيڪ ڪٽيو ويو، ان موقعي تي ڪرائيل تقريب کي سنڌي ادبي سنگت ضلعي ٽنڊو محمد خان جي ضلعي رابطا سيڪريٽري اعظم پٽي، شاخ ٽنڊي محمد خان جي سيڪريٽري رفيق آس لغاري، آغا جان آغا، گل خاصخيلي، مختيار نظامائي، اعجاز علي جسڪاڻي، ڊاڪٽر جمال ناصر سولنگي، گل محمد سومرو، پير ماجد جان سرهندي، محمد اشرف سليو، اياز لغاري ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته سنڌو تهذيب سان الستي عشق جو اظهار سڀني محب وطن فردن تي فرض آهي. سنڌ تهذيبن جي ماءُ آهي، سنڌو تهذيب ڪائنات جي عظيم ۽ قديم ترين تهذيب آهي، جنهن تهذيب جي تاريخي جوهر کي اجاگر ڪرڻ اسان سمورن سنڌ واسين جو فرض آهي، هنن چيو ته اڄوڪو ڏينهن ملهائڻ جو مقصد سنڌو تهذيب جي تاريخي ۽ آفاقي اهميت ۽ حيثيت کي اجاگر ڪرڻ آهي ۽ اهو ڏينهن پري ناهي جو پوري دنيا سنڌو تهذيب جو عالمي ڏهاڙو ملهائيندي. هنن چيو ته سنڌو تهذيب پٿرن جي دور کان وٺي اقتصادي ترقي ۽ سماجي اخلاقيات جي اوسر جي مرحلن مان گذرندي موجوده دور تائين هميشه امن، محبت ۽ ڀائپي ۽ جو پيغام سموري دنيا ۾ ڦهلايو آهي. جيڪو پيغام ئي سنڌ مٽي سڪار ۽ عالم سڀ آباد ڪرڻ جو درس آهي

بقايا 38 سنڌيار

ماڻهن ۾ امدادي سامان تقسيم ڪرڻ واري تقريب کي ورلڊ سادات اتحاد جي سربراهه سيد ذوالفقار علي شاهه مخاطب ٿيندي چيو ته پوري دنيا جي پٺ تي پيل ملڪن ۾ بک بدحالي جو سڀ کان غلط حڪمراني جي ڪري عوام بنيادي سهوليتن کان محروم ٿي رهيو آهي ، اسان جي ملڪ جي اندر حڪمرانن جي غلط پاليسين ، حڪمت عملين جي ڪري خوشحال پاڪستان هجڻ باوجود بدحالي جو شڪار آهي قدرتي وسيلا توڙي سمنڊ ، دريا ، جبل ، گئس ، تيل ، ڪوئلي جا ذخيرا هجڻ باوجود اسان غربت جو شڪار ٿي رهيا آهيون . عالمي سطح تي قرض حاصل ڪرڻ جا رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا آهن ، جيڪا صدين تائين قوم لاءِ تمام وڏو هاڃو ثابت ٿي سگهي ٿو ، جنهن جي ڪري اسان کي پنهنجي ملڪ ۽ سنڌ جي خوشحالي لاءِ اڳتي وڌي پنهنجي عوام جي ڀاءُ مالڪي ڪرڻي پوندي، جيڪو ڪم سرڪار جو آهي اهو ڪم سرڪار عوام جي ووٽن حاصل ڪرڻ باوجود سرانجام ڏئي نه سگهي آهي ، انهي موقعي تي سماجي اداري ٿيونيٽ جي جميل احمد مخاطب ٿيندي چيو ته عالمي سطح تي دنيا ۾ بک جو تمام وڏو سبب انساني حياتين کي وقت کان اڳ موت حوالي ڪري رهيو آهي جنهن جي ڪري عالمي سماجي اداري ٿيونيٽ عالمي سطح تي بک بدحالي جي خلاف جهاد شروع ڪري ڇڏيو آهي جنهن ۾ اسان جي ملڪ ۾ بنا ڪنهن مت ڀيد جي فرق انسانيت جي خدمت طور غريب مسڪين ماڻهن کي گهر ڏاهي ڏيڻ کان وٺي سنڌن هر ممڪن مالي سهائتا ڪئي وڃي پئي , جنهن تحت کين کاڌ خوراڪ جو سامان پڻ وڏي تعداد ۾ ڏيڻ جو ڪم شروع ڪيو ويو آهي ، انهي موقعي تي مستحق 300 خاندانن ۾ راشن تقسيم ڪيو ويو.

بقايا 39 سنڌيار

اجلاس کي خطاب ڪندي صوبائي وزير جيل علي حسن زرداري چيو ته وزير اعليٰ سنڌ پاران رمضان المبارڪ جي ڀلاري مهيني دوران عوام کي کاڌي پيتي جي شين ۾ ريليف فراهم ڪرڻ ذخيره اندوزي ۽ منافعي خوري کي روڪڻ لاءِ صوبائي وزيرن کي جيڪي ذميواريون سونپيون ويون آهن انهن تي هر صورت ۾ عملدرآمد ڪرايو ويندو. ڪنهن به دڪاندار يا ڊيلر کي ذخيره اندوزي ۽ منافعي خوري ڪرڻ جي هرگز اجازت نه ڏني ويندي هن وڌيڪ چيو ته سنڌ حڪومت پاران عوام کي رليف فراهم ڪرڻ لاءِ هر ممڪن ڪوششون ورتيون پيون وڃن انهي سلسلي ۾ عام واهپي جي شين جي قيمتن جو لسٽون نه لڳائيندڙ اسٽاڪ بابت درست ڄاڻ نه ڏيندڙ ۽ حڪومت (ڊپٽي ڪمشنر) پاران جاري ڪيل ريٽ لسٽ کان وڌيڪ قيمتون وٺندڙ ڊيلر يا ذخيرو ڪندڙن مٿان هڪ لک روپيا، دڪاندارن مٿان 20 هزار ۽ ريڙهن وارن تي 10 هزار روپين جو ڏنڊ لڳايو ويندو صوبائي وزير ٽنهي ضلعن جي ڊپٽي ڪمشنرن کي هدايت ڪئي ته هو عوام کي ريليف فراهم ڪرڻ. منافعي خوري کي روڪڻ لاءِ هر ممڪن قدم کڻن جڏهن ته عوامي شڪايتن جي ازالي لاءِ شڪايتي سيل پڻ قائم ڪيا وڃن صوبائي وزير کين اها پڻ هدايت ڪئي ته سمورا لاڳاپيل عملدار روزاني جي بنياد تي فيلڊ ۾ اچي قيمتن جو جائزو وٺن ته جيئن عوام کي ريليف فراهم ڪري سگهجي ان موقعي تي اجلاس کي آگاهي ڏيندي ڪمشنر شهيد بينظيرآباد ڊويزن سيد محمد سجاد حيدر ٻڌايو ته ڊويزن جي ٽنهي ضلعن ۾ احترام رمضان آرڊيننس تي عمل ڪرائڻ، ذخيره اندوزي ۽ منافعي خوري کي روڪڻ لاءِ لاڳاپيل ڊپٽي ڪمشنر ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر پاران پهرين رمضان کان مارڪيٽن جا دورا ڪري قيمتن جو جائزو ورتو پيو وڃي جنهن تحت هن وقت تائين 2611 مختلف دڪانن جو دورو ڪري قيمتن جو جائزو ورتو ويو آهي انهن دورن دوران 261 منافعي خورن مٿان 2 لک 76 هزار 900 روپيا ڏنڊ لاڳو ڪيو ويو ۽ 3 هوٽل سيل ڪيا ويا آهن هي ڪاروائيون آخري روزي تائين جاري رهنديون هن وڌيڪ ٻڌايو ته عوام جي شڪايتن جي ازالي لاءِ ٽنهي ضلعن جي ڊپٽي ڪمشنر ۽ ڪمشنر آفيس سميت مارڪيٽ ۾ پڻ شڪايتي ڪنٽرول روم / شڪايتي ڊيسڪ قائم ڪيا ويا آهن اجلاس ۾ ٽنهي ضلعن جي ڊپٽي ڪمشنر پاران پنهنجي پنهنجي ضلعن ۾ منافعي خورن ۽ ذخيره اندوزن خلاف ڪيل ڪاروائين ۽ عوام کي ريليف فراهم ڪرڻ جي حوالي سان کنيل قدمن بابت تفصيلي آگاهي ڏني وئي. اجلاس ۾ ڊپٽي ڪمشنر سانگهڙ عمران الحسن خواجا، ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظيرآباد زاهد حسين رند، ڊپٽي ڪمشنر نوشهروفيروز ارسلان سليم، ايس ايس پي شهيد بينظيرآباد تنوير حسين تنيو ايڊيشنل ڊائريڪٽر زراعت محمد رمضان چنه، اسسٽنٽ ڊائريڪٽر بيورو آف سپلائي مظهر شر فوڪل پرسن شهيب شاهه، انچارج يوٽلٽي اسٽور ذوالفقار جمالي، اسسٽنٽ ڪمشنر جنرل غلام مرتضيٰ گهانگهرو ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن جي عملدارن شرڪت ڪئي.

بقايا 40 سنڌيار

سخت ڳڻتي جو اظهار ڪندي ان کي حڪومت جي بدترين ناڪامي قرار ڏنو ۽ چيو آهي ته پ پ لاڳيتو چوٿين ڀيرو اقتدار ۾ اچڻ باوجود سنڌ جي عوام کي امن به ناهي ڏئي سگهي. شهرين جي جان مال جي حفاظت ڪرڻ هر حڪومت جي اولين ذميواري هوندي آهي، پر ان جي ابتڙ سنڌ حڪومت ظالم وڏيراشاهي نظام کي مضبوط ڪيو آهي جن ڌوهاري ٽولن سان گٺ جوڙ ڪري حڪومتي رٽ کي چيلنج ۽ عوام جو جيئڻ مشڪل بڻائي ڇڏيو آهي. پنجاب،سنڌ ۽ بلوچستان جي دنگ تي ڪچي جو علائقو ڌاڙيلن جي قبضي ۾ آهي، بي گناهه ماڻهن کي اغوا ڪري تشدد ۽ گولين هڻڻ جون وڊيوز جاري ڪيون وڃن ٿيون، بي شمار خاندان سخت اذيت جو شڪار آهن. عوام کي جان، مال ۽ عزت جو تحفظ حاصل ڪونه آهي. اهڙن خيالن جو اظهار هن ڳوٺ امام الدين بجارائي ۾ روڊ حادثي ۾ شهيد ٿيندڙ جماعت اسلامي جي مرڪزي شوريٰ جي رڪن مولانا عبدالحفيظ بجارائي جي وارثن سان تعزيت کان پوءِ ميڊيا سان ڳالهه ٻولهه ڪندي ڪيو لياقت بلوچ مرحوم جي مغفرت، درجات جي بلندي ۽ پوئرن لاءِ صبر جميل جي دعا پڻ ڪئي، مرحوم جو ننڍو ڀاءُ امداد الله بجارائي، فرزند انيس احمد بجارائي سميت ٻيا مقامي اڳواڻ پڻ موجود هئا. لياقت بلوچ وڌيڪ چيو ته مرحوم عبدالحفيظ بجارائي پنهنجي علائقي سميت سڄي سنڌ ۾ جماعت اسلامي جي سڃاڻپ جو نشان هو. آخري دم تائين خود ۽ سمورو خاندان جماعت اسلامي سان شريعت جي نظام کي نافذ ڪرڻ لاءِ جدوجهد ۾ شامل رهيا. هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته سنڌ، بلوچستان ۽ پنجاب جون حڪومتون عوامي مسئلا حل ڪرڻ کان لاتعلق بڻيل آهن عوام جو ڪوبه والي وارث ڪونه آهي. ڪچي ۾ ڌاڙيل راڄ ۽ پڪي ۾ سنڌن سهولتڪار موجود آهن. وزيراعليٰ مريم نواز، مراد علي شاهه ۽ سرفراز بگٽي عوام جو احساس ڪن. عوام کي جان، مال ۽ عزت جو تحفظ ڏين. ٽن صوبن جي دنگ تي عوام حڪومتي تحفظ کان محروم ۽ ڌاڙيلن جي نشاني تي آهن. حڪومتون ڪجهه ڏينهن نمائشي قدم کڻن ٿيون ۽ وري ساڳي انڌيري رات ۽ ڌاڙيل راڄ هوندو آهي. حڪمران عوام کي تحفظ نٿا ڏئي سگهن ته کين اقتدار ۽ عوام مٿان مسلط رهڻ جو ڪوبه حق ڪونه آهي. جماعت اسلامي متاثر علائقن ۾ پهرين به امير جماعت سراج الحق جي اڳوائي ۾ ريليون ۽ مارچ ڪيو چڪي. مقامي طور تي هڪ مهيني تائين ڌرڻو هنيو ويو آئنده به امن مارچ ڪنداسين ۽ عوام جي جان، مال، توڙي عزت آبرو جي حفاظت لاءِ سنڌن جذبن جي ترجماني ڪئي ويندي.#

بقايا 41 سنڌيار

يونيورسٽي ڪيمپس نوشهرو فيروز جي عهديدارن محترمه. ثانيه راڄپر، معراج فاطمه. دعا رسول، سمير سومرو ۽ عصماء اقبال ڊائريڪٽر اسٽيڪس ميمڻ، ميمڻ، صدر ليڊرس سوسائٽي محترمه. ثانئا سولنگي، سرپرست اعليٰ ۽ پرو وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر اظهر علي شاهه جي نگراني ۾ 23 مارچ 1940ع جي قرارداد پاڪستان جي هيرن کي خراج تحسين پيش ڪرڻ لاءِ ڪيمپس جي آڊيٽوريم هال ۾ شاندار تقريب منعقد ڪئي. هن تقريب ۾ چئرمين ضلع ڪائونسل نوشهرو فيروز محترم سهيل اختر عباسي، صدر بار ايسوسيئيشن لاڙڪاڻو محترم اياز حسين مري، محترم اشفاق احمد ٽگڙ، محترم شير محمد اڄڻ، محترم عبدالقادر خانزادو، محترم علي حسن، محترم صدام حسين شاهه، پرنسپال پيپلز اسڪول نوشهرو فيروز محترمه. تافشين ميمڻ ۽ ٻين اعزازي مهمانن سميت استادن ملازمن ۽ شاگردن تمام وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي. تقريب جي شروعات ۾ مير شهباز نگينه. ڪوسو، غلام علي ٻهڻ، معراج فاطمه، ثانيه راڄپر ۽ ٻين قرارداد پاڪستان جي حوالي سان تقريرون، شاعري ۽ ملي نغمه پيش ڪندي چيو ته 22 کان 24 مارچ 1940 لاهور ۾ منعقد ٿيل مسلم ليگ جي ڪانفرنس جي صدارت قائد اعظم محمد علي جناح ڪري رهيو هيو جنهن ۾ محمد ظفرالله خان (جيڪو بعد ۾ پاڪستان جو پهريون وزير خارجه. انٽرنيشنل ڪورٽ آف جسٽس جو پهريون ايشين صدر. گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي جو صدر پڻ مقرر ٿيو) بر صغير جي مسلمانن لاءِ اڪثريت جي بنياد تي آزاد ۽ خودمختيار رياستن جي قرارداد جو مسودو تيار ڪيو. ظفرالله خان جي تيار ڪيل قرارداد شير بنگال ابل قاسم فضلل حق (جيڪو بعد ۾ پاڪستان جو وزير داخله ۽ بنگال جو وزير اعلي بڻيو) پيش ڪئي جڏهن ته انجي تائيد چوڌري خليق زمان ڪئي. اهڙي طرح دنيا جي تاريخ ۾ پهرين دفعو جمهوري طريقي سان برصغير جي مسلمانن لاءِ آزاد ۽ خودمختيار رياستن ڏاهن جي گهر سان گڏ بهترين حڪمت عملي سان جدوجهد شروع ٿي جنهجي نتيجي ۾ انڊس ويلي سولائيزيشن (سنڌو ماٿري تهذيب) پاڪستان جي نئين نالي سان پنهجو آزاد ۽ خود مختيار تاريخي وجود برقرار رکيو ۽ اهڙي طرح 23 مارچ 1956 جي آئين مطابق اسلامي جمهوريه پاڪستان دنيا جي پهرين اسلامي جمهوريه ملڪ بڻيو ان موقعي تي خطاب ڪندي ڊاڪٽر اظهر علي شاهه قومن جي عروج ۽ زوال متعلق ابن خلدون جي عصبيه نظريئي جي وضاحت ڪندي چيو ته جيڪڏهن اساتڪي پاڪستان جي مظبوط ۽ پرامن خوشحال ۽ طرقي يافت بنائڻو آهي ته اهو صرف ايڪتا سان ئي سگهي ٿو اها ايڪتا جنهنجي بنياد تي پاڪستان وجود ۾ آيو. اچو ته سڀ گڏجي ان ايڪتا کي سمجهون ۽ اپنايون ۽ پنهنجي تعليمي معيار جي بهتري سان سنڌو ماٿري تهذيب جي شاندار ماضي جيان پاڪستان ڀيهر عالمي مڃتا ماڻي سگهجي ٿو. مهمان خاص محترم سهيل اختر عباسي طرفان شاگردن جي تعليمي معيار جي تعريف ڪندي ڪيمپس ۾ ڀرپور سهولتون مهيا ڪرڻ ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪرڻ جي خاطري ڪرائي ۽ هڪ مڪمل يونيورسٽي آف نوشهرو فيروز جي قيام لاءِ پڻ هر ممڪن مدد لاءِ هميشه اڳتي وڌڻ جي خاطري ڪرائيندي قرارداد پاڪستان جي اهميت ۽ افاديت تي پڻ پنهنجا خيال پيش ڪيا.